# صبح ٿيندو



# سنڌي عوام کي بنيادي سياسي تعليم ڏيو

●

سنڌي عوام جي انقلابي ۽ وطن دوست جدوجهد گذريل ٽورن سالن ۾ تاريخي واڌارا ڪيا آهن ۽ اهم فتحون حاصل ڪيون آهن. سنڌي قوم جي سياسي سمجهه ۽ شعور جو معيار اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪافي مٿي ٿيو آهي.

ساڳئي وقت انهيءَ جدوجهد ۾ اسان جون ڪيتريون قومي ڪچايون، اوڻايون ۽ ڪوتون به ٿوري عرصي اندر ظاهر ٿي پيون آهن. گذريل تجربي ڏيکاريو آهي ته جنهن وسيع، گهري ۽ جٽادار قومي ٻڌيءَ کان سواءِ اسان جي ڪاميابي ناممڪن آهي، تنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي تمام وڏي عرصي لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي ۽ ڪيتريون وڏيون رڪاوٽون ۽ مشڪلاتون دور ڪرڻيون پونديون.

## قومي ٻڌيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي!

سڄي قوم قومي مسئلن تي ٻڌي ڪري، گڏجي، اڳتي وڌي، تنهن لاءِ لازمي آهي ته اسان جي بنيادي قومي سوچ ساڳي هجي، قومي مقصد ساڳيا هجن ۽ اڳتي وڌڻ جو رخ ۽ لاڙو ساڳيو هجي. اسان کي خبر

هجي تہ اسان کي کھڙي وات وٺڻي آهي. ڪھڙن ورن وڪڙن، پيچرن ۽ لڪن مان لنگھڻو آهي. ڪٿي ڪٿي رستي تان پلجڻ يا ترڻ جو خطرو آهي ۽ ڪيئن ان کان بچجي. ٻين لفظن ۾، ڪامياب انقلابي وطن-دوست جدوجھد لاءِ ۽ قومي پڌيءَ لاءِ اسان وٽ صحيح انقلابي ۽ عوامي وطن-دوست (١) مقصد، (٢) جذبو، (٣) وات ۽ (٤) ڪم جو ڍنگ هئڻ گھرجي.

انهن ڳالهين سکڻ ۽ پرائڻ لاءِ اسان وٽ چار مکيہ ذريعا ۽ وسيلا آهن. پھريون ذريعو آهي انساني سماج جي واڌاري جي جدلي قانونن جي ڄاڻ. انسان فطرت جو حصو آهي. انساني سماج جو واڌارو بہ انهن قانونن جو پابند آهي، جيڪي فطرت جي ٻين شين سان لاڳو آهن. اسين فطرت جي ذري ذري گھٽ اٽل قانونن جي واقفيت ۽ ڄاڻ جي روشنائيءَ جي مدد سان اڳتي وڌنداسين، تہ ڪامياب ٿينداسين، پر جي انهن جي خلاف هلنداسين، تہ اهو غير فطري ۽ غير سائنسي ڪم لازمي طور ناڪام رهندو.

ٻيو ذريعو آهي انساني سماج جي تاريخ جي سائنس يا تاريخ ماديت، جنهن مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ انساني سماج ڪھڙن قانونن مطابق، ڪھڙن ڪھڙن ڏاڪن ۽ ڪھڙين واٽن تان لنگھي، هتي پھتو آهي ۽ سندس آئيندي جو رخ، لاڙا، واٽون ۽ منزلون ڪھڙيون نظر اچن ٿيون.

ٽيون ذريعو آهي اسان جي پنهنجي وطن ۽ قوم جو تاريخي تجربو، جنهن مان اسان کي خبر پوي ٿي ته اسان جي قوم ۽ اسان جو وطن ڪهڙي خاص واٽ ڏيئي، هني پهتو آهي، ۽ انساني قافلي ۾ اڳيءَ، هاڻ ۽ اڳتي سنڌس جڳهه ڪهڙي پئي رهي آهي، ۽ ڪهڙي رهڻي آهي.

انقلابي وطن - دوست جدوجهد جي صحيح رخ ۽ لاڙن، منزلن ۽ واٽن سمجهڻ ۽ رٿڻ ۽ انهن تي هلڻ لاءِ چوٽين مکيہ مدد اسان کي اچوڪي انقلابي دور جي انقلابي قومي تحريڪن ۽ اڳواڻن جي تاريخ جي مطالعي سان ملندي.

آنهن سمورين ڳالهين جي پڪيءَ پختيءَ چاڻ کي ڳنڍي انقلابي علم ۽ سائنس ڪونجي ٿو. اها سائنس ڳنڍيل سوا سؤ سالن ۾ ٺهي جڙي آهي. ان جي ٺهڻ ۾ ڪروڙين انسانن جو تجربو، جدوجهد، خون ۽ قربانيون آهن. هزارين اعليٰ، نيڪدل ۽ انقلابي عالمن، اڪابرن ۽ مجاهدن جون دليون ۽ دماغ، عقل ۽ ڏاهپ ڪتب آيا آهن. انسان ذات جي واڌاري جي دشمنن، سرمائيدار ظالمن ۽ قومن کي غلام بنائي ستائيندڙن آن علم ۽ سائنس کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ آزمائڻ تي سخت بندش وڌي آهي ۽ ان لاءِ سخت سزائون پئي ڏنيون آهن. آن ڪري دنيا جو گهڻو عوام ان جي بي پناهه فائدن

کان محروم رهجي ويو آهي. سنڌي عوام کي پنهنجي عوامي وطن-دوست جدوجهد جي ڪاميابيءَ لاءِ ان علم ۽ سائنس جي ڄاڻ جي سخت ضرورت آهي.

**انقلابي سائنس جو سنجيده ۽ گهرو مطالعو گهرجي.**

انقلابي سائنس البت ڪجهه ڏکي ۽ پيچيدي سائنس آهي، ۽ ڪافي گهري ۽ سنجيده مطالعي ۽ غور بعد سمجهه ۾ ايندي.

پر ان کي سمجهڻ بنان ڪابه تحريڪ نه وجود ۾ اچي سگهي ٿي ۽ نه ئي وري مشڪل ۽ ورن وڪڙن واريءَ جدوجهد ۾ پير پختا رکي، اڳتي وڌي ويجهي ۽ ڪامياب ٿي سگهي ٿي.

تنهن کان سواءِ رڳو ڪن ٿورن عالم قسم جي ماڻهن ڪٽي اها سمجهي به چڏي، ته به ان جو تيستائين ڪوبه فائدو ٿي نه سگهندو، جيستائين آهي ان کي عملي ميدان ۾ ڪتب آڻڻ جو هنر به سکن ۽ خاص ملڪي حالتن موجب آن ۾ گهربل نوان واڌارا ۽ سڌارا نه ڪن.

اهو عمل ڪامياب ٿئي، تنهن لاءِ وري اها ڳالهه لازمي آهي ته عوام نه، ته به عام ڪارڪن ته ضرور ان جون تمام بنيادي ۽ لازمي ڳالهيون چڱيءَ طرح پروڙي وٺن.

اسان جا عام ڪارڪن اڪثر اڻ پڙهيل آهن. ڪي ٿورا پر چار درجا انڊا منڊا پڙهيل آهن. سنڌي انگريزي چاڙهنڊڙ ۽ اعلى تعليميافته ڪارڪن نه هئڻ جي

برابر آهن. تنهنڪري انقلابي سائنس جي تعليم جو نصاب به، في‌الحال ۽ فوري مقصد لاءِ، مواد توڙي بيان جي خيال کان، ڪجهه ٿورو به هجي ۽ بلڪل آسان به هئڻ کپي. تجويز طور ان جو خاڪو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

الف :- انقلابي سائنس جي تعليم مقدار ۾ ڪيتري به ٿوري هجي، پر معنيٰ ۽ مفهوم جي خيال کان اها اعليٰ کان اعليٰ سطح جي هجي، بلڪ بين‌الاقوامي معيار جي هجي، آن ۾ ڪابه ڳالهه غلط نه هجي، ڪوبه ضروري پهلو نظرانداز نه ڪيل هجي، ڪنهن به پهلوءَ تي اجايو گهڻو زور نه ڏنل هجي. مطلب ته اها اهڙي معيار ۽ مقصد واري هجي، جنهن ۾ هر احوال، ڳالهه، نظريي يا واقعي جو سڀ طرفو، تاريخي، صحيح توازن وارو، سلسليوار، جدلي (يعني ارتقائي توڙي انقلابي تبديلين کي واضح ڪندڙ)، ڪڙي ڪڙيءَ سان مليل، پاڻ ۾ ٺهڪندڙ، اصلي روپ ڏيکاريل هجي.

ب :- بيان جي ڍنگ جي خيال کان اهم احوال اهڙو تمام سادو، سنئون سڌو، صاف، چٽو، مڪمل، ۽ پيچيدگين، مونجهارن، خالي علمي مفروضن ۽ استعارن، اجاين پٽاڙن ۽ سگهڙين لفظن کان پاڪ ۽ مختصر هجي، ۽ ساڳئي وقت مطلب سان اهڙو ڀرپور هجي، جو اڻ پڙهيل ماڻهوءَ کي پڙهي ٻڌائجي، ته هڪدم سڄي ڳالهه سمجهي وڃي ۽ هڪدم محسوس ڪري ته، ڪا تمام وڏي، تمام ڪم جي، تمام نئين ۽ تمام وڻندڙ، سرهائي

ڏيندڙ، دل ۽ دماغ جي ڪايا پلٽيندڙ ڳالهه ڀڏي اٿم، جا وسارڻ سان نہ وسرندي .

ت :- ساڳئي وقت آن سادگيءَ ۾ اهڙو تہ فن هجي، اهڙو تہ اثر هجي، اهڙي معنوي پختگي ۽ قوت هجي، جو پ-ي- ايڇ- ڊي- پڙهيل ماڻهو، جو اڳ هن سائنس جو پاڻ کي عالم سمجهندو هجي، سو بہ هڪدم محسوس ڪري تہ هيءَ ڳالهہ پهريون دفعو صاف ۽ مڪمل اڄ سمجهي اٿم.

ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل معيار جي درسي ڪتابڙن جي ضرورت آهي، جن کي ٽن پاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو :

پهريون پاڱو : هن پاڱي ۾ اهڙن ڪتابڙن جا ٽي درجا هئڻ گهرجن .

(الف) درجو پهريون - اهڙا ڪتابڙا، جن ۾ انقلابي سائنس ۽ تاريخ جي تعليم تہ دلچسپ ڪهاڻيءَ ۽ رنگين داستان جو گهرو رنگ چاڙهيل هجي. پڙهندڙ ان ۾ آيل اصولن ۽ نڪتن کي فقط اتفاقي سمجهن، پر انهن جو اڻ سڌيءَ طرح گهرو اثر ضرور قبول ڪن . ان لاءِ هيٺيون رٿون پيش ڪجن ٿيون :

موجوده دور ۾ جن قومن عظيم جدوجهدون هلائي، آزادي حاصل ڪئي آهي ۽ پنهنجي عوام کي ظلم، غلاميءَ، جهالت ۽ غربت کان نجات ڏياري آهي، تن جي، مثلاً لينن، هوچي مين، مائوزي تونگ، سوئيڪارنو،

خلاف جدوجهد ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي ذهن کي صحيح سوچ ۽ صحيح چاڻ سان هٿيارٻند ڪرڻ کپي. خاص ڪري، هر انقلابي وطن - دوست هاريءَ، پورهيت، شاگرد، استاد، اديب، عالم ۽ دانشور قومي ڪارڪن جو فرض آهي ته، هو هن اهم بنيادي قومي ڪم کي هٿ ۾ کڻن ۽ پنهنجي عوام ۽ قوم جي واڌاري جي راه روڪيندڙ سياسي اڻ چاڻائيءَ جو پربت ڏاهي پٽ ڪن، نه ته ان اڻ چاڻائيءَ لاءِ اسان کي ڪو زمانو ڳريون قومي چٽيون ۽ نقصان ڀرڻا پوندا. اسان جي راه اڻانگي، لمبي ۽ ڪٺن آهي. ان لاءِ هينئر کان ئي تياري ڪرڻ کپي.

هي تان ڏورڙيون جي تو پورا پانڌيون،
راتيون ڀيون گهٽيون، جي تو اينديون هيڪلي.

جيڪي سنڌي هاري، پورهيت، شاگرد، استاد، اديب ۽ دانشور قومي ڪارڪن انهيءَ ڪم ۾ پاڻهن ڀيلي ٿيڻ لاءِ تيار هجن، ۽ انهن سياسي تعليمي ڪتابڙن لکڻ، نقل ڪرڻ، انهن کي هارين، پورهيتن، شاگردن، پڙهيلن ۽ ٻئي عوام تائين پهچائڻ ۽ وڪڻڻ لاءِ ڪارائتين رٿن، صلاحن، لکڻين، مالي مدد ۽ جسماني پورهئي لاءِ تيار هجن، سي سنڌي عوامي تحريڪ (ڳاڙي ڪاتو. حيدرآباد) جي دفتر ۾ اچن، ۽ پنهنجون خدمتون پيش ڪن. سنڌي عوامي تحريڪ طرفان انهيءَ سلسلي ۾ هوچي من ۽ ماؤ جي تونگ شايع ٿي چڪا آهن،

۾ هاڻ روس جي برک انقلابي ڪامريڊ لينن جي سوانح حيات شايع ڪري پيش ڪئي ويندي.

[”تحريڪ“ نومبر ۱۹۷۲ع]

---

هن سلسلي ۾ وڌيڪ هي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن:

۱- قيدياڻي جي ڊائري
۲- جيڪي بنگال سان ٿيو
۳- جي ماريا نہ موت
۴- قومي انقلابي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جي اهميت
۵- ٻاڙهو لالٽين
۶- ڪميونسٽ پڌرنامو
۷- هارين جي بغاوت
۸- ڏراڙن جا ڏک
۹- ويٽنامي انقلاب
۱۰- واڻون وڻهه ٽيون
۱۱- نئون ڳوٺ پراڻو ڳوٺ

# وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو لازمي حصو آهي

سنڌي قوم سان روز ازل کان وٺي پٽو ويل آهي. هڪڙي پاسي گهر ۾ ويٺل دشمن يعني وڏيرا، مير، پير ۽ ملان سندن هڏا پيا ڪرٽين، ته ٻئي پاسي نت نوان ڌاريان ڦورو ٽولا سندن باقي رهيل ميڙي چونڊي ناس ڪريو وڃن. سوال آهي ته اِنهن ٻن بلائن مان ڪنهن ڪي منهن ڏجي؟

سنڌي عوام جي ڀرپاڙيءَ واري اڪثريت وڏيرا - شاهيءَ خلاف دانهون ٿي ڪري، ان ڪي پنهنجو اصل دشمن ٿي ليکي، ۽ ان جي خلاف جدوجهد ڪي ئي پهرين اهميت ڏئي ٿي. شهرن جا پڙهيل ڳڙهيل سفيد پوش رڳو پنجابي - پناهگير سامراج خلاف جدوجهد ڪي ئي اهميت ڏين ٿا، سنڌي عوام جي وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد ڪي به اهميت نٿا ڏين. انهيءَ ڪري قوم جي گهڻي ڀورهيت عوام ۽ ٿوري سفيد پوش طبقي جي وچ ۾ ڪو به اتحاد پيدا ٿي نٿو سگهي. پڙهيل هڪڙو راڳ پيا آلاپين، ته اڻ پڙهيل عوام ٻيو. جڏهن ڪا ڳالهه ٿئي ٿي ۽ پڙهيل طبقو سنڌ - دشمن سان ٽڪر کائي ٿو، ته ٿوريءَ دير ۾ ئي کيس پنهنجي اڪيلائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳي ٿو ۽ هو مايوسيءَ وچان سوچڻ لڳي

ڏو تہ سنڌي قوم ۾ قومي غيرت ناهي.

آن جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي تہ، سنڌي پڙهيل طبقو سنڌي عوام جي نقطي کي سمجهڻ جي ڪوشش نٿو ڪري، ان جي مسئلن کي نظر انداز ڪري ٿو، آن جي دشمن کي پنهنجو دشمن نٿو ليکي، آن جي جدوجهد جي پٺڀرائي نٿو ڪري؛ رڳو پنهنجي مطلب جي ڳالهہ ٿو ڪري ۽ پائنڊي ٿو تہ سنڌي پورهيت عوام پنهنجي مطلب جون ڳالهيون ڇڏي، رڳو پڙهيلن جي مطلب جي ڳالهين لاءِ جدوجهد هلائي.

آن جو حل اهو آهي تہ ٻنهي ڌريون هڪٻئي جي مسئلن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ هڪٻئي جي دشمن خلاف گڏجي جدوجهد هلائين.

پڙهيل پنهنجو مطلب اخبارن، رسالن ۽ تقريرن ذريعي سالن کان بيان ڪندا رهيا آهن. هاڻي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌين جي زبردست اڪثريت، يعني ٻهراڙيءَ جي هاريءَ ۽ پورهيت عوام، جي سڀ کان وڏي مسئلي، يعني وڏيراشاهيءَ خلاف جدوجهد، جي اهميت کي سمجهجي.

سنڌ جي نيڪ نيت ۽ انصاف پسند ماڻهن ۾ انهيءَ ڳالهہ بابت گهڻو مونجهارو آهي. وطن جا ڪيترا گهڻگهرا ۽ پڙهيل ڳڙهيل سنڌي ماڻهو پرمارن جي خلاف جدوجهد جي اهميت سمجهن ٿا، پر وڏيراشاهيءَ جي خلاف عوامي جدوجهد جي بنيادي اهميت نٿا سمجهن.

هو سمجهي نٿا سگهن ته وڏيراشاهيءَ خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو تمام اهم ۽ لازمي حصو آهي ، ۽ وڏيرا شاهيءَ خلاف عوامي جدوجهد جي پنيرائي ڪرڻ کان سواءِ ”جيئي سنڌ“ جي قومي جدوجهد هرگز اڳتي وڌي، مضبوط نه ٿي ٿي سگهي. آن کان سواءِ قومي جدوجهد جي ڪامياب ٿيڻ جو سوال ئي پيدا ٿي نٿو سگهي. اڪثر سمجهو، نيڪ نيت ۽ وطن جا گهڻگهرا ماڻهو انهيءَ باري ۾ گهٽي ياگي هيٺئين نموني سوچين ٿا:

(١) اسان جو اصل دشمن پناهگير - پنجابي سامراج آهي. آهو سنڌ - دشمن پناهگير - پنجابي وڏو زميندار، سرمائيدار، ڪوڙو ڪليمنٽ، پرمار وچون طبقو آهي، جنهن ٢٥ سال سنڌ توڙي سڄي پاڪستان کي مال غنيمت سمجهي، ڦريو، لٽيو ۽ ڇپاڙيو آهي. انهن جي تازي ۽ فاشسٽ ذهنيت جو بدترين مثال اوير پاڪستان واري ڪربلا آهي. نه رڳو سنڌ پر سڄي پاڪستان جي مظلوم ماڻهن ۽ قومن جو فرض آهي ته پاڻ ۾ گڏجي، انهيءَ آفت کي منهن ڏين، ۽ پنهنجون قوتون ڪنهن به ٻئي مورچي تي ضايع نه ڪن. خاص ڪري سنڌين جهڙي ڇوطرف گهيريل ۽ وڪوڙيل قوم کي ٻئي ڪنهن به ڦڏي ۾ پوڻ نه گهرجي.

(٢) وڏيرا ڪٿي ڪهڙا به آهن، تہ به آهن تہ پنهنجا، هوندن به وڏيرن جو اڳوڻو زور ڪونهي. وڏيرا-

شاهي آهستي آهستي ختم ٿيي، پاڻيهي پنهنجي موت
مري ويندي. پر چا به ڪٿي هجي، هي نازڪ ۽ ڏکيو
وقت آهي. هي گهر جي پاڻين سان وڙهڻ جو ٽائيم
ڪونهي. هينئر سڀ ميڙي مُٺ ٿيون ۽ سنڌ-دشمن
سان مقابلو ڪري سنڌ بچايون. پوءِ جڏهوڪا لُڙ
تڏهوڪا پاڻي. جي پوءِ به وڏيرن گهٽي ڪئي،
ته انهن کي به ڏسي وٺبو.

(٣) پر جي هرويرو سمجهجي ڪٿي ته پاهريان
سنڌ-دشمن ۽ سنڌي وڏيرا شاهي هڪ جهڙا دشمن آهن،
ته به هڪڙي وقت تي پنهي سان وڙهڻ بيوقوفي ٿيندي.
اول پاهرين سنڌ-دشمن کي منهن ڏيئي سنڌ بچائجي،
پوءِ هنن اندرين سنڌ-دشمن کي به ٺيڪ ڪري ڇڏبو.

انهيءَ سوچ وارا وطن دوست ساٿي هيٺيون ڳالهيون
يا ته نه ٿا سمجهن يا نظر انداز ٿا ڪن:

## (١) پاهرگير - پنجابي سامراج جي اصل جڙ ۽ بنياد وڏيرا شاهي آهي.

سنڌ، سرحد، بلوچستان ۾ ڏقيانوسي، رجعت پرست
۽ عوام-دشمن قبائلي، سرداري ۽ وڏيرڪو نظام حاوي
نه هجي ها، ۽ هڪڙي طرف ماڻهو وڏيرن، رئيسن،
پوتارن، سردارن، ميرن ۽ پيرن جا ماريل، پيڙيل ۽
ذليل ڪيل نه هجن ها، ۽ وڏيرڪي نظام جا پيدا
ڪيل مرض يعني بک، بيماري، جهالت ۽ خوف مٿن

## ٻارن وچ ۾ ٽيون، سنڌين کي دساڻي ٿي ۔

وڏيرا شاهي سنڌي عوام جي نڙيءَ تي لت رکيو ويٺي آهي. عوام وڏيرن ۽ سندن دلال ڪامورن جي ڦرلٽ، ڏاڍ، ڌڪاڌڪ، ڪوڙن ڪيسن، ڦرين، قيدن جي اشڪنجي ۾ اهڙا ته قابو آهن، جو هنن کي پنهنجي تن جو به هوش ڪونهي. سندن ساهه سدائين سوريءَ تي ٽنگيل آهي. انهيءَ ڪري هو ملڪي معاملن ۽ قومي مسئلن جو سماءُ ئي نٿا لهي سگهن. ڪين خبر ئي ڪانهي ته ڪنهن جي بازار پئي لڳي. پر جي ڪٿي خبر پوين، ته به ڪجهه به نٿا ڪري سگهن، جو وڏيرا شاهيءَ منجهن ايترو رت ئي ڪونه ڇڏيو آهي، جو هو دشمن کي منهن ڏيئي سگهن. پر جي اتفاق سان ڪڏهن ڪو سنڌي هاري همت ڪري ڪنهن پرمار سان ڪو ٽڪر کايو وجهي، تڏهن به سنڌي وڏيرو ۽ ڪامورو، ڳوال ۽ ڇڳلخور بڻجيو، خود پنهنجي هاريءَ خلاف ڪوڙي ڪليمنٽ ۽ پرمار چوڌريءَ سان پٽ ٿيو وڃي. ڪيترا ئي هاري ڪارڪن ڪوڙن ڪليمنٽن ۽ پرمار چوڌرين جي ٻچ تي ۽ سنڌي وڏيرن ۽ ڪامورن جي شاهدين تي ٽيون ڪاٽي ۽ ڦٽڪا ۽ اذيتون سهي چڪا آهن ۽ سهن پيا.

(٣) سنڌي قوم جي اڪثريت اسان جي هاڏوڪي جدوجهد کي قومي جدوجهد نٿي سمجهي، ان کي اهميت نٿي ڏئي ۽ ان ۾ شريڪ نٿي ٿئي.

آهي ٿي اُنهن کي ڪجهه سمجهن ۽ ڪجهه اهميت ڏين ٿا. سنڌين جي وڏي ڳوٺاڻي اڪثريت نه انهن کي سمجهي ٿي ۽ نه ڪين وڏي اهميت ڏئي ٿي. اِن ڪري اسان واري محدود ”قومي جدوجهد“ ۾ سنڌي قوم جي اڪثريت ڀرپور نموني ۾ نه شامل آهي، نڪا هن حالت ۾ ٿيندي. سچي ڳالهه ڪجي، ته اسان واري ”قومي جدوجهد“ اڃا صحيح ۽ ڀرپور معنيٰ ۾ قومي جدوجهد ناهي. ڇو ته ان ۾ اسان جي اڪثريت جا اهم ترين ۽ حياتيءَ ۽ موت جا مسئلا شامل نه آهن. اِن ڪري جيڪڏهن اسين ايمانداريءَ سان گهرون ٿا ته اسان جي قومي جدوجهد صحيح معنيٰ ۾ قومي جدوجهد ٿئي، ۽ ٿورڙن شهري پڙهيلن بدران سڄيءَ سنڌي قوم جا لکين ماڻهو اُن ۾ زورشور سان ڀرپور حصو وٺن، ته پوءِ اسان کي قومي جدوجهد جو دائرو وسيع ڪرڻو پوندو ۽ اُن ۾ سنڌي قوم جي زبردست اڪثريت جا مسئلا شامل ڪرڻا پوندا.

## (٤) درحقيقت سنڌي عوام جي اڪثريت جو بنيادي ۽ دائمي مسئلو اندروني بيماري يعني وڏيرا شاهي آهي.

فطرت جو بنيادي قانون آهي ”ابتڙن جو ميلاپ ۽ مقابلو.“ سنڌي قوم ميلاپ آهي ٻن بنيادي طرح ابتڙ ۽ مخالف قوتن جو، يعني هڪ پاسي سنڌي عوام ته ٻئي پاسي وڏيرا شاهي. اِهو سنڌي قوم جو اندريون

تضاد آهي. سنڌن ٻيو تضاد پراون جي پرماريت سان آهي. آهو ٻاهريون تضاد آهي. فطرت جي سائنس اسان کي سيکاري ٿي ته ٻاهرين جي پيٽ ۾ اندريان تضاد وڌيڪ اهم، بنيادي ۽ فيصلو ڪندڙ هوندا آهن.

سنڌي قوم جا بنيادي ۽ دائمي مسئلا آهن: اڻ هوند، بک، بيماري، جهالت، ۽ وڏيرن، ڪامورن، ٻين ۽ ملن جي ڦرلٽ، دٻاءُ ۽ دهشت، ذهني بلئڪ-ميلنگ ۽ روحاني ڊڪٽيٽرشپ. اِنهن بنيادي مسئلن ئي ٻاهريان مسئلا پيدا ڪيا آهن. وڏيرا شاهي نظام جي گندگيءَ ۽ پوسل ۾ ئي مڇرن ۽ ٻين جيوڙن کي پيدا ٿيڻ، وڌڻ ۽ ويجهڻ جو موقعو مليو آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد کي پنهنجي حياتيءَ ۽ موت جو سوال سمجهي ٿو.

## (٥) جدوجهد فقط آها ڪامياب ٿئي ٿي، جنهن ۾ سنڌي عوام جا بنيادي مسئلا شامل آهن ۽ جنهن کي سنڌن ڀرپور تائيد حاصل آهي.

ون يونٽ خلاف سنڌ جي پڙهيل شهري طبقي جو هڪڙو تمام ننڍڙو محب وطن حصو لڳاتار ١٥-١٦ سالن کان واڪا ڪندو رهيو. پر سنڌي عوام جي ڪن تي جونئن به ڪانه سُري! ڇو ته اهڙن نعرن جو عوام جي روزمره جي زندگيءَ سان ڪو به سڌو ۽ پڌرو تعلق

ڪونہ ھو. تنھنڪري ھو آنھن نھرن ڪي ھوائي سمجھندا رھيا ۽ آن ۾ شريڪ ٿي ڪونہ ٿيا. نتيجو اِھو ٿيو، جو آھا تحريڪ، ھيڏيءَ متا ڪٽ ۽ تقريرن ۽ تحريرن جي ھيڏيءَ اٿاھ پوڙ جي باوجود، اٿاھ عوامي تحريڪ ٿي نہ سگھي. البت جڏھن ايوب شاھيءَ جا قيد ڪيل شاگرد ۽ قومي ڪارڪن، جيل مان قومي جدوجھد جي ھڪ نئين، وسيع ۽ عوامي نظريي سان ٿورڙا واقف ٿي، ٻاھر آيا، ۽ ڀھراڙيءَ جي سنڌي عوام سان سندن دل جي ڳالھ، يعني وڏيرا شاھيءَ جي مخالفت جي ڳالھہ ڪيائون تڏھن صورتحال بدلجي ويئي. ٣- مارچ ١٩٦٩ع تي ٢ لک سنڌي ھاري حيدرآباد ۾ گڏ ھئا ۽ سنڌ- دشمن جون وايون ولڙيون ٿي ويون. آن کان پوءِ وري جڏھن قومي جدوجھد جو تنگ، غير عوامي، وڏيرڪو نظريو غائب ٿي واو، تڏھن جيڪا حالت ٿي آھي، سا سيني ڏٺي!

ٻئي طرف، پيپلز پارٽي جڏھن عوام ۾ وڏيرا شاھيءَ خلاف زبردست تبليغ جو طوفان ڪڙو ڪيو، تڏھن سنڌ جي ٿرن، برن ۽ جھنگن ڪي چڙ باھہ لڳي ويئي! سندن تحريڪ ۾ ايڏي وڏي طاقت پيدا ٿي ويئي، جو وڏا وڏا جبل بہ لڏي ويا! پر وري جڏھن پارٽيءَ ۽ حڪومت تي وڏيرن مڪمل غلبو ڪري ورتو ۽ وڏيرا شاھيءَ جي مخالفت جو چوغو لاھي ڇڏيائون، تڏھن جيڪا صورتحال ٿي آھي، تنھن جي تشريح جي ضرورت ڪانھي!

## (٦) سنڌي قومي جدوجهد تڪڙي فيصل ڪانه ٿيندي.

اِها لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن واري، لمبي ۽ ڪٺن جدوجهد هوندي، جا گهڻن ئي مختلف مورچن تي لڙي ويندي.

جيڪڏهن اِئين نه هجي ها ۽ پاڪستان جي لڙائي وانگر هڪڙي ڏينهن ۾ فيصلو ٿيڻ وارو هجي ها، ته پوءِ ڪٿي چئجي ته وڏيرا شاهيءَ کي نظرانداز ڪري، سڀ گڏجي، ڪٿي سنڌ-دشمن سان هڪ هڪاڙي ڪريون. پر ان ۾ هڪ ٻه نه، پر گهڻا سال لڳندا. آنهيءَ سموري عرصي ۾ اِها توقع رکجي ته سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ جي گهڻائي ۾ ٻه پيڙبا رهن ۽ ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍن ۽ ساڳئي وقت سنڌ-دشمن جي حملن ۽ سازشن کي به ڪاميابيءَ سان منهن ڏين، سو ٿيندو خيالي پلاءَ پچائڻ.

تنهنڪري وڏيرا شاهيءَ طرفان سنڌي عوام سان جيڪا اٽ ئي پهر ويلڻ پيئي ٿئي، تنهن کي نظرانداز ڪبو، ته سنڌي عوام قومي جدوجهد ۾ دل جان سان شريڪ نه ٿي سگهندو، ۽ جدوجهد جو رينگٽ ته خير هلندو پيو، پر سُر ڪونه ٿيندو.

**(٧) پناهگير-پنجابي نقلي ترقي پسند سنڌي پورهيت عوام کي قومي جدوجهد کان بدظن ڪري، سنڌين ۾ زبردست قوت وجهي رهيا آهن.**

جيئن ته هيستائين ٻهراڙيءَ جي سنڌي عوام جي اڪثريت جي مسئلن کي قومي جدوجهد ۾ شامل نه سمجهيو ويو آهي، ۽ اسين رڳو مٿين طبقي جي ننڍڙيءَ ٿورائيءَ جي فائدي جي ڳالهين کي قومي جدوجهد جو نالو ڏيندا رهيا آهيون، تنهنڪري پناهگير - پنجابي نقلي ترقي پسندن جي ٻيگهي مچي ويئي آهي. هو ڳجهه ڳوهه ۾ سنڌي هارين، پورهيتن ۽ غريب پڙهيلن کي ائين ٻرغلائي رهيا آهن ته ”هيءَ قومي تحريڪ سڪين ۽ شاهوڪار شهرين ۽ وڏيرن جي پنهنجي تحريڪ آهي، جي پنهنجي مطلب لاءِ ’قوم!‘ ’قوم!‘ ۽ ’سنڌ!‘ ’سنڌ!‘ پيا ڪن - اوهان کي ته پڇن ئي ڪونه ٿا.“ نتيجو اهو پيو نڪري ته اندر ئي اندر سنڌي پورهيت عوام جا ٿورا گهڻا سمجهو ماڻهو سنڌين کان ڪٽبا وڃن ۽ پناهگير - نقلي ترقي پسندن جا ذهني غلام ٿيندا وڃن. هو کين پنهنجي مطلب لاءِ استعمال پيا ڪن.

## (٨) وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد کي قومي جدوجهد جي اعليٰ مقاصد جي دائري اندر هلايو.

وڏيرا شاهيءَ جو اصلي علاج آهي زمينداري نظام کي مڪمل طور ختم ڪرڻ. ان کان سواءِ سنڌي قوم ڪڏهن به هڪ پاڻ - پري، طاقتور ۽ شاندار قوم بڻجي ڪانه سگهندي. پر قومي اتحاد خاطر سنڌي هاري عوام

موجوده حالت ۾ زميندار سرشتي جي فوري طرح ۽ مڪمل خاتمي جو مطالبو نٿا ڪن. هن وقت هو تمام محدود مطالبا ٿا ڪن. جهڙوڪ: وڏيرا مٿن ظلم بند ڪن. کين بيدخل نه ڪن. مٿن ڪوڙا قرض نه لکن. ليکو صاف ڪن. زرعي قانونن موجب هلت ڪن. ڪوڙا ڪيس ۽ ڦڏا نه ڪن. کين ذليل ۽ تباهه نه ڪن، وغيره.

تاڙي هڪ هٿ سان نه وڄندي آهي. سنڌي هاري قومي مفاد خاطر وڏيرا شاهيءَ جو گهٽ گهڻيءَ ۾ سهيو ويٺا آهن. پر وڏيرا شاهيءَ کي به قومي مفاد خاطر ڪجهه ته حياءُ ڪرڻ گهرجي، ۽ سنڌي عوام جي ڀاري اڪثريت سان جنگبندي ڪرڻ گهرجي، ته جيئن سڀ گڏجي سنڌ - دشمن کي منهن ڏيئي سگهون. اهڙا ڳالهه به نوٽ ڪرڻ گهرجي ته قومي جدوجهد ذريعي جيڪي ڪجهه حاصل ٿئي ٿو، تنهن جو مکڻ ۽ ڏونئرو ته پس پيش وڏيرا ۽ سنڌي پوٽليڪ وچون طبقو ٿي ڪائين ٿا. عوام کي رڳو کٽي لسيءَ جي لپ نصيب ٿئي، ته به چڱ حج ڪيائون!

اهڙيءَ حالت ۾ جيڪو وڏيرو هن ڏکئي وقت به سنڌي هاري عوام تي ظلم بند ڪرڻ ۽ کيس انسان ڪري ليکڻ لاءِ تيار نه هجي، تنهن کي سنڌي هرگز سمجهڻ نه گهرجي. ان کي سنڌي قوم جو غدار ۽ دشمن جو دلال سمجهجي. قومي ڪارڪنن کي گهرجي ته

اهڙي وڏيري خلاف مظلوم هارين ۽ پورهيتن جي هڙتال وڙان مدد ڪن. جيڪي سنڌي شاگرد، اديب، دانشور، قومي ڪارڪن ۽ اڳواڻ اهڙيءَ حالت ۾ به مظلوم سنڌي هاري عوام جي پٺڀرائي ڪرڻ لاءِ تيار نه هجن، تن کي قوم پرست نه ليکڻ گهرجي. آهي ڇنبو ته رڳو نالي جا ٺلها نعر آهن. هو قوم پرست نه، پر مطلب پرست آهن. سچن پچن سنڌي وطن-دوستن کي، سنڌي عوام جي انهن تمام محدود، مناسب ۽ واجبي گهرن کي قومي جدوجهد جي پروگرام جو هڪ لازمي ۽ بنيادي حصو ڪري سمجهڻ گهرجي. هي مسئلو معمولي ڪونهي. اسان جي قومي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو بنيادي دارومدار انهيءَ مسئلي جي صحيح حل تي آهي. انهيءَ مسئلي کي جيڪڏهن اسان نظرانداز ڪيو يا رڳو اٽڪل بازيءَ سان عوام کي ان ۾ ٺڳڻ جي ڪوشش ڪئيسون، ته پوءِ پلي لک پيرا پيا "جيئي سنڌ!" جا نعرا هڻون، پر آن مان ڪڙ تيل ڪوبه ڪونه نڪرندو. جڏهن سچ نيزي پاند بيهندو، تڏهن سڌ ڏيڻ وارو به ڪو ڪونه هوندو. هن مسئلي جو حل ڪنهن هڪڙي جي ڏاهپ سان نه، پر اسان جي سڄيءَ قوم جي گڏيل ڏاهپ سان ٿيندو.

["تحريڪ" مارچ، ١٩٠٣ع]

# صحيح قومي ٻڌيءَ لاءِ جدوجهد ڪريو

سنڌ کي سدائين کي نہ کي آفتون ڇهنديون پيون هر ڏينهن آهن. پر جهڙيءَ طرح اڄ اها واڳن جي وات آهي، تهڙيءَ طرح آها اڳ ڪڏهن بہ ڪانہ هئي.

دشمن وٽ حڪومت جي مشينري آهي، ڏنڊو آهي، دولت آهي، چالاڪ ۽ عيار دماغ آهن، رهزن ۽ قاتل ذهنيت آهي، قسمين قسمين تنظيمي چار آهن، فريبي من موهيندڙ نعرا آهن، هزار سالن جي بدمعاشيءَ جو تجربو آهي، عزم آهي تہ اتحاد بہ آهي، سياسي ۽ فوجي جنگ جو وسيع تجربو آهي، قومي ۽ بين الاقوامي مددون، لاڳاپا ۽ مٽيون مائٽيون آهن. اُن جي مقابلي ۾ اسين اٻوجهہ ۽ اڻڄاڻ آهيون، ننڍڙي دل ۽ ننڍي دماغ وارا آهيون، اسان کي پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جو نہ تجربو آهي، نہ وسيلا آهن، نہ صحيح واٽ آهي.

اِن صورتحال کي بدلائڻ لاءِ اسان وٽ فقط هڪڙو هٿيار ٿي سگهي ٿو، اهو هٿيار آهي ٻڌي.

اسان کي پنجن قسمن جي ٻڌيءَ جي ضرورت آهي. ١- هڪڙي مقصد ۽ هڪڙيءَ منزل جي ٻڌي. ٢- ان منزل ۽ مقصد لاءِ صحيح واٽ جي ٻڌي. ٣- اڳتي وڌڻ جي صحيح طريقن جي ٻڌي. ٤- تنظيم جي ٻڌي. ٥- عملي جدوجهد جي ٻڌي.

جي گهرن توڙي سدورن ٽولن جي گڏيل گهرن جي پٺڀرائي ڪن. مثلاً، نوڪرين جي گهر اهو ٽولو به ڪري، جنهن ڪي نوڪرين جو مسئلو درپيش آهي، پر ساڳئي وقت اهي سڀ ٽولا به ڪن، جن کي اهو مسئلو درپيش ناهي پر پنهنجا مسئلا درپيش اٿن. نه رڳو شاگرد، پر ڪڙمي، ڪوري، لوهار، واڍا، موچي، واپاري، آبادگار ۽ وطن سان همدردي رکندڙ زميندار به اها گهر ڪن ته "سنڌين کي نوڪرين جا حق ڏيو!" ساڳئي وقت، شاگردن جو به فرض آهي ته رڳو داخلائن وٺڻ، فين گهٽائڻ جي گهر نه ڪن، پر ان سان گڏ ڪڙمين، ڪورين، موچين، مزدورن، واپارين، آبادگارن ۽ وطن سان همدردي رکندڙ زميندارن جي گهرن جي به تائيد ڪن ۽ انهن گهرن واري جدوجهد ۾ شريڪ ٿين. سڄيءَ قوم جي گڏيل گهرن کي اسين قومي جدوجهد جا اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي مقصد يا ٻورن لفظن ۾ قومي مقصد سڏي سگهون ٿا. انهن قومي مقصدن کي اسين ٻن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. هڪڙا فوري مقصد، جيڪي موجوده حالتن ۾ اسين پنهنجي موجوده وسيلن سان حاصل ڪري سگهون؛ ٻيا اهي آئيندي جا مقصد، جن کي اسين اڄ حاصل ڪري نٿا سگهون پر سياڻي ڪري سگهنداسين. اهي ايندڙ مقصد به تڏهن حاصل ٿي سگهندا، جڏهن اسان قوم کي اڄ ۽ هينئر کان ئي انهن کان واقف ڪريون ۽ انهن لاءِ هينئر

ٿي ذهني ۽ ٻئي قسم جي تياري ڪري، ايندڙ جدوجهد لاءِ رستا ۽ ميدان تيار ڪريون.

## ٣- قومي منزل ۽ مقصد تي پهچڻ لاءِ صحيح واٽ جي ڳولا:-

قومي منزل ۽ مقصد کي طئہ ڪرڻ کان پوءِ ٻيو بنيادي مسئلو اهو آهي تہ اها واٽ ڳولي لهجي، جيڪا اسان کي انهيءَ قومي منزل تائين پهچائي سگهي. اسان جي قوم ۾ هونئن تہ گهڻائي ٽولا آهن، پر هن مضمون جي مقصد لاءِ اسين سنڌي قوم کي پنجن مکيہ ٽولن ۾ ورهائينداسون: ١- هاري، ٢- مزور، ٣- وڏا زميندار، ٤- سرمائيدار ۽ مٿيون وچون طبقو ۽ ٥- ننڍو وچون طبقو جنهن ۾ آبادگار، نوڪرين وارا ماڻهو، ڪاريگر ۽ ننڍا واپاري اچي وڃن ٿا.

سوال آهي تہ قومي جدوجهد ۾ انهن پنجن ٽولن مان هر هڪ ٽولي مان ڪهڙي اميد ۽ ڪهڙو آسرو رکجي؟ انهن مان ڪهڙا ٽولا پڇاڙيءَ تائين جدوجهد ڪندا ۽ ڪهڙا دشمن ٿي بيهندا. ڪهڙا ڪجهہ وقت هلندا ۽ پنهنجو مطلب پورو ڪري يا حالتون ڏکيون ڏسي، اڌ مان گوهي ڏيئي، پٺي ويندا، يا تہ مرگهو وڃي دشمن سان ملندا؟ ٻيو سوال آهي تہ جيڪي ماڻهو قومي جدوجهد جي آخري منزل تائين پهچڻ چاهين ٿا، انهن کي انهن ٽولن يا طبقن مان هر هڪ ٽولي يا طبقي سان

ڪامياب ٿينداسين؟ جي نه، ته ڪو اهڙو رستو آهي جا، جو اسين انهن ڦيٽارن کي ايترين حدن اندر رکون، جو اهي قومي ٻڌيءَ کي وڏڻ ويجهڻ کان روڪي نه سگهن! ڇا ائين نٿو ٿي سگهي ته اسين ڪن ڏُڦير ۽ ناسوري غدار ٽولن کي پائيچاري جي پٽ مان ڪڍي ڇڏيون ۽ باقي ٻيا سڀ ٽولا ۽ طبقا پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري، سڀ گڏجي، دشمن توڙي انهن ڏُڦيرن سان وڙهڻ لاءِ پنهنجن اندروني اختلافن کي ضابطي اندر رکون، ۽ ڪنهن به ڊر کي ليڪو لنگهڻ نه ڏيون؟ اهي ۽ ٻيا واسطيدار مسئلا جيڪڏهن اسان حل ڪري سگهياسون، ته پوءِ چئبو ته اسان قومي جدوجهد جي صحيح واٽ ڳولي لڌي ۾ ڪامياب ويا آهيون.

## ٣- اڳتي وڌڻ جي صحيح طريقن جي ٻڌي:

جدوجهد جي واٽ ۽ ان جون پاليسيون ڪٿي کڙيون به صحيح هجن، پر جيڪڏهن جدوجهد جو طريقو صحيح نه آهي، ته صحيح مقصد ۽ صحيح واٽ جي هوندي به، جدوجهد اڳتي وڌي نه سگهندي. اڄ سنڌ جي ماڻهن جا قومي جدوجهد بابت ڌار ڌار ۽ ابتڙ خيال آهن. ڪن جو سڄو زور آهي اخباري بيانن تي ۽ جلسن جلوسن تي. ڪي چون ٿا ته اهي سڀ ڳالهيون بيڪار آهن، "مڙس ته ڦڏو نه ته جڏو"، "ڏنڊا ڪٿي ملڪ ۾ ڪاهي پئو." ڪن جو مرڳو خيال آهي ته "پاڪستان آيو پيو آهي، اجايو پاڻ کي هلاڪ

ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. رڳو ويٺا ڏسو تہ هندستان، چين يا روس ڪيئن نہ ٿا سيني جي نڪ مان ور لاهين." مطلب تہ هر ماڻهوءَ ۽ هر ٽولي کي جدوجهد جو ڌار ڌار ڊنگ ۽ طريقو صحيح نظر اچي ٿو. سوال آهي تہ اسان جي موجوده حالتن کي ڏسندي ۽ دنيا جي موجوده دور کي خيال ۾ رکندي، جدوجهد جا ڪهڙا ڊنگ صحيح ۽ ڪارگر آهن. جڏهن سڄيءَ قوم جا وطن دوست ۽ وفادار ٽولا پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري، جدوجهد جي صحيح طريقن بابت پاڻ ۾ متفق ٿيندا، تڏهن چئبو تہ اسان ۾ جدوجهد جي طريقن بابت قومي پڌي پيدا ٿي ويئي آهي. آن ۾ انهيءَ ڳالهہ جو بہ خيال رکڻو پوندو تہ جدوجهد جا جيڪي طريقا ڪالهہ موزون هئا، سي ممڪن آهي تہ اڄ ناموزون هجن يا جيڪي ڪالهہ ناموزون هئا، سي اڄ موزون نظر اچن. ساڳيءَ طرح جدوجهد جي اچوڪي ڏاڪي تي جيڪي طريقا اڄ موزون آهن، سي سڀاڻي ناموزون ٿي پون، يا جيڪي اڄ ناموزون آهن سي سڀاڻي موزون ثابت ٿي پون. تنهن ڪان سواءِ اهو ضروري ناهي تہ جدوجهد جي هڪڙيءَ اسٽيج تي فقط هڪڙو ئي طريقو استعمال ڪيو وڃي. ساڳئي وقت تي، ڌار ڌار حالتن ۾، ڌار ڌار طريقا هڪيئي سان گڏ لهڪائي، استعمال ڪري سگهجن ٿا ۽ ڪرڻ کپن.

جو ڍنگ ڪهڙو هجي؟ آن جي اڳواڻي ڪهڙو طبقو ڪري؟ اهي سڀ فيصلي طلب سوال آهن.

## ٥- عملي جدوجهد جي پڌي:-

مٿين چئن ئي قسمن جي پڌيءَ کان پوءِ سوال آهي عملي جدوجهد جي پڌيءَ جو. اسان جا مختلف محب- وطن ٽولا مختلف ميدانن تي مختلف طريقن سان پنهنجي حال سارو جدوجهد ڪري رهيا آهن. انهن جي وچ ۾ ڪوبہ لاڳاپو ڪونهي. جيڪڏهن شاگرد هڙتالون ڪن ٿا يا سنڌ- دشمن قوتن سان ٽڪر کائين ٿا، تہ ماستر، هاري، مزدور ۽ واپاري پنهنجي گهر ويٺا آهن. وري جي ماستر، هاري يا مزدور ڪو قدم کڻن ٿا، تہ شاگرد، واپاري ۽ آبادگار چپ آهن. عملي جدوجهد جي پڌي تڏهن چئبي، جڏهن هڪڙي ٽولي جي جدوجهد جو سڄ سنڌ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين، ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين، ڪنڊڪوٽ کان ڪيٽي بندر تائين، پڙاڏا ڪرڻ لڳي.

## پڌيءَ بابت مطالعو، غور، فڪر ۽ صلاح مصلحت ڪريو.

انهن مان هر هڪ پڌيءَ جا پنهنجا مسئلا آهن. انهن تي غور ڪرڻ کپي، صلاح مصلحت ڪرڻ کپي. دنيا جي ٻين مظلوم ۽ مجاهد قومن جي جدوجهد مان سبق حاصل ڪرڻ کپي. آنهن کي پنهنجي ماحول ۽ حالتن

مطابق گهڙي سنواري، پنهنجي ڪم لائق بڻائي ڪپي، انهن ۾ پنهنجي طرفان بااصول ايجادون ۽ واڌارا ڪري ڪپن. اسان جي قومي جدوجهد جو صحيح بنياد فقط تڏهن پوندو، جڏهن اسان جي سچيءَ قوم جا عوام ۽ ڏاها ماڻهو انهن مسئلن جي اهميت سمجهندا ۽ انهن جو حل ڳولي لهندا.

[”تحريڪ“ - اپريل، ١٩٤٣]

# قومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو!

### چار نظريا، چار واٽون.

سنڌ ۾ قومي جدوجهد جا چار نظريا، چار واٽون ۽ چار طريقا موجود آهن:

١- قومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو.

٢- قومي جدوجهد جو سنڌي وچين طبقي وارو نظريو.

٣- قومي جدوجهد جو ڪٽر قوم پرست پناهگير- پنجابي وچين طبقي طرفان سنڌين کي سيڪاريل نظريو يا نقلي ترقي پسند نظريو.

٤- قومي جدوجهد جو انقلابي وطن- دوست نظريو.

### ڪسوٽيون.

ڪنهن طبقي جو قومي جدوجهد بابت ڪهڙو نظريو آهي، تنهن جي خبر هيٺين ڳالهين مان پوندي:

(الف) هو قومي جدوجهد ڪهڙي مقصد لاءِ ڪري ٿو. (ب) هو آن جدوجهد جو مکيه دارومدار ڪهڙي طبقي يا طبقن تي رکي ٿو ۽ آن جي اڳواڻي ڪهڙي طبقي کي ڏيڻ گهري ٿو. (ت) آن جدوجهد جو نشانو ڪهڙين دشمن قوتن کي بنائي ٿو. (ج) آن

جدوجهد ۾ ڪهڙا طبقا يا ٽولا ساٿي ڪري ڪٺي ٿو. (ح) آن جدوجهد ۾ ڪهڙن طبقن يا ٽولن کي دشمن ڪان ٽوڙي، پاڻ سان شامل ڪري ٿو يا ڪين غير-جانبدار بنائڻ گهري ٿو. ( خ ) آن جدوجهد لاءِ هو ڪهڙي قسم جي تنظيم ٺاهي ٿو. ( د ) آن جدوجهد جي مختلف ڏاڪن تي جدوجهد جا هو ڪهڙا طريقا اختيار ڪري ٿو.

اسين هن پيري قومي جدوجهد جي وڏيرڪي نظريي، وات ۽ طريقن جي چند چاڻ ڪنداسون.

مقصد :

١- وڏيرو طبقو قومي جدوجهد جو مقصد اهو پڌائيندو آهي ته پنهنجي مظلوم قوم کي ڌارين ظالمن کان ڇوٽڪارو ڏياري، ڪيس هڪ خوشحال، طاقتور ۽ عظيم قوم بنائجي. پر جيئن ته وڏيرو طبقو پاڻ خود قوم جو چور ۽ قوم جو دشمن آهي، قوم جا گذر جا وسيلا ڦبايو ويٺو آهي ۽ قوم جي ماڻهن کي ڦريو ماريو، دبڙائيو، غلام بنايو ويٺو آهي، تنهنڪري هو قوم جي ماڻهن کي ڌڪاري ٿو ۽ ڪانئن ڊڄي ٿو. ساڳيءَ طرح ماڻهو به ڪيس ڌڪارين ٿا ۽ ڪانئس ڊڄن ٿا. جائي جم کان سندس طبقاتي فطرت قوم- دشمن آهي. ماڻهن جو ڇوٽڪارو، آزادي ۽ طاقت وڏيري طبقي جي واسطي موت جو پيغام آهي. آن ڪري هو ڪڏهن به نٿو چاهي ته سنڌ جا ماڻهو سچ پچ هر قسم جي غلاميءَ کان

مڪمل طرح چونڪارو حاصل ڪن، پاڻ پرا، سڪيا ستايا ۽ آزاد ٿين. هو در حقيقت ٽي ڳالهيون چاهي ٿو: (١) سنڌي قوم جا ماڻهو زور نه وٺن ۽ سنڌس غلاميءَ مان آزاد نه ٿين. (٢) غير قوم جا ماڻهو ڪيس نه ستائين ۽ سنڌس لئي گهٽ نه ڪن. (٣) سنڌس قوم جي ماڻهن کي ڦرڻ، مارڻ ۽ غلام رکڻ جو موقعو ۽ اختيار ڪيس ڏي حاصل هجي ۽ پيو ڪو به ڌاريون آن ڦر مار ۽ طاقت جا ٽپڙ ڪانئس نه ڪسي وٺي، ڏي سگهي ته ڪانئس ڪو حصو پتي به نه ڦري. اِنڪري جنهن جدوجهد کي هو قومي جدوجهد سڏي ٿو، سا درحقيقت سنڌس پنهنجي طبقاتي جدوجهد آهي، جنهن جي وسيلي هو پنهنجي قوم کي ڦرڻ جي هڪ هٽي پاڻ حاصل ڪرڻ گهري ٿو. اِها آهي سنڌس جدوجهد جي آخري منزل.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جي وات.

ڪيس خبر آهي ته پنهنجي قوم ۽ ڌارين سان هو ساڳئي وقت وڙهي نٿو سگهي. تنهنڪري هو پنهنجي جدوجهد کي ٽن منزلن ۾ ورهائي ٿو: (١) جڏهن ڌاريون دشمن زور ٿيو وڃي ۽ سنڌس قوم ڪمزور ٿيو پوي، ته هو يڪدم دشمن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري، ٽپ ڏيئي، وڃي دشمن جي پيرن ۾ ڪري ٿو. هو جلد ئي قومي دشمن کي ريجهائي، ڪيس پنهنجي وفاداريءَ جو يقين ڏياري، دشمن جي شڪاري ڪتي جي پوزيشن

وڏيرڪي جدوجهد جا مخالف نشان هي ٻہ آهن:-
١- سنڌس پنهنجي قوم. ٢- سنڌس ڌاريان رقيب.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جي حڪمت عملي

هو قومي جدوجهد کي پنهنجي طبقاتي مفادن جو ڏوڙهو ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏي ٿو، ۽ قومي قوتن کي سندن پنهنجيءَ مرضيءَ ۽ پهچ آهر اڳتي وڌڻ نٿو ڇڏي. هو ڌارئين دشمن سان فقط مٺاچري ويڙهہ ڪري ٿو ۽ توڙ نٿو ڪري. هو اهڙو دنگ ۽ ڇيهہ ڪري نٿو وڙهي، جو سنڌس ڌاريون رقيب مرڳو صفا ختم ٿي وڃي ۽ سنڌس اصل جاني دشمن يعني سنڌس قوم جا عوام اهڙو زور وٺي وڃن، جو مرڳو سنڌس غلاميءَ جو ڳٽ ئي ھٽي پڇي پورا ڪري رکن. ان ڪري هو ڌارئين رقيب تي ڀرپور وار ڪرڻ نٿو ڏئي.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جو دارومدار

وڏيرڪي قومي جدوجهد جو دارومدار وچين طبقي تي هوندو آهي. آن جدوجهد جي اڳواڻي وڏيرو طبقو پاڻ ڪندو آهي.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جا ساٿي.

وڏيرڪي قومي جدوجهد ۾ وڏيرو طبقو ڇوٽي وچين طبقي يعني پڙهيلن، ڪاريگرن، آبادگارن، ڇوٽڙو وڏيرن وغيره کي پنهنجو ڇوٽو پائيوار ڪري ڪٽندو آهي،

## عوام وچان ماڙهو ۽ ڌولا ڌوڙڻ

صدين جي غلاميءَ سبب عام طرح پورهيت عوام اهڙا هوشيار ۽ چالاڪ نٿا ٿين. منجهن ايتري ٻڌي ڪانه هوندي آهي. منجهن ڌارئين دشمن ۽ اندروني دشمن يعني وڏيري طبقي جا ڦهلايل رجعت پرست ۽ عوام- دشمن خيال گهر ڪري ويٺا هوندا آهن. سندن پاڻ ۾ ڪيترا تڪرار ۽ ٽڪر هوندا آهن. وڏيرو طبقو پنهنجي ساٿي وچين طبقي ۽ چوٽي- وچين طبقي مان پرتي ڪيل ڪمدارن ۽ دلالن جي واهر سان، انهن حالتن جو مڪمل فائدو وٺي، عوام جي قوت وڌائيندو ۽ وڌيڪ آونهي ڪندو آهي ۽ سندن سمجهه، کي مٿو ڪندو آهي. آن کان سواءِ، هو سڀ ڪان پهرين عوام جي سجاڳ ۽ اڳتي وڌيل مجاهد ٽولن کي مختلف بهانن سان عوام کان ڪاٽي، اڪيلو ڪري، ڪچلي ڇڏيندو آهي. ان کان پوءِ جڏهن عوام پنهنجي سجاڳ اڳواڻ دوستن جي اڳواڻيءَ کان محروم ٿي، بي يار و مددگار ٿي ويندو آهي، تڏهن هو ڪين دٻائي، ماري پنهنجي پيرن جي خاڪ ڪندو آهي ۽ ڪين بنا ڪنهڪي ڦريندو لٽيندو رهندو آهي.

## وڏيرڪي جدوجهد جي تنظيمي پاليسي.

وڏيري طبقي جي تنظيمي پاليسي به سندس مقصدن وانگر ٻچاپڙي هوندي آهي. هو ٻن قسمن جون تنظيمون

آهڙي نموني ڪتب آڻي سگهجي. عين وقت تي، جماعت ۽ عظيم اڳواڻ جي نالي ۾، قوم ۽ قومي ڪارڪنن جا تختا به ڪيري سگهجن. اليڪشن تائين انهن پارٽين ۾ وڃين ۽ هيٺين وچين طبقي مان ڪيترا قلم باز، بيان باز ۽ چاڙي باز ماڻهو ڀرتي ڪري ڏيکاءَ لاءِ اهم عهديدار بڻائي رکيا ويندا آهن. پر سنڌن حقيقي ڪم پڻ ۽ مگٽهارن وانگر وڏيرن جي شان ۾ قصيدا ۽ مداحون پڙهڻ ۽ مخالفن کي گاريون ڏيڻ هوندو آهي. اليڪشن تائين کين نيڳرون ڏيئي، خوب ڪارائي پياري ۽ پٺ ٺپري، لئي ۾ رکيو ويندو آهي. وڏيرا ميسٽا ٿيو سنڌن پٺيان پٺيان هلندا آهن. وچين طبقي جا پيٽ ۽ مگٽهار ڦونڊ ۾ پيرجي هلندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته لهي ايري ٿي اسان تي پيو. اليڪشن کان پوءِ، وڏيرا ڦري، قوم جا چونڊيل عيوضي ۽ پارٽي اڳواڻ ٿي پوندا آهن، ۽ سنڌن وڏيرڪي حڪومت ڦري، عوام جي حڪومت ٿي پوندي آهي. وچولي طبقي جا قلم باز ۽ چاڙي باز سورما عادت موجب ڪجهه پوز هڻندا آهن. پر جلد ئي کين ذهن نشين ڪرايو ويندو آهي ته ”هاڻي وڏيرا پاڻ سرڪار ٿي چڪا آهن، هاڻي کين پڻن ۽ مگٽهارن جي ضرورت ڪانهي. سيڪو ڪڪ پن ٿي وڃي، نه ته پارٽيءَ جو غدار ۽ عوام جو دشمن ٿي پوندو، ۽ بڇڙو ٿيندو!“

## وڏيرڪي جدوجهد جا طريقا

وڏيرڪي جدوجهد جلسن جلوسن ۽ اخباري بيانن تائين محدود هوندي آهي. هو ڪوبہ اهڙو طريقو اختيار نہ ڪندا آهن، جنهن مان هڏ جوکي جو انديشو هجي يا جنهن مان عوام جو من وڌي وڃي ۽ هو ايترو زور وٺي وڃن، جو انلو کين ٻڇيءَ کان وٺن. انڪري هو عوامي جدوجهد کان ڪوهين پري ڀڄندا آهن، ۽ قومي مخالفن کي فقط زبان ۽ قلم جي مار ڏيندا آهن. سندن پاليسي هوندي آهي تہ "لعل بہ لڀي ۽ پريت بہ رهجي اچي"، يعني عوام کي آلو بنائي، قومي سورما بنجي، اقتدار بہ وٺون ۽ قومي مخالفن سان صفا دنگ بہ نہ پوي. جو تہ سياڻي جڏهن "ڪم لٿو ڪاڳر ڦاٽو" وانگر، عوام مان ڪم ڪڍي، کين وري موچڙا هڻي، سڌو ڪرڏو پوندو، تڏهن اهي ڌاريان مخالف ئي تہ ڪم ايندا! اصل اتحاد تہ انهن سان ئي ڪرڻو آهي ۽ اصلي جنگ تہ عوام سان ئي آهي! قومي جدوجهد تہ رڳو نالو هوندو آهي. دراصل مقصد هوندو آهي مخالف کي عوام جو ڀؤ ڏيکاري، ٿورو نرم ڪري، ڪانئس ڦر جي مال مان پنهنجو پورو حصو پتي وٺڻ. يعني "ڦر ڏيکاري چرر ڪٽڻ." پس پيش وڏيرا ۽ قومي مخالف پاڻ ۾ پائي پائي ٿيو وڃن، ۽ عوام "ڪٺيءَ سان بہ ڪارا ٿيا ٻن، ڳلو بہ ويا پنهنجي گهر" وانگر، وڙهي، ڦرجي، مارجي، گهر

مسيت ڪري، پڇاڙيءَ جو مڪٽي گندي ڪلهي تي رکي، وچي گهر پيڙا ٿيندا ۽ ساڳي ماني ساڳ سان کائيندا.

اهو آهي وڏيرڪي قومي جدوجهد جو نظريو، ان جو مقصد ۽ ان جا نتيجا.

["تحريڪ" - مئي، ١٩٧٣ع]

# قومي جدوجهد جو سنڌي وچين طبقي وارو نظريو

●

۱ - وچون طبقو ( Bourgeoisie ) هڪ خاص معنيٰ رکندڙ سائنسي لفظ يا فقرو آهي. ان جي عام (Popular) معنيٰ ته ٿي آهو طبقو، جو نه اجايو غريب هجي ۽ نه اجايو شاهوڪار. پر سماجي سائنس جي ٻوليءَ ۾ ان جي معنيٰ آهي هارين، مزدورن ۽ وڏن زميندارن جي طبقن کانسواءِ سماج جا ٻيا سڀ طبقا. وچين طبقي ۾ سرمائيدار، سفيد پوش ۽ مڇي مانيءَ وارا (غير هاري، غير مزور ۽ غير زميندار) سڀ ماڻهو اچي وڃن ٿا.

۲ - دنيا جي تاريخ کي پڙهبو، ته معلوم ٿيندو ته دنيا جي وچين طبقي جي سموري تاريخ قوم جي پورهيت عوام سان دغا، دوکي ۽ غداريءَ جي تاريخ آهي. جنهن به قوم وچين طبقي جي اڳواڻيءَ هيٺ آزاديءَ جي جدوجهد ڪئي آهي، سا ڪڏهن به پرماريءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ کان مڪمل ڇوٽڪارو حاصل ڪري، باعزت ۽ شاندار قوم نه ٿي سگهي آهي. اهي قومون سدائين مرض ۾ ورتل هونديون آهن ۽ پيون ڇنگهنديون آهن. ان جا تازا مثال هندستان، انڊونيشيا، مصر، عراق، شام، الجزائر، مراڪو، سيلون ۽ ٻيا ايشيائي آفريڪي ملڪ آهن. انهن ملڪن جي وچين طبقي ڪافي قربانيون

جا باني چوٿي وچين طبقي جا ماڻهو هئا. اهو طبقو ئي آنهن عوام - دشمن ۽ آدمخور تحريڪن جي پيڙهه هو. اڄ يورپ ۽ آمريڪا ۾ اهو ئي طبقو سامراج جو وڏي ۾ وڏو حامي آهي، جو سامراجين جي هر بدمعاشيءَ جو وڏي واڪي ساٿ ڏئي ٿو.

٣- سنڌي وچين طبقي ۾ هيٺيون خاصيتون آهن .

(١) سنڌ ۾ مٿيون وچون طبقو نه هئڻ جي برابر آهي. دنيا جي سرمائيدار ملڪن ۾، جن ماڻهن کي سرمائيدار ۽ ڪارخانيدار ليکيو آهي، اهڙو ماڻهو سنڌ ۾ هڪڙو به ڪونهي. نه رڳو ايترو، پر اسان وٽ سواءِ هارون فيملي جي ٻي ڪابه اهڙي فيملي ڪانهي. جنهن کي پاڪستان جي ٻين چوٿيءَ جي ڪارخانيدارن ۽ سرمائيدارن سان ڀيٽي سگهجي.

(٢) سنڌي هيٺيون وچون طبقو ڪمزور ۽ پالپٽيءَ ۾ آهي. سنڌ جو وچون ۽ هيٺيون وچون طبقو اڳي هندو هئا. انهن جي وڃڻ ڪري سنڌ ۾ وچون طبقو ڇڻ ڪم ٿي ويو. گذريل ٢٥ سالن ۾ وچين طبقي ۾ جيڪا ڀرتي ٿي آهي، تنهن جا پير اڃا بلڪل ڪچا آهن. اِن ڪري هو وڏيرن جي سهاري هلڻ گهري ٿو يا سنڌ - دشمن پناهگير - پنجابي سامراج جي. هن طبقي ۾ طبقاتي ٻڌي ۽ طاقت جو احساس نه هئڻ جي برابر آهي. هيءُ تمام گهڻو وقت انگريز ۽ پناهگير - پنجابي سامراجيت جو غلام رهيو آهي. تنهنڪري هو ذهني طرح

جي مال ۾ پنهنجي حصي وٺائڻ جي خواهش ته رکي ٿو، پر هو اُن لاءِ ڪابه سچي پچي جدوجهد ڪري، پنهنجن آقائن يعني پرمارن ۽ وڏيرن کي ڪاوڙائڻ نٿو گهري. هو پاڻئي ٿو ته سنڌي عوام پلي ڪجهه گوڙ ڪري، وڏيرن ۽ پرمارن جي ٿورڙي لئي گهٽ ڪن، ته جيئن وڏيرا ۽ پرمار ڊڄي، ڪيس اهميت ڏين ۽ سنڌي عوام مان ڪيل ڦرلٽ جي مال مان ڪيس اڳي کان وڌيڪ پتي ملي.

(۵) سنڌي وچين طبقي جو پڙهيل طبقو، سياسي ۽ سماجي طرح، اڻ پڙهيل عوام جي پيٽ ۾ رجعت پرست آهي، ۽ قومي جدوجهد هلائڻ ۽ اُن ۾ صحيح نموني پرپور حصي وٺڻ لاءِ تيار ڪونهي. اُن جا هي سبب آهن:

(الف) ارغون، ترخان، مغل، ايراني ۽ انگريز سامراجين، هندو سرمائيدارن، سنڌي وڏيرن ۽ پنجابي-پناهگير پرمارن جي سازش سبب، سنڌ گذريل سوين سالن کان عداي طرح دنيا کان ڪٽيل، ”هڪ اونداهو پيٽ“ بڻي رهي آهي. انگريزن کان اڳ، جيڪي مٺ جيترا ماڻهو پڙهيا، تن وڌ ۾ وڌ منشي، آخوند، ملون يا خسيس ڪاموري بڻجڻ جي تعليم حاصل ڪئي. جن کي اڄ عظيم عالم ۽ داناءُ سڏي، لکين رپيا خرچي، سنڌن ڪتاب ڇپائي، عوام تي مڙهجن ٿا، سي معمولي قسم جا نيم ملان هئا - جهڙوڪ محمد هاشم ٺٽوي وغيره، جن تي

اسلامي دنيا جي عظيم مفڪرن، عالمن، سائنسدانن ۽ قانوني ماهرن جهڙوڪ ابن العربي، بو علي سينا، ابن خلدون، المعري، عمر خيام، ابو حفيفه وغيره جي علمي گهرائيءَ ۽ عظمت جو پاڇو به ڪونه پيو هو.

(ب) انگريزي دور ۾ به تعليم اڻ ليپ، مهانگي، پري ۽ انگريز پرستيءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ جي رنگ ۾ رڪيل هئي. گهٽو ڇيهه، تيئي ته ماڻهو عليگڙهه ۽ جهونا ڳڙهه ويندا هئا، جي رجعت پرست، جاگيرداريءَ جي تعليم جا اڏا هئا. ٻه چار وڏيرن جا پٽ انگلنڊ ويا ٿي، ۽ جيئن چوندا آهن "عيسيٰ جو گڏه مڪي مان ٿي ايندو، ته به گڏه جو گڏه هوندو"، تيئن هي به جهڙا وڏيرا هئا تهڙا ئي موٽيا ٿي. ڪي مسڪين اتفاق سان اسڪالرشپ تي ٻاهر ويا، ته به نوڪريءَ جي فڪر ۾ لئبررين ۾ ئي دفن رهيا، ۽ فڪر جي نون انقلابي وهڪرن کان پري رهيا.

(ت) جيڪي ٿورڙا پڙهيل يورپ جي نئين انقلابي سماجي فڪر ۽ سوچ کان واقف ٿيا، تن جو سماجي مطالعو به ارڙهين صديءَ تائين اچي ختم ٿيو، ۽ اڻويهين ويهين صديءَ جي انقلابي فڪر مان هنن فقط ٻئي ترقي پسند نعرا سکيا، جن تي سندن ڪوبه ايمان ڪونه هو. اهي نعرا به هندستان، خاص ڪري يو-پيءَ جي جاگيردار طبقي جي نام نهاد اڌ پڙهيل انقلابين يا ڪانگريسين جي ادب مان سکيا يا يورپ جي نام نهاد باغي اديبن

۽ مفڪرن کان سکيا. اِهي باغي وڏ ۾ وڏ سرمائيدار
جمهوري قدرن جا حامي ۽ فاشزم جا ذهني مخالف هئا،
بس. عملي طرح هنن جي تعليم غير عوامي ۽ غير انقلابي
هئي. اُن تعليم جو مرڪزي نقطو هو، وچين طبقي واري
”آءٌ“، ”آءٌ هڙو! آءٌ هڙو!“ باقي پورهيت عوام
ڪجهہ ناهن.

(ث) جيڪي آگرين تي گهٽ جهڙا ڪن خاص
علمن جا معمولي چاڙو پيدا ٿيا، تن جي اکين تي به
وڏيرڪي ۽ سرمائيداري سوچ ۽ فڪر جا ڪوپا چڙهيل
آهن، ان ڪري هو هڪڙي ننڍي خول ۾ قيد رهجي
ويا آهن ۽ اڳتي وڌي نہ سگهيا آهن.

(ج) وچون شاگرد طبقو علمي طرح تمام پوئتي
پيل آهي. هو دنيا جي بين الاقوامي ٻوليءَ، انگريزيءَ
۾ سخت ڪمزور آهي. 'جيئي سنڌ' جي نعري هڻڻ جي
عيوض هن پاڻ کي مطالعي کان موڪل ڏيئي ڇڏي
آهي ۽ هر مسئلي جو حل فقط نعري بازيءَ کي سمجهڻ
لڳو آهي. ڪيس دنيا جهان جي ڪابہ خبر ڪانهي.
منجهن پنهنجي دليان پڙهڻ، سمجهڻ ۽ سوچڻ جي قوت
پيدا نہ ٿي سگهي آهي.

(ح) سنڌ ۾ ويجهڙائيءَ ۾ ڪي بہ خاص وڏيون
بنيادي سماجي اٿلون پٿلون، جهڙوڪ جنگ، خانہ جنگي،
ڏڪار ۽ ياج وغيره جهڙيون حالتون پيدا نہ ٿيون آهن،
جيڪي قوم کي ڏونڌاڙي، دقيانوسي سوچ جي ڪوڙڪيءَ

مان آزاد ٿيڻ تي مجبور ڪنديون آهن.

(خ) سنڌي پڙهيل طبقو دنيا جي انقلابي ۽ سماجي وهڪرن کان ڪٽيل آهي. ڪيس دنيا جي علمي، فڪري ۽ سائنسي واڌارن جي ڪابہ خبر ڪانهي. دنيا جي ٻين ٻولين جا ڪجهہ ڪتاب ۽ ادب فقط اردوءَ ۾ ترجمو ٿين ٿا. انهن کي عام سنڌي پڙهيل ڄڱيءَ طرح پڙهي نٿو سگهي. اردوءَ جي آڙ ۾ ٿيل بدمعاشين ڪري جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي اردو پڙهي سگهندا هئا، سي بہ ان کان بيزار ٿي ويا آهن. هاڻي سنڌي پڙهيل طبقي جي ڪُل موڙي ۽ ڪائنات وڃي بہ چار سنڌي چوپڙيون ۽ ٻہ چار رسالا رهيا آهن. انهن ۾ ٻي دنيا تہ ٺهيو پر رڳو پاڪستان جي ٻين علائقن بابت پورو سُڌ سماءُ بہ ڪونہ هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ سان مانيجي ماءُ وارو ورتاءُ، جيڪو ون يونٽ جي دور کان ٿيندو رهيو آهي، اڄ تائين جاري آهي، ان ڪري سنڌيءَ ۾ انقلابي علمي تہ ٺهيو پر عام علمي ڪتابن جي اشاعت بہ بنهہ نہ جهڙي پئي رهي آهي. انهن سڀني جي ڪري سنڌي پڙهيل طبقو، خاص ڪري شاگرد جهالت جي ڏيڍ ۾ گتو پيو آهي.

(٢) وچين طبقي جي اديب، شاگرد ۽ دانشورن جو ٽولو ننڍڙن ٽولن ۾ ورهايل آهي. جن مان ڪي ٽولا پرمارن جي خدمت ڪن ٿا، جيئن جماعت اسلامي، پناهگير- پنجابي، نعپ ۽ ٻين نقلي ترقي پسند پرمارن

# "ڪوڙن ٿون ڪفرسين، ڪــافــر م ڪوڙــاءِ"

●

**مکيه تضاد:** پاڪستان جي ماڻهن منجهه ڪيترائي تضاد ۽ ٽڪر آهن. پر سڀ کان وڏو تضاد پاڪستان جي مظلوم قوميتن- سنڌين، بلوچن، پٺاڻن- ۽ ظالم قوميتن يعني پنجابين ۽ پناهگيرن جي وچ ۾ آهي. اهو اچوڪي پاڪستان جو بنيادي ۽ مکيه تضاد ۽ مکيه ٽڪر آهي. جيستائين اهو تضاد حل نہ ٿيو آهي، تيستائين حکومت ايوب جي هجي يا يحيٰ جي، محمد عليءَ جي هجي يا غلام محمد جي، کهڙي جي هجي يا پيٽي جي، جماعت اسلاميءَ جي هجي يا ڪنوينشن مسلم ليگ جـي، آها پاڻ کي بنيادي جمهوريت سڏائي يا اسلامي سوشلسٽ، ڳالهه ذري گهٽ ساڳي رهندي.

**ڇهه سنڌ- دشمن ٽولا:** سنڌي قوم جي حق پرست انقلابي وطن- دوست جدوجهد جـي ڇهه ٽولا توڙ کان، سِر ڌڙ جـي طاقت سان، مخالفت ڪري رهيا آهن:-

١- سنڌي عوام تي ظلم ڪندڙ وڏو سنڌي زميندار ۽ سنڌي ڪامورن جو ٽولو.

٢- سموري ملڪ تـي ڇانيل وڏن فوجـي ۽ سول آفيسرن جو ٽولو، جو لا اينڊ آرڊر قائم ڪرڻ ۽ انتظام

ھلائڻ جي آڙ ۾ ملڪ کي غلام بنائي ۽ ڦري لٽي ٿو.

٣- پنجاب ۽ ڪراچيءَ جو وڏو زميندار ۽ سرمائيدار ٽولو، جو نظريي پاڪستان جي آڙ وٺي، پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن کي غلام رکيو ويٺو آهي.

٤- وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن جو ايجنٽ مودوديءَ جھڙن ملن جو ٽولو، جو اسلام کي آڙ بنائي، عوام تي پنھنجي رجعت پسند عوام - دشمن ڊڪٽيٽرشپ مڙھڻ گھري ٿو.

٥- پنجاب ۽ يو - پيءَ جي چوٽي وچين طبقي جو آھو پڙھيل ڳڙھيل ٽولو، جو ترقي پسنديءَ جي آڙ وٺي، سوشلزم ۽ انقلاب جي نالي ۾، پاڪستاني مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن تي يو - پيءَ ۽ پنجاب جي ننڍي وچين طبقي جي فائدي وارو سرمائيدارنہ ۽ قومي غلاميءَ وارو نظام مڙھڻ گھري ٿو. (اھو ٽولو بظاھر چيني ۽ روسي گروھن ۾ ورھايل آھي، پر عملي طرح پاڪستان جي مظلوم عوام خلاف سازش ۾ اِھي ٻئي گروھ همخيال ۽ ساٿي آهن:)

٦- دنيا جي قومن کي ۽ دنيا جي عوام کي غلام بنائيندڙ عالمي سامراج، جنھن جي اڳواڻي آمريڪا ڪري رهيو آهي.

مٿيان سنڌ - دشمن ٽولا، پاڪستان جي مظلوم قومن ۽ مظلوم عوام جا دشمن ٽولا، ظاهري طور هڪٻئي

ڏورائيءَ ۾ هئا. الجزائر ۾ فرينچ ڌاڪو ڏورائيءَ ۾ هئا. عربستان ۾ يهودي ڏورائيءَ ۾ آهن. آفريڪا ۾ فاشي گورا ڏورائيءَ ۾ آهن. اهي سموريون ظالم ڏوراڻيون ۽ اقليتون آهن، جي اڪثريت کي پنهنجي گهر ۾ چور ڪري ويٺيون آهن.

ڪڏهن وري ڇيو وڃي ٿو ته ”اردوباز ٽولي وارا پاڻ ڦرجي مارجي مظلوم ٿي آيا آهن. اهي وري ڇا جو ظلم ڪندا هوندا!“ ان جو جواب تاريخ ۾ موجود آهي. ”مي فلاور“ بحري جهاز ۾ چڙهي، جيڪي ڏتڙيل، پيڙيل انگريز آمريڪا پهتا، تن مظلومن اتي پهچڻ شرط اتي جي اصلي آمريڪن جو جڙ پچو ناس ڪري، سڄي ملڪ تي قبضو ڪري ورتو. اڄ به ويچارا باقي بچيل اصلي آمريڪي، يعني ريڊ انڊين، جهنگ جي جانورن وانگر لوڙهن ۾ بند آهن. هٽلر جي دل ڏاريندڙ وحشيانه ظلمن جي شڪار ٿيڻ کان پوءِ، مظلوم يهودين عربن سان جيڪي ويل وهايا آهن، ۽ گهر ڏڏين کي لوڏي، مهمان مان مالڪ بڻجي، ڏنڊو ڪڍيو، عربن کي موڙيندا وتن، تنهن جو مثال اکين اڳيان موجود آهي. تاريخ اهڙن معصوم ٽولن جي داستان سان پري پيئي آهي، جن پنهنجي ملڪ مان تڙجي نڪرڻ کان پوءِ، وڃي ٻين کي پنهنجي گهرن مان تڙيو. ارغون به ته وچ ايشيا مان لوڏجي نڪتا هئا ۽ مظلوم ٿي سنڌ ۾ آيا هئا!

سان گڏجي پنجابين سان مقابلو ڪريون! مهاجر جڏهن ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار به آهن، ته پوءِ پاڻ چو موقعو وڃايون!" اِهو ائين آهي جيئن ڪڙو بگهڙ ۽ پيو چيتو ڪنهن گهيٽي کي ڦري اچن، ۽ بگهڙ ڏاڍيءَ ڦراخدليءَ سان، ڏاڍي بزرگ واري نموني سان گهيٽي کي چوي ته "ابا گهيٽا! اسان پنهي سان وڙهي ڪونه پڇنديون، آءٌ پاڻ چيتي سان ڪونه نهان، تنهنڪري ٻچا تون ٻوڙي اچي منهنجي پيٽ ۾ ويهه، ته پنهي گڏجي چيتي سان وڙهون!"

( ٢ )

نقلي ترقي پسند، سنڌ-دشمن ٽولي تي "عوام" جي مقدس چادر وجهي، ان کي معصوم ۽ ٻوڙيءَ پاڪ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڻ ته قومن ۾ عوام ڪڏهن به ظالم نه ٿيندا آهن! مارڪس، لينن، اسٽالن ۽ مائوزي تنگ هميشه ظالم ۽ مظلوم قومن جي فرق کي نه رڳو مڃيو ۽ تسليم ڪيو آهي، پر هنن هڪ ترقي پسند جي سڃاڻپ ۽ پرک جي ڪسوٽي ئي اِها ٺهرائي آهي ته جڏهن سندس قوم ظالم آهي ته ان کي ظالم چئي ٿو يا نه. نه رڳو ايترو، پر هو پنهنجي ظالم

تي عمل ڪيو آهي يا نہ. هن ڪيترا پيرا مٿن ننڍين قومن سان انصاف نہ ڪرڻ جا الزام لڳائي، ڪين سخت ڇينڀيو. اسٽالن جو قوميت بابت لکيل ڪتاب ڏيکاري ٿو تہ هو ننڍين قوميتن جي حقن کي ڪيڏي بنيادي اهميت ڏئي ٿو.

مائوزي تونگ جو نظريو اُنهيءَ مان ظاهر آهي تہ هو چوي ٿو تہ ”هر مظلوم قوم جي ماڻهن جي ترقي پسندي ۽ بين الاقواميت ٿي اِها آهي تہ هو محب-وطن بڻجن ۽ ظالم قومن خلاف پنهنجي مظلوم قوم جو ساٿ ڏين ۽ سندس اڳواڻي ڪن.“

جيڪي نقلي ترقي پسند ۽ سندن پاڙهيل ۽ سيکاريل سنڌي طوطا چون ٿا تہ مارڪسي ترقي پسند فلسفي موجب عوام ڪڏهن بہ ظالم نہ ٿيندو آهي، فقط مٿيون طبقو ۽ حڪومت ظالم ٿيندا آهن، تن کي ١٨٧٠ع ۾ فرانس طرفان جرمنيءَ تي ڪيل اڳرائيءَ وقت مارڪس جي جرمن ترقي پسندن کي ڏنل هدايت جو مطالعو ڪرڻ کپي. ڪن جرمن ڪميونسٽن، بين الاقواميت جو نالو وٺي، جرمن مزدورن کي چيو تہ ”هي فرينچ ۽ جرمن مٿين طبقي جي لڙائي آهي، فرينچ عوام جو ڪوبہ ڏوهہ ناهي، تنهنڪري فرينچن جو مقابلو نہ ڪجي. پاڻيهي حاڪم پاڻ ۾ چاٽندا. اوهان جو ڪجهہ بہ نہ وڃي.“ اهو پڙهي، مارڪس سخت ڪاوڙجي ويو. هن لکيو: ”فرينچ قوم جو سمورو عوام اهڙيءَ اڳرائيءَ

ڪيئي، تو ڪي سموري پاڪستان جي ترقي پسندن بدنام ڪئاسين.'' اهڙيءَ ريت، هي ترقي پسند پوپ معافي نامن جي مٿا ميٺا ۽ واپار ڪندا رهيا آهن، ۽ عوامي جمهوري ڪارڪنن ۽ اڳواڻن مٿان هنداڻين سندن مخفي فتوائن جي تلوار لٽڪندي رهندي رهي.

هو پاڪستان اندر قومي آزاديءَ جي جذبن ۽ جدوجهد جو طبقاتي ۽ انقلابي جوهر پرکي نه سگهيا هو دل ۾ ان کي هڪ وچڙندڙ بيماري سمجهي، ان جي اندروني مخالفت ۽ ظاهراً منافقائيءَ واري تائيد ڪندا رهيا. ۽ موقعي ملڻ شرط، گس هلندي، اکـ بچائي، قومي تحريڪ جي هلندڙ گاڏيءَ جي ڦيٿن ماز هوا ڪڍي ڇڏيندا هئا يا ان کي پنڪچر ڪري ڇڏيندا هئا.

دراصل يو - پي ۽ پنجاب جي جاگيردار ۽ هن نام نهاد ترقي پسند ٽولي جا مقصد ساڳيا ئي هوندا هئ ۽ آهن. يعني ننڍين قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻ. قومي تحريڪن کي ادراڻ ئي اندران ڌڪ هڻڻ ۽ کين پنجاب ۽ يو - پيءَ جي سياستبازن جو غلام رکڻ، فرق فقط هي هو ته:

(١) پهريون ٽولو پاڪستان جي قومن کي يو- پي ۽ پنجاب جي جاگيردار ۽ سرمائيدار سياستدان جو غلام رکڻ چاهي ٿو، ۽ بيو نام نهاد ترقي پسند ٽولو ک . يو - پيءَ ۽ پنجاب جي وچين، پڙهيل ڳڙهيل طبقي ج غلام بنائڻ گهري ٿو.

(٢) پهريون ٿولو اسلام ۽ پاڪستان جي ٺاهڻ ۾ ننڍين قومن جي وجود ۽ حقن کان انڪار ڪرڻ گهري ٿو، ته ٻيو ٽولو سوشلزم ۽ انقلاب جي نالي ۾ ساڳي ڪار ڪرڻ گهري ٿو.

(٣) پهريون ٽولو اسلام ۽ پاڪستاني برادريءَ جي نالي ۾ ننڍين قومن جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ گهري ٿو، ته ٻيو ٽولو آهو ڌاڙو سوشلسٽ ۽ طبقاتي برادريءَ جي نالي ۾ هڻڻ گهري ٿو.

(٤) پهريون ٽولو قومي تحريڪ ۽ ان جي علمبردارن کي هيسائڻ ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ مٿن پاڪستان - دشمن، اسلام - دشمن ۽ علاقائي تعصب جهڙن تهمتون هڻي ٿو، ۽ ٻيو ٽولو مٿن انقلاب - دشمن، وڏيرا پرستيءَ ۽ رجعت پرست قوم پرستيءَ جا بهتان مڙهي ٿو.

(٥) پهريون ٽولو قومي تحريڪ خلاف علي‌الاعلان جبر ۽ ڏاڍ کان ڪم وٺي ٿو ۽ آمهون سامهون حملو ڪري ٿو. ٻيو ٽولو ظاهري همدرد بڻجي، اندران قومي تحريڪ جي علمبردارن جهڙن گلائون ڪري، ڪوڙا افواهه ڦهلائي، منافقيون ڪري، ڪوڙيون همدرديون ۽ سرجوشيون ڏيکاري، پنهنجن چاڙتن جي قربانين جا ڪوڙا ۽ من گهڙت افسانا ڦهلائي، سڀني کان اڳ ۾ قومي تحريڪ جو وارث بڻجي، آن جا لاهه ڪڍي ٿو.

آنهن ٻنهي ٽولن جي جهڳڙ جي ٻن پڙن وچان ڪنهن به قومي تحريڪ جي رهبر جو صحيح سلامت

بچڻ نامڪن هو. نقلي ترقي پسند قومي تحريڪ ۽ قومي ڪارڪنن جي پٺ وٺيو ايندا رهيا ۽ قدم قدم تي سنڌين راهه ۾ ڪنڊا پوکيندا رهيا ۽ ڪين اندران ئي اندران سنڌ ۽ پاڪستان ۾ بدنام ڪري، پنهنجا هٿ ٺوڪيا ماڻهو سنڌين خلاف کڙا ڪري، انهن کي هشيون ۽ ٺيڪرون ڏيئي، قومي سياست کي ناڪام بنائيندا رهيا. هن ٽولي، قومي تحريڪن جي سڀني مورچن تي پنهنجا هٿ ٺوڪيل قابض ڪري ڇڏيا آهن، جي اشاري ملڻ تي قومي تحريڪ جي رهنمائن کي بلئڪ ميل ڪري، ڪين بيواهه ڪري سگهن ٿا، ۽ هو پنهنجن پيرن هيٺان زمين کسڪندي ڏسي، بظاهر ”پنهنجن“ کي به مخالف ڏسي، لاچار هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا.

پنجاب ۽ يو - پيءَ جي اِنهيءَ ”ترقي پسند“ ٽولي جو چار سچي پاڪستان ۾ ڦهليل آهي. اُن چار کي هو مختلف طريقن سان استعمال ڪري، سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ ان جي ڪارڪنن کي اپاهج بنائي سگهيا آهن:-

(١) پهريون ته هو سنڌ خواهه پاڪستان جي سڀني حصن ۾ جنهن کي چاهين، تنهن کي رات وچ ۾ ليڊر مشهور ڪري سگهن ٿا آنهيءَ ليڊر ساز فئڪٽريءَ ڪيترا ئي نقلي شاگرد ليڊر، نقلي هاري ليڊر، نقلي سنڌي قومي ليڊر ۽ نقلي دانشور تيار ڪيا ۽ ڦٽايا آهن. اهڙا

جڙتو ليڊر سنڌن اشاري تي هلي، سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين قومن جي محب وطن ڪارڪنن کي پاڪستان جي سطح تي به ڀاڙو مددگار ڪري سگهن ٿا ۽ ڪندا رهيا آهن. هو هر وقت، هر هنڌ، هر مورچي تي ”اڪثريت“ حاصل ڪري سگهن ٿا.

(٢) ٻيو ته هو چپ چاپ مانٺ ميٺ ۾ ڪنهن به ڪارڪن يا تحريڪ جي خلاف سڄي پاڪستان ۾ بيڪ وقت خفيه پروپئگنڊا جي مهم هلائي، ان لاءِ زهريلي فضا پيدا ڪري سگهن ٿا. جيئن ته سڀ حرڪتون چپ چاپ ۾ ٿينديون رهنديون، تنهنڪري واسطيدار کي پتو ڪونه پوندو ته پردي پٺيان ڪهڙو کيل کيڏجي رهيو آهي! مطلب ته مڪمل منافقيءَ کان ڪم وٺڻ کي ”انقلاب“ جو بنيادي اصول ڪري ورتل آهي. تنهنڪري اهي سمورا مخالف ۽ سازش ڪندڙ، اشراف ٿيو، ظاهري طور اڳلي جا قصيدا پڙهندا ايندا ۽ اڳلي کي خبر پوڻ ئي ڪونه ڏيندا ته اسين تنهنجي خلاف ڪهڙو ممڻ مچايو ويٺا آهيون. هو پنهنجيءَ پر ۾ ڪـين پنهنجو همدرد ۽ سائي سمجهيو ويٺو هوندو تان جو عين وقت تي سڀ ڦري ويندس ۽ هو اڪيلو رهجي ويندو.

(٣) انهيءَ مڪروه ۽ عـوام - دشمن سازش ۾ ڪين اردو پريس جي مڪمل حمايت حاصل هوندي، جو ان ۾ سنڌن اشاري تي جڙتو ليڊرن جا بيان ڇاپي،

کين سچيءَ سنڌ بلڪ پاڪستان ۾ مشهور ڪري، آنهن کي ڪڏي ڪم ڪرڻ جي لائق بنائيندا آهن.

(٢) سنڌ جي سياست مڪمل طور وڏيرن جي هٿن ۾ هئي ۽ آهي، وچون پڙهيل ڳڙهيل طبقو ڪافي تعداد ۾ موجود نہ هو. پڙهيلن جي بہ علمي سطح تمام هيٺ پئي رهي آهي. منجهن سياسي علم ۽ شعور ناپيد هو. موجوده جديد انقلابي نظرين جي اونهي مطالعي جي ڪنهن ۾ بہ پهچ ڪانہ هئي. تنهنڪري هي نئواو انقلاب ۽ سوشلزم جي نالي ۾ پنهنجي گادي بنا خطري قائم رکندو اچي.

طبقاتي ڪشمڪش جي سائنسي سچ کي هنن ايذيءَ بي درديءَ، ايذيءَ بي ايمانيءَ ۽ ايذي فريب سان استعمال پئي ڪيو آهي، جو آهو سچ هنن جي واتان ڦري هڪ عظيم ڪوڙ تي پيو آهي.

مارڪس، لينن ۽ ٻين انقلابي استادن کي وهم ۽ گمان ۾ بہ ڪونہ هوندو تہ اڳتي هلي، ڪي مڪار سندن تعليم ۽ اصولن جو اهڙو واهيات مذاق اڏائيندا ۽ آنهن کي ايذو بدنام ڪندا.

["تحريڪ" - ڊسمبر، ١٩٧٢ع]

# قومي جدوجهد جو پناهگير

# پنجابي نقلي ترقي پسند نظريو

پس منظر :- پناهگير - پنجابي نقلي ترقي پسند نظريي کي سمجهڻ لاءِ پناهگير - پنجابي نقلي ترقي پسندن کي سمجهڻ ضروري آهي. انهن کي سمجهڻ لاءِ وري خود پناهگير ٽولي ۽ پنجابي قوم جي تاريخي پس منظر کي سمجهڻ ضروري آهي.

## پناهگير ٽولي جو تاريخي پس منظر:

هن مضمون جي مقصد لاءِ اصلي پناهگير ٽولو اسين ان کي ليکينداسين، جنهن جي مادري ٻولي اردو آهي. اردو لشڪري ٻولي آهي، ان لشڪر جي ٻولي جيڪو افغان، مغل ۽ ايراني، سامراجي جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن طرفان اڻ ورهايل هندستان يعني هندستان ۽ پاڪستان جي هندو توڙي مسلمان قومن کي غلام بنائي، ڦرڻ لٽڻ لاءِ، هڪ هزار سالن تائين هندستاني پاڪستاني هندو - مسلمان قومن جي سيني تي چڙهيو ويٺو هو. انهيءَ ٻاهرئين لشڪر تي ٽنڊڻ وارن پنهنجي مرڻ جيئڻ جو ناتو هند - پاڪ ڌرتي ۽ ان جي هندو - مسلمان پورهيت عوام سان ڳنڍڻ بدران ڌارئين حملو ڪندڙ

ڪري رهيو آهي. هو توڙ ڪان وٺي سخت تعصبي ۽ اگرائيءَ واري ڪٽر قوم پرستي ۾ مبتلا رهيو آهي. ان قوم پرستيءَ مختلف زماني ۾ مختلف روپ اختيار ڪيا آهن ۽ اها مختلف دورن مان لنگهي آهي.* اڄوڪي دور ۾ ان جا ڪيئي روپ بهروپ آهن. مثلاً، پناهگير ڪٽر قوم پرستيءَ جو پناهگير ملين مودوديءَ جي جماعت اسلاميءَ وارو اسلامي روپ ۽ لياقت عليءَ وارو مسلم ليگي ۽ مها پاڪستاني روپ، وغيره. انهن مان سڀ کان هوشيار ۽ ڪارگر بهروپ آهي "انقلاب ۽ ترقي پسنديءَ جو بهروپ." اهو روپ جماعت اسلاميءَ ۽ مسلم ليگ واري پناهگير قوم پرستيءَ جي روپ کان ڪئين دفعا وڌيڪ ڪامياب روپ آهي. البت ان جو مقصد به اهوئي آهي، جيڪو مودوديءَ ۽ لياقت عليءَ

*لينن لکي ٿو: "پنهنجي قوم پرستين وانگر مها روسي اگرائيءَ واري قوم پرستي به مختلف دورن مان لنگهي آهي....١٩٠٥ تائين فقط اگهاڙي رجعت پرست قوم پرستيءَ جو زور هو. ١٩٠٥ واري انقلاب کان پوءِ مها روسي قوم پرستيءَ هن ملڪ ۾ فراخدليءَ جو چوغو اوڍيو....اڳتي هلي، اها جمهوريت پسنديءَ جو لباس پائيندي...." پڻي هنڌ لينن اگرائي ڪندڙ ڪٽر ۽ تعصبي مها روسي قوم پرستيءَ جي سوشلسٽ چوغي پهرڻ جو بيان ڪيو آهي ۽ ان جا پول پڌرا ڪيا اٿس.

"قومي سوال": لينن، صفحو ١١٥

ڏيو. سنڌ خلاف انگريز، پٺاڻ ۽ پنجابي سازش جو رنجيت سنگهه ۾ اهم ڪارڪن هو. پنجابي فوجون انگريز پاران ڪابل تي چڙهي ويون. سکن جو راج پورو ڏيو، پر پنجاب جي جاگيردار طبقي طرفان انگريزي سامراج جي چوڪيداري ختم ڪانه ٿي. جيئن قزاق سوين سال روسي سامراج پاران يورپ ۽ ايشيا جي مظلوم قومن لاءِ جلاد بڻيا رهيا، تيئن پنجاب جي مسواڙي فوج ايشيا ۽ آفريڪا جي مظلوم قومن لاءِ انگريز سامراج جي پگهاردار جلاد بڻي رهي. پنجابي جاگيردارن انگريز پرستيءَ ۾ ”فنافي الاانگريز“ جو مرتبو وڃي حاصل ڪيو. ١٨٥٧ع واري هند ـ پاڪ آزاديءَ جي جنگ ۾ پنجابي جاگيردارن ۽ پنجاب مان ڀرتي ڪيل مسواڙي فوج بدترين عوام دشمن ۽ وطن دشمن ڪردار ادا ڪيو. پنجابي نوجوانن کي انگريزن وت وڪڻي، جاگيرون ۽ لقب ورتا، پنجابي زميندارن ۽ جاگيردارن جو پيشو ئي پيو. انگريز پرستيءَ ۾ پنجابي جاگيردار ۽ زميندار پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي تاريخي ورثي کي وڪڻي ڇڏيو. دنيا ۾ شايد ئي ڪو اهڙو مثال هجي، جو ڪنهن قوم پنهنجي رضا خوشيءَ، بلڪ وڏي فخر سان پنهنجي هزارين سال جي تاريخي ورثي کي ائين ترڪ ڪيو هجي. پنجاب جي نفري تعداد ۾ انگريز سامراج مان سازباز ڪري حاصل ڪيل ترقيءَ سبب، پنجابي قوم پاڻ کي پاڪستان جو ”اصلي تي وڏو“

جي مظلوم ۽ پوئتي پيل صوبن مان ڪندا رهيا آهن. اتي جي ڦرلٽ ئي ڪين آهو موقعو ڏئي ٿي ته هو پنهنجي چونڊي وچين ۽ هيٺين طبقي جي ڪن حصن کي، سنڌ وغيره ۾ پراڻين زمينن، نوڪرين، واپار ۽ سياسي فائدن جي رشوت ڏيئي، کين ڀاڙت ڪري، پاڻ مان ملائي، انهن جي معرفت پناهگير- پنجابي عوام جي سياسي سمجهه کي مڏو ڪن ٿا ۽ کين برغلائي پنهنجي دائمي ۽ اصلي دشمن جي دلال ٽيڙ تي آماده ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ذريعي هو پناهگير - پنجابي عوام جي سياسي قوت کي اندران سڙي وانگر کائي چٽ ڪن ٿا ۽ پنهنجي عوام دشمن مفادن ۽ راڄ جي بچاءُ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا. ان ڦرلٽ ذريعي جيڪا سياسي قوت هو گڏ ڪن ٿا، سا هو رڳو سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ قومن خلاف استعمال ڪن ٿا، پر ضرورت پوڻ تي خود پنجابي - پناهگير- هارين، مزدورن خلاف استعمال ڪري سگهن ٿا ۽ ڪندا به رهيا آهن. ٻين لفظن ۾، هن پنجابي - پناهگير زميندار ۽ سرمائيدار جي ٽولي جي طاقت جون پاڙون پاڪستان جي مظلوم صوبن ۾ آهن. اتي ئي کين وڏيڪ مضبوطي ملي سگهي ٿي، ۽ اتي ئي سندن طاقت کي سڀ کان وڏيڪ ڌڪ رسي سگهي ٿو. جي سندس اهي مورچا مضبوط آهن، ته هو بنا روڪ ٽوڪ جي خود پنجابي- پناهگير عوام کي ڦري، لٽي ۽ غلام رکي سگهي ٿو. پر سندن اهي مورچا ختم ٿي يا ڪمزور ٿي پون، ته پوءِ

(٢٩ نومبر ١٨٦٩ع، مارڪس جو ڪوگل مين ڏانهن خط.)

مطلب تہ پناهگير - پنجابي پورهيتن جو صاف ۽ چٽو فرض آهي تہ مظلوم قومن تي ڏورو ڪري نہ، پر خود پنهنجي نجات لاءِ پنجابي-پناهگير زميندار ۽ سرمائيدار جي خلاف جدوجهد ڪن. نہ رڳو ايترو، پر هو، انهن مظلوم قومن ڪان بہ اڳتي وڪ وڌائي، پناهگير - پنجابي سرمائيدارن طرفان مظلوم قومن تي ٿيندڙ قومي ظلمن جي مخالفت ڪن. اهائي صحيح ترقي پسند، صحيح انقلابي پورهيت ۽ صحيح مارڪسي - ليننئي وات آهي. پر پنجابي - پناهگير ترقي پسند سڏائيندڙن مان ذري گهٽ سڀني اُن جي ابتڙ وات اختيار ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت هنن پناهگير - پنجابي پورهيت عوام ۽ پاڪستان جي مظلوم قومن سان غداريءَ ۽ پناهگير - پنجابي زميندارن ۽ سرمائيدارن جي سڌي يا اڻ سڌي دلالي ۽ چمچاگيريءَ جي وات ورتي آهي. اهوئي سبب آهي، جو اسين ڪين نقلي ترقي پسند سڏيندا اسين. انهيءَ سلسلي ۾ لينن صاف چيو آهي تہ "جيڪو ماڻهو قومي ظلم ۽ نابرابريءَ خلاف لڙائي نٿو ڪري، سو مارڪس جي انقلابي تعليم جو پوئلڳ تہ ڇڏيو پر سڪڙو جمهوريت پسند بہ ڪونهي."

(قومن جي حق خودارادي بابت مقالا، صفحو ٢٣)

## پنجابي - پناهگير نقلي ترقي پسندن جي قومي مسئلي بابت حڪمت عملي: آنهيءَ

حڪمت عمليءَ جا مکيه ارڪان هيٺيان آهن: (١) قومي جدوجهد جي دلي مخالفت ڪري، مظلوم قومن يا ٽولي طرفان مظلوم قومن جي جيڪا ڦرلٽ پيئي ٿئي، تنهن ۾ پنهنجا حصا پٽيون سلامت رکڻ. (٢) ان قومي جدوجهد جي مخالفت ۾ سرجوشي ۽ ڪاميابي ڏيکاري، پنهنجي حاڪم طبقن کي خوش ڪري، ڪانئن وڌيڪ سٺيا ٽڪر حاصل ڪرڻ. (٣) قومي جدوجهد جو دٻپ ڏياري، پنهنجي حاڪم طبقن کي هيسائي، کين بليڪ ميل ڪرڻ ۽ پنهنجي اهميت ۽ حصو اڃا به وڌائڻ. (٤) مظلوم قومن جي سجاڳ ۽ اڳتي وڌيل جٿن کي پنهنجي هٿ ۾ رکي، کين پنهنجي طبقاتي ۽ قومي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ انهن جي ذريعي حاڪم طبقن سان اندروني ڪشمڪش ۾ پنهنجو پاسو ڳرو رکڻ. (٥) مظلوم قومن جي وڏيري، خان ۽ سردار طبقي کي بليڪ ميل ڪري، ان کي پنهنجي اهميت جو احساس ڏيارڻ، ۽ ساڻن سمجهوتو ڪري، کين پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ. پوئيون به ڳالهيون پناهگير - نقلي ترقي پسندن سان خاص ڪري لاڳو آهن.

**چالون:** قومي جدوجهد جي مخالفت لاءِ پناهگير - پنجابي ترقي پسند هيٺيون چالون ڪتب آڻيندا آهن:

رازداريءَ جي هٿيار کي عوام دشمن بجاءِ عوام خلاف استعمال ڪرڻ، ۽ رازداريءَ جي ناليءِ ۾ مظلوم قوم مان ڪوڙ بدوڙ، گلاخوريون، بهتان طرازيون، مڪر، فريب ۽ چالبازيون ڪرڻ.

**نظرياتي سرڪڻ ڦاهي:** قومي جدوجهد کي ناجائز، فضول ۽ نقصانڪار ثابت ڪرڻ لاءِ هيٺين، مظلوم قومن جي عوام لاءِ، قسمين قسمين نظرياتي سرڪڻ ڦاهيون ٺاهيون آهن. آهي عوام اهڙي ڦاهيءَ مان مس جان آزاد ڪرائين ٿا، ته ٻيءَ ۾ ڦاسيو وڃن ٿا. هنن پنهنجي رجعت پرست ۽ عوام دشمن ڪردار کي لڪائڻ لاءِ به ڪئين آڙون، ڪَڏَٽا ۽ پڙ ٺاهي ڇڏيا آهن. اهڙي مان مس مس ٽڪائي ٻاهر ڏو ڪيجين، ته ٻوڙ ٻايو ٻئي ۾ گهڙيو لڪيو وڃن. اهي سرڪڻ ڦاهيون ۽ ڪُڏٽا هو روز پيا ٺاهين. هڪڙا پڌرا ٿيندا ته پيا اڳ ۾ ئي تيار هوندا. انهن مان ڪي هيٺيان آهن:

(١) پورهيتن جو ڪوبه وطن نه ٿيندو آهي، تنهنڪري سڄيءَ دنيا جي انقلابين جو نعرو آهي: ”دنيا جا پورهيتو متحد ٿيو!“ دنيا جي انقلابين جو انجيل آهي ”ڪميونسٽ پڌرنامون“ - ان ۾ لکيل آهي ته ”پورهيت جو ڪوبه وطن نه ٿيندو آهي.“ اهو هنن جو سڀ کان اول ۽ آخر ٽڙپ جو پتو آهي. (٢) قومي مسئلو آهي ئي ڪونه، قومون نه ٿينديون آهن، فقط

ڪري سگهن ٿا. قومي جدوجهد جي واڳ وڏيرن ۽ وچين طبقي جي هٿ ۾ هوندي آهي. جنهن جدوجهد جي اڳواڻي وڏيرن يا وچين طبقي جي هٿ ۾ هجي، ان جي تائيد جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. (١٣) انقلابي جدوجهد جي اڳواڻي هميشه پورهيت طبقو ڪندو آهي. پورهيت طبقي ۾ قومي فرق رکڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. (١٤) پورهيت طبقو، جنهن کي اڳواڻي ڪرڻي آهي، سو غير سنڌي آهي. غير سنڌين خلاف جدوجهد ڪبي، ته اها قومي جدوجهد جي جائز اڳوان طبقي يعني پورهيت طبقي جي خلاف ٿيندي. تنهنڪري جدوجهد ڀلي هلائجي، پر ٻيءَ ڪنهن قوم جي گلا نه ڪجي، نه ته پورهيت طبقو ڪيئن ان جدوجهد ۾ حصو وٺي، ان جي اڳواڻي ڪري سگهندو! (١٥) سنڌ اندر پورهيت طبقو غير سنڌي آهي. ان جي حقيقي ۽ باطني اڳواڻي پناهگيرن جي هٿ ۾ آهي. تنهنڪري قومي جدوجهد (نقلي) ترقي پسند پنجابي - پناهگيرن جي هٿ ۾ هئڻ گهرجي. (١٦) انقلابي جدوجهد جي اڳواڻي پورهيت طبقي کي ڪرڻي آهي؛ پورهيت طبقي جي اڳواڻي وري انقلابي پارٽيءَ کي ڪرڻي آهي. اهڙيون انقلابي پارٽيون پناهگير- پنجابي اڳ ۾ ئي ٺاهيو ويٺا آهن. پنجابي - پناهگير زيادتين خلاف جدوجهد جو مطلب ٿيو انقلابي پارٽيءَ جي هلائيندڙن جي قوم خلاف جدوجهد.

انقلابي پورهيت پارٽيءَ جي مخالفت معنيٰ بين الاقوامي تحريڪ جي مخالفت ڪرڻ ۽ رجعت پرستن جو ساٿ ڏيڻ. (١٧) پوءِ ويچارا هيترا سارا پناهگير پلا ڪيڏانهن ويندا؟ انهن کي آخر ماري ته ڪونه ڇڏبو؟

لينن چيو آهي ته ”ستِ احمق ايترين ته گهڻين حجتون اٿاري سگهن ٿا، جو دنيا جا ستر ڏاها به انهن جو جواب مشڪل ڏيئي سگهن!“ جي اهي احمق ساڳئي وقت مڪار، بي ايمان ۽ دليءَ جا ننگ به هجن، ته پوءِ ستر ته ڇا ست لک ڏاها به انهن حجتن کي کٽائي ڪونه سگهندا. اِنهيءَ ڪري منڊيءَ ۾ چوندا آهن ته ”نه کي نَو ڪوٽ آهن“! هن دور جو انقلابي نظريو ڪو وحي يا الهام ڪونهي. ڪنهن جي به دعويٰ ڪانهي ته آهو آسمان مان نازل ٿيو آهي يا ڪنهن خاص دماغ آن کي ايجاد ڪيو آهي. آهو انساني سماج جي هزارين لکين سالن جي واڌاري جي هڪ خاص منزل جو نشان آهي. آهو ڪروڙين انسانن ۽ هزارين نسلن جي محنت ۽ جدوجهد مان حاصل ڪيل سبقن ۽ نتيجن جو مجموعو آهي. آهو هر وقت گذيل تجربي جي ڪسوٽيءَ تي پرکبو رهي ٿو. هر وقت آن مان ناقص يا مدي خارج جزا خارج ڪرڻا آهن ۽ نوان جزا آن ۾ شامل ڪرڻا آهن. انقلابي دانائن ۽ استادن ائين سيکاريو ۽ ڪيو آهي. گذريل صديءَ کان وٺي هر انقلاب، هر جدوجهد ۽

هر انقلابي استاد انقلابي نظريي جي جوهر کي سلامت رکيو ۽ بچايو آهي، نقص کي دور ڪيو آهي ۽ زندگيءَ جي تقاضائن موجب ان ۾ واڌارا ڪيا آهن. انقلابي نظريي جو ڪم آهي انقلابي عمل جي رهنمائي ڪرڻ. پر هر حالت ۾ لازمي نه آهي ته نظريو اڳ ۾ هجي ۽ عمل پوئتي. گهڻائي ڀيرا عوام جو انقلابي عمل چال ڏيئي اڳتي نڪري ويندو آهي ۽ نظريو پوئتي رهجي ويندو آهي. ان ڪري ئي لينن گوئٽي جو قول دهرائيندي چيو آهي-

”دوست! نظريو خاڪي آهي (يعني نه صفا پيلو ۽ نه صفا سائو، يعني وچٿرو)، پر زندگيءَ جو وڻ سدائين سائو، سرسبز ۽ سدا بهار آهي!“

اچو ته انقلابي نظريي جي ڏاڪي به ڏاڪي واڌاري تي هڪڙي اڏامندڙ نظر وجهون.

انقلابي نظريي ١٩ صديءَ ۾ نسبتاً مڪمل روپ ورتو. ”ڪميونسٽ پڌرنامو“ ان جو پهريون ڀرپور اظهار آهي. ان اهو ڌرتي ڌوڏيندڙ انقلابي نعرو ڏنو - ”دنيا جا مزدور متحد ٿي وڃو!“ ان وقت سمجهيو ٿي ويو ته (١) انقلاب ساڳئي وقت گهڻن ملڪن ۾ ايندو. هڪڙي ۾ آيو ته ٻوءِ يورپ جا سڀ رجعت پرست گڏجي، ان کي ١٨٤٨ جي يورپي انقلابن، خاص ڪري پيرس جي جون ١٨٥١ جي بغاوت، وانگر ڪچلي ڇڏيندا. (٢) ترقي پسند چوٿون وچون طبقو پورهيت انقلاب جو

ڳالهہ توقع مطابق ٿي، آها هيءَ تہ انقلاب ۾ مزدورن سان هارين جو اتحاد قائم ۽ ڪامياب ٿيو. اهڙيءَ ريت انقلاب جي نظريي ۾ اهم تبديليون ۽ واڌارا ٿيا.

قومي مسئلي تي يورپ ۾ شروع کان وٺي ٻہ لاڙا هئا. هڪڙو لاڙو جرمن ۽ فرينچ سوشلسٽن، جهڙوڪ: لاسال، لافارجي، لانگي ۽ پراؤڌن جو هو. هنن قومن کي هڪ مدي خارج شيءِ سمجهيو ٿي ۽ قومي مسئلي کي انقلاب لاءِ رنڊڪ سمجهيو ٿي.

ٻيو لاڙو مارڪس ۽ اينجلس جو انقلابي لاڙو هو. هنن قومي سوال کي شروع کان وٺي زبردست ۽ تاريخي اهميت ڏني. هتي نہ رڳو قومن جي وجود، اهميت ۽ تاريخي جواز کي مڃيو ۽ مڃرايو، پر ان جو سائنسي حل سوچي ۽ غور ڪري تيار بہ ڪيو. آهو ٿورن لفظن ۾ هي آهي: ”قومن کي غلام ۽ تابع رکڻ ناجائز آهي. ڪنهن بہ قوم جي مفادن، ٻوليءَ ۽ ثقافت کي ٻيءَ قوم جي مفادن، ٻوليءَ ۽ ثقافت تي برتري ڏيڻ ناجائز ۽ انقلاب لاءِ نقصانڪار آهي. انقلابي گهڻ-قومي اتحاد انقلابي جدوجهد جي لازمي ضرورت آهي. ڏنڊي جي زور سان قائم ڪيل ۽ رکيل اتحاد انقلاب دشمن اتحاد آهي. اتحاد معنيٰ خوشيءَ جو اتحاد، حقيقي برابريءَ ۽ هڪجهڙائيءَ وارو اتحاد. ان اتحاد لاءِ ضروري آهي تہ سمورو قومي ظلم، سموريون قومي برتريون، سمورا خاص رتبا ختم ڪيا وڃن. ڪنهن بہ

قوم کي زوريءَ کنهن حڪومت جي تابع رهڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو وڃي. ڪنهن بہ قوم کي زبردستيءَ ٻيءَ قوم جي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور نہ ڪيو وڃي. قومن کي آزادي ڏجي تہ هو چاهين تہ ڪنهن ٻيءَ قوم سان گڏجي حڪومت ۾ ڀائيوار ٿين ۽ وٽين تہ پنهنجي الڳ قومي حڪومت قائم ڪن. جڏهن زبردستيءَ واري ڳالهہ، ڦرلٽ وارو عنصر وچان نڪري ويندو، تڏهن قومون رضا خوشيءَ سان پنهنجي پنهنجي فائدي لاءِ هڪٻئي جي ويجهو ايندينون ۽ پاڻ ۾ ملي ڪير ڪنهن تي ويندينون. انهيءَ وچ ۾ حاڪم ۽ زوراور قومن جي پورهيتن جو فرض آهي تہ پنهنجي ئي فائدي لاءِ محڪوم ۽ مظلوم قومن جي آزاديءَ جي حق جي وڪالت ڪن، پنهنجي پورهيت عوام کي ان لاءِ ذهني طرح تيار ڪن ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪن. ان ريت مظلوم قومن جي عوام کي ظالم قومن جي پورهيتن تي ڀروسو ٿيندو ۽ هو ساڻن ڀڏي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا. ان ڀڏيءَ ذريعي هو سڀ گڏجي، پنهنجن دشمن سان وڙهي، پنهنجي نجات حاصل ڪري سگهندا" مارڪس ۽ اينجلس انهيءَ خيال کان وٺي يورپي قومن جي سوشلسٽن جي قوميت کان انڪار ڪندڙ لاڙي خلاف زبردست جدوجهد ڪئي ۽ انهن جي لڪل ڪٽر قوم پرستيءَ کي بي‌نقاب

۽ اڳڀاڙو ڪيو. *

مارڪس ۽ اينجلس يورپ جي تجربي کان پوءِ ان نتيجي تي پهتا ته يورپ جي انقلاب کي مکيه هٿي ايشيا ۽ آفريڪا جي غلام ۽ اڌ غلام قومن جي آزاديءَ جي جدوجهد مان ملندي. هنن هندستان، چين، انڊونيشيا، مصر، الجزائر، ايران وغيره غلام ۽ اڌ غلام ملڪن جي تاريخ جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو ۽ اڳڪٿي ڪئي ته اهي جدوجهدون يورپي سرمائيداريءَ جون پاڙون ڪمزور ڪري ڇڏينديون ۽ يورپي پورهيتن کي يورپ ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ميدان سازگار ڪري ڏينديون. (ڏسو مارڪس ۽ اينجلس جي مقالن جو مجموعو - "بيڪون")

١٨٩٦ع ۾ بين الاقوامي سوشلسٽ ڪانگريس اهو فيصلو ڪيو ته "دنيا جا پورهيت انقلابي انهيءَ ڳالهه لاءِ جدوجهد ڪن ته هر ڪنهن قوم کي پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي."

١٩٠٣ع ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو صحيح معنيٰ ۾ بنياد رکيو ويو، ان پارٽي ڪانگريس پنهنجي پروگرام جي قلم ٩ ۾ گهر ڪئي ته "روس جي غلام قومن کي پنهنجي سياسي مستقبل جي پاڻ فيصلي ڪرڻ جي آزادي ڏني وڃي". انهيءَ فقري جي خلاف مها روسي ذهنيت رکندڙ روسي سوشلسٽن زبردست اعتراض

---

* پڙهو "مارڪس ۽ اينجلس جا چونڊ خط"، پراگريس پبلشرس، ماسڪو.

ڪيا ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ قومي مسئلي کي اهميت ڏيڻ انقلاب دشمني آهي. انهيءَ ڪري ١٩١٢ع جي پڇاڙيءَ ۾ لينن جي هدايت تي اسٽالين پنهنجو جڳ مشهور مقالو ”مارڪسزم ۽ قومي سوال“ لکيو. جنهن ۾ قومي حقن ۽ قومي جدوجهد تي انقلابي نقطي نظر کان روشني وڌي ويئي. ١٩١٣ع ۾ لينن قومي جدوجهد جي مسئلي تي پنهنجي مشهور مقالن جو سلسلو شروع ڪيو. آهي آهن: (١) روسي سوشلسٽ جمهوري پارٽيءَ جو قومي پروگرام. (٢) قومي سوال بابت تنقيدي تبصرا. (٣) قومن جي خود-اختياريءَ جو حق. (٤) مها روسين جو قومي تڪبر. (٥) سوشلسٽ انقلاب ۽ قومن جي خوداختياريءَ جو حق. (٦) قومي خود اختياريءَ جي حق بابت بحث جو نچوڙ. اهو مقالن جو سلسلو جولاءِ ١٩١٦ ۾ پورو ٿيو.

لينن اهي مقالا لکي، سڄي يورپ جي انقلابي پارٽين جي بين الاقوامي جماعت (ٻي انٽرنيشنل) کي قومي سوال تي اگهاڙو ۽ بي نقاب ڪيو. ان بين الاقوامي جماعت تي يورپ جي وڏين ۽ جابر قومن يعني جرمني، فرانس ۽ انگلنڊ جا اهي سوشلسٽ ڇانيل هئا، جن قومي مسئلي تي اهو ئي رويو ٿي ورتو، جيڪو اڄ اسان جا پناهگير-پنجابي سوشلسٽ وٺي رهيا آهن، يعني قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻ يا لنوائڻ، بلڪ هٽڻ ۽ گوهيون ڏيڻ. (هر انقلابيءَ جو فرض آهي تہ انهن مقالن کي

ڏور سان پڙهي ۽ انهن ۾ اچوڪن پناهگير - پنجابي ترقي پسندن جون تصويرون ڏسي.)

١٩١٧ع ۾ روسي انقلاب آيو. ان ۾ مظلوم قومن جي انقلابين، لينني قومي پاليسيءَ جي روشنيءَ ۾، ڀرپور حصو ورتو ۽ هڪجهڙائيءَ ۽ برابريءَ جي بنياد تي قومن جي ساٿ ۽ برابريءَ جو شاندار مثال پيش ڪيو. جلد ئي قومي حقن کان انڪار ڪندڙ، وڏين قومن جي چاڙتيءَ ٻيءَ انٽرنيشنل کي ٽوڙي، ان جي جاءِ تي حقيقي پورهيت بين الاقوامي جماعت ”ٽي انٽرنيشنل يا ڪميونسٽ انٽرنيشنل“ قائم ڪئي ويئي. ١٩٢٠ع ۾ ٽي انٽرنيشنل جو هڪ خاص اجلاس ”قومي ۽ بيٺڪي جدوجهدن“ جي مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ سڏايو ويو. ان ۾ لينن ۽ هندستاني انقلابي ايم- اين- راءِ جون قومي جدوجهد بابت ٿيسسون (نظرياتي مقالا) منظور ڪيون ويون. انهن ۾ جدوجهد لاءِ صحيح انقلابي لائين پيش ڪئي ويئي. هن ڪانگريس سڄيءَ دنيا جي انقلابي پورهيتن جي پاران دنيا جي پورهيتن ۽ مظلومن کي نين بدليل حالتن ۾ هي نعرو ڏنو: ”دنيا جا پورهيتو ۽ دنيا جون مظلوم قومون پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃو!“

انهيءَ وچ ۾ انقلاب جي نظريي ۾ هڪ اهم تبديلي آئي. آها هيءَ ته اڳي جو سمجهيو پئي ويو ته انقلاب يورپ جي ترقي يافته ملڪن ۾ ايندو يا گهٽ

جو اڇوڙ پنهنجي مشهور تصنيف ”لينن ازم جا بنياد“ ۾ پيش ڪيو. ان ۾ قومي مسئلي بابت لينن جي تعليم تي روشني وجهندي، اسٽالين لکيو: ”سرمائيداريءَ جي اڳين دور ۾ قومي جدوجهد جمهوري جدوجهد جو هڪ اهم حصو هئي. پر هاڻ اها خود سوشلسٽ جدوجهد جو اهم حصو بڻجي پيئي آهي.“

١٩٤٩ع ۾ چين ۾ انقلاب آيو، جيڪو دنيا جي تاريخ ۾ روس ڪان پوءِ ٻيو وڏو انقلاب هو. مائوزي تنگ نئين حالتن ۾ لينن ۽ اسٽالين ڪان به هڪ وک اڳتي، اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته قومي جدوجهد سوشلسٽ انقلاب لاءِ رڳو هڪ اهم قدم ناهي ۽ رڳو ان جو حصو ناهي، پر اڄوڪين خاص حالتن ۾ هڪ خاص عرصي تائين انقلاب جو بنيادي دارو مدار آهي ئي ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا جي قومي جدوجهدن تي؛ ۽ نه يورپ جي مزدورن جي خالص طبقاتي جدوجهد تي. چيني انقلاب جي ڪاميابيءَ ڪان پوءِ انقلاب تان يورپي هجڻ جي بندش لهي ويئي. ۽ اهو ثابت ٿيو ته دنيا جون مظلوم پوئتي پيل هاري قومون به پورهيت انقلاب آڻي سگهن ٿيون. ويٽنامي، ڪوريائي، ڪيوبائي ۽ ڏکڻ يمني انقلابن ته هيڪاري ثابت ڪري ڏيکاريو ته هن دور جي خاص حالتن ۾ پورهيت انقلاب ڪجهه وقت تائين فقط ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ننڍڙين مظلوم قومين جي قومي آزاديءَ جي جدوجهدن مان ئي اسري، نسري ۽ وڌي

آن جي اڳواڻي وچين طبقي جي هٿ ۾ نہ ، پر پورهيتن جي هٿ ۾ هجي، (٢) آها لمبي عرصي لاءِ هلائي وڃي ۽ (٣) عوامي جنگ جي سائنس مطابق هٿياربند هجي ۽ (٤) آها پورهيتن جي اڳواڻيءَ هيٺ سيني وطن دوست طبقن ۽ فردن جي گڏيل محاذ جي وسيلي هلائي وڃي. اهڙيءَ حالت ۾ آها هٿياربند قومي جدوجهد ڪافي لمبي عرصي ڪان پوءِ سرمائيداريءَ جي منزل کي وچ ۾ ڪاٽي، سڌو سوشلزم جي منزل تائين پهچي سگهي ٿي. آفريڪا جي انگولا، موزمبيق، گني ۽ ٻين تمام پوئتي پيل علائقن جي هٿياربند قومي جدوجهدن اچا به هڪ وک اڳتي هلي، اها ڳالهہ ثابت ڪري ڏيکاري آهي تہ قومي جدوجهد اهڙن ملڪن ۾ بہ هلائي سگهجي ٿي، جتي ڪو خاص صنعتي مزدور طبقو ناهي. اهڙين خاص حالتن ۾ هڪڙي ننڍڙيءَ قوم جا پورهيت هاري جيڪڏهن دنيا جي پورهيت انقلابي نظريي سان هٿياربند ڪيا وڃن ۽ انقلابي پورهيت حڪمت عمليءَ ۽ چالن کان ڪم وٺن ۽ جنگ جي اصولن مطابق هٿياربند عوامي جدوجهد هلائين، تہ آهي بہ عوامي قومي انقلاب آڻي، سوشلسٽ انقلاب جي منزل تي رسي سگهن ٿا. چين ، ڪوريا تـوڙي ويٽنام وغيره جي انقلابـن ۾ انقلابي مفادن خاطر، طبقاتي جدوجهد کي قومي جدوجهد جي تابع ڪرڻ جي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪيو ويو آهي ۽ پورهيت اڳواڻيءَ هيٺ سمورن وطن دوست

آها گهر آهي قومن طرفان پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جي حق جي گهر. يعني سياسي علحدگيءَ جي گهر.“ (صفحو ٨)- ”پورهيت طبقو ان جمهوريت جو مطالبو ٿو ڪري، جنهن جمهوريت ۾ ڪنهن به هڪڙيءَ قوم کي ڪنهن به حڪومت جي حدن اندر زبردستيءَ قابو رکڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي.“ (صفحو ٩)- ”ظالم قومن جي مزدورن کي بين الاقوامي اتحاد جي تعليم ڏيڻ مهل انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيڻ کپي ته آنهن پورهيتن جو فرض آهي ته هو مظلوم قومن جي الڳ ٿي وڃڻ جي آزاديءَ جي وڪالت ڪن ۽ آن لاءِ وڙهن. انهيءَ ڳالهه کان سواءِ قومن جي وچ ۾ اتحاد قائم ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اسان جو اهو حق ۽ فرض آهي ته ظالم قوم جو جيڪو سوشلسٽ جمهوريت پسند انهيءَ قسم جي تبليغ ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو. تنهن کي سامراجي ۽ بدمعاش ڪري ليکيون.“ (صفحو ١٧١)- ”جيڪي ساٿي اهو محسوس نٿا ڪن ته قومن جي الڳ ٿيڻ جي حق کي نه مڃڻ ۽ ننڍين قومن جي قومي تحريڪن کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ ڪري، هو ڪهڙي نه گند ۾ ڪري پيا آهن، تن جون اکيون تڏهن کلنديون جڏهن کين خبر پوندي ته ’اتفاق‘ سان، انهيءَ مسئلي تي سندن خيال به آهي ساڳيا آهن، جيڪي سندن قوم جي سرمائيدارن جا آهن.“ (صفحو ١٨١)- ”جيڪو ظالم قوم جو سوشلسٽ جمهوريت پسند قومن جي الڳ ٿيڻ

جي حق کي زبان سان تسليم ڪري ٿو پر ان لاءِ
عملي جدوجهد نٿو ڪري، سو حقيقت ۾ سامراجي آهي
۽ زار شاهيءَ جو دلال آهي." (صفحو ١٨٧)- "اِها
تسليم ٿيل ڳالهه آهي ته، (ڪنهن مظلوم قوم جي)
الڳ ٿي وڃڻ جي حق کان انڪار ڪرڻ معنيٰ ظالم
قوم جي حد کان وڌيڪ چٽيل چنڊيل رجعت پرستن
واري قوم پرستيءَ جي هٿن ۾ رانديڪو ٿي ڪيڏڻ."
(صفحو ١١)- "ڪي ماڻهو ستايل قومن جي وچين
طبقي جي قوم پرستيءَ جي هٿن ۾ رانديڪو ٿي ڪيڏجڻ
جي ڊپ کان وڃي ظالم قوم جي نه رڳو وچين طبقي جي
قوم پرستيءَ پر انتهائي رجعت پرستي جي هٿن ۾ رانديڪا
بڻيا آهن." (صفحو ١١)- "مظلوم قومن جي علحدگيءَ جي
حق کي تسليم ڪرڻ لاءِ ظالم قوم جا وچين طبقي وارا
جمهوريت پسند بڏل نه آهن. هو اصولي طور به ان کي
تسليم نه ڪن ته به وس وارا آهن. پر اسين سوشلسٽ
جمهوريت پسند انهيءَ مطالبي کي تسليم ڪرڻ لاءِ بڏل
آهيون، جيڪڏهن اسين اِها ڳالهه وساري ڇڏينداسين يا
پنهنجي هم وطن روسين جي قومي تعصب جي ڊپ کان
ان کي پيش ڪرڻ کان ڊڄنداسين ته پوءِ دنيا جي
سوشلسٽ جمهوريت پسندن جو جيڪو نعرو آهي ته،
'دنيا جا پورهيتو پاڻ ۾ ٻڌي ڪريو!' اهو نعرو اسان
جي چپن تي ڦري، هڪڙو بي شرمائيءَ وارو ڪوڙ ٿي
پوندو." (صفحو ١١)- "روسي قوم جو جيڪو به

ھر ھنڌ حاوي آھن. پارليامينٽ، اسڪولن، ديولن، فوجي بيرڪن ۽ سوين هزارين اخبارن ۾ اهائي وٺ وٺان آهي ته غير روسي علحدگي پسند آھن ۽ الڳ ڏيڻ بابت پيا سوچين. زوراور قوم جي اُنھيءَ قوم پرستيءَ جو اِھو زھر سڄي روس جي سياسي ماحول کي زهريلو بنائي رهيو آهي. هيءَ هن قوم (يعني روسي قوم) جي بدقسمتي آھي، جو آھا ٻين قومن کي غلام بنائي، خود پنهنجو پاڻ رجعت پرستيءَ جو شڪار ٿي رھي آھي.... قومن جي علحدگيءَ جي حق کي تسليم نه ڪرڻ جي معنيٰ آهي بدترين موقع پرستيءَ جو شڪار ٿيڻ ۽ پورھيت طبقي کي سنڌن قوم جي رجعت پرست خيال جي زهريلن جيوڙن جو شڪار بنائڻ." (صفحو ۱۱۳) جيڪي ماڻھو پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندي، خود پنهنجي قوم جي پورھيتن کي اِھا تعليم نٿا ڏين ته قومي جدوجهد جي پرزور تائيد ڪئي وڃي يا فقط زباني طرح جدوجهد جي حمايت ڪن ٿا پر عملي طرح ان جي حمايت نٿا ڪن، تن لاءِ لينن هيئن چيو آهي:

"جيڪڏهن ماڻھو پائڻي ته مارڪسي سياستدان ٿيان ته آن جو فرض آهي ته هو السيس* جي باري ۾ جرمن سوشلسٽ بدمعاشن تي حملو ڪري، جاڪاڻ جو هو السيس کي پنهنجي الڳ حڪومت قائم ڪرڻ

---

* السيس تي فرانس ۽ جرمنيءَ وچ ۾ تڪرار هو.

ڪن، اهڙا سوشلسٽ ناجائز قوم پرست ۽ سامراجي
ڇمڇا آهن ۽ مٿن سامراجين جو وهايل رت ۽ ڪين
ٽڪيو پيو آهي."

جيڪي نقلي ترقي پسند چون ٿا ته "خالص
سوشلسٽ انقلاب لاءِ جدوجهد ڪريو ۽ وچ ۾ پيو
ڪوبه ڦڏو نه وجهو، قومي جدوجهد جو مسئلو کڙو
نه ڪريو" اهڙن "خالص" سوشلسٽن ڪي لينن هي جواب
ڏنو آهي:

"اهو خيال ڪرڻ ته سماجي انقلاب بيٺڪن
(ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي غلام ملڪن) ۽
يورپ جي ننڍڙين قومن جي بغاوتن کان سواءِ ٿي ايندو،
يا وهمي ۽ تعصبي ڇوٽي وچين طبقي جي ڪنهن حصي
جي انقلابي هلچل کان سواءِ ايندو، سياسي شعور نه
رکندڙ پورهيت ۽ اڌ پورهيت عوام طرفان زميندارن،
ملن، پادرين، پانڊن، پيرن، بادشاهن، قومي ظالمن خلاف
تحريڪ کان سواءِ ايندو، سو ڄڻ ته خود سماجي انقلاب
کان انڪار ڪرڻ. اهڙن ماڻهن جو خيال آهي ته
ڪڙي فوج ڪي گهرجي ته ڪنهن هنڌ صفون ٻڌي
بيهي چوي، 'اسين سوشلزم جا حامي آهيون!' ۽ ٻئي
هنڌ وري ٻي فوج قطارون ٻڌي، بيهي چوي، 'اسين
سامراج جا حامي آهيون!' اهڙيءَ ريت سماجي انقلاب
اچي ويندو! .... جيڪو به اهڙي خالص، سماجي انقلاب
جي آس رکيو ويٺو هوندو، سو مرڻ مري ويندو، سماجي

قائم ڪرڻ جو حق ماڻين." (صفحو ١٢٨-١٢٩).

جيڪي سچو ڏينهن رڳو 'اقتصادي جدوجهد' جو رينگٽ آلاپين ٿا، تن کي ماٺوزي تونگ جا هي لفظ ذهن نشين ڪرڻ کپن ته "قومي جدوجهد پس پيش هڪ اقتصادي جدوجهد آهي،" لينن چيو ٿو، "پراڻن اقتصاديت پرستن، مارڪسي تعليم کي هڪڙو سانگ بنائي، پورهيتن کي سيکاريو ته مارڪس جي انقلابي تعليم جي پوئلڳن لاءِ فقط اقتصادي پاسو اهميت رکي ٿو .... پر جيتوڻيڪ سوشلزم اقتصاديت تي ٻڌل آهي، پر آهو فقط اقتصاديت ڪونهي." (صفحو ١٣٧).

جيڪي چون ٿا ته 'قومي مسئلو موجوده جاگيرداري، سرمائيداري نظام ۾ ائين ئي حل ڪونه ٿيندو ۽ فقط سوشلزم جي ڪاميابيءَ کان پوءِ ٿيندو'، تن کي لينن اها ڳالهه ياد ڏياري آهي ته "ٻيا سڀ جمهوري مسئلا، چونڊون، پريس جي آزادي، ڌارين حاڪمن کان آزادي، وغيره سڀ موجوده جاگيرداري، سرمائيداريءَ ۾ مڪمل طرح حل ٿي نٿا سگهن، پر ان جو مطلب اهو آهي ڇا ته آنهن مسئلن تي جدوجهد نه ڪجي!" هو سيکاري ٿو ته "ڪنهن قومي جدوجهد جي سوشلسٽ انقلاب کان اڳ ڪاميابيءَ جي ڪئي هزار مان هڪڙي چانس هجي، ته به ان جدوجهد جي حمايت ڪرڻ کپي." (صفحو ١٣٢).

انهيءَ ڪري قومي مسئلي کي سوشلزم جي ڪاماياب ٿيڻ تائين ملتوي ڪرڻ هڪڙي بدمعاشيءَ

ڇاڪاڻ تہ سچي قوم ظالم ٿي نٿي سگهي، خاص ڪري پورهيت ظالم ٿي نٿا سگهن،' انهن جو جواب آهي تہ نہ رڳو قومون ظالم ٿينديون آهن پر پورهيت بہ ظالم ۽ مجرم ٿيندا آهن. ايتريقدر جو پورهيتن جا اڳواڻ ۽ سوشلسٽ بہ بدمعاش ٿيندا آهن. مثلاً، لينن صفحي ١٦٣ تي لکي ٿو: ”مارڪس ۽ اينجلس.... مڪمل طرح رجعت پرست قومن ۽ انقلابي قومن ۾ فرق ڪيو. مثلاً، آهي قومون، جن يورپ ۾ روسي سامراج جي ٿاڻن طور ڪم ڪيو ۽ آهي قومون جيڪي حقيقي انقلابي هيون، جهڙوڪ: جرمن، پول ۽ مگيار.“ اينجلس انگريز مزدور طبقي جو ذڪر ڪندي، ڪائوٽسڪيءَ کي لکي ٿو: ”مون کان پڇيو اٿئي تہ 'غلام ملڪن بابت انگلنڊ جي پاليسي جي باري ۾ انگريز مزدور ڇا ٿو سوچي؟' سو هو ائين سوچين ٿا جيئن سياست بابت عام طرح سوچيندا آهن، هنن جي سوچ آها ئي آهي جيڪا سندن سرمائيدار طبقي جي آهي. (انگريز) مزدور ڏاڍي مزي سان اهي پوڙ پلاءَ پيا کائين جي انگلنڊ دنيا جي مارڪيٽ ۽ بيٺڪن تي هڪ هٽي ڇمائي تيار ڪيا آهن.“ (صفحو ٣٤١ مارڪس ۽ اينجلس جا غلام بيٺڪن بابت مضمون ۽ خط، اينجلس جو ڪائوٽسڪيءَ ڏانهن لکيل خط).

”بهرحال انگلنڊ ۽ ان سان گڏ انگلنڊ جو مزدور طبقو، ان سنگين ڏوهہ جو ڏنڊ پيا ڀرين جيڪو ڏوهہ هو صدين کان آئرلنڊ خلاف ڪندا رهيا آهن.“ (صفحو ٢٢٨).

دشمن بڻائي ٿو، (٢) ڪين پنجابي - پناهگير زميندارن - سرمائيدارن سان مجرمانہ ساٽ ڏيڻ واريءَ وات تي هلرائي ٿو، (٣) ڪين پاڪستاني عوام جي گڏيل عوامي جدوجهد جي دشمن ۽ غدار جي پارٽ ادا ڪرڻ لاءِ آياري ٿو. ٻئي طرف اهو مظلوم قومن جي جدوجهد کي ڌڪ هڻي، (١) پنجابي - پناهگير زميندارن ۽ سرمائيدارن جا سامراجي قرلت جا مورچا بچائي ۽ سلامت رکي ٿو، (٢) انقلاب ۽ سوشلزم سان غداري ڪندي، ڪين مظلوم قومن ۾ بدنام ۽ خوار ڪري، عوام کي انهن کان بدظن ۽ بيزار ڪري ٿو، (٣) انقلاب دشمن ۽ سوشلسٽ دشمن قوتن کي تقويت پهچائي ٿو، (٤) مظلوم قومن جي پورهيت عوام کي وڏيرن، خانن، سردارن، سرمائيدارن ۽ رجعت پرست ملن جي جهوليءَ ۾ اڇلائي ٿو، ۽ (٥) وڏيرڪي ڪوڙي قوم پرستيءَ کي زور وٺائي ٿو.

قومي جدوجهد جي پناهگير - پنجابي نقلي ترقي - پسند نظريي خلاف جدوجهد قومي نجات، پورهيت اتحاد، عوامي انقلاب ۽ سوشلزم واسطي جدوجهد آهي. اها هن دور جي اهم ترين قومي ۽ انقلابي تقاضا آهي.

# قومي جدوجهد جو سنڌي
# انقلابي وطن دوست نظريو

**پس منظر:** سنڌي عوام جي مسئلن ۽ مقصدن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي نه رڳو سنڌ يا سڄي پاڪستان جي صورتحال سمجهڻي پوندي، پر ساڳئي وقت سڄي دنيا جي صورتحال تي به ويچار ڪرڻو پوندو. اسان کي نه رڳو اڄ ۽ ڪالهه بابت سوچڻو پوندو، پر سڀاڻي ۽ پرينهن تي به ويچار ڪرڻو پوندو.

## سنڌ کي سمجهڻ لاءِ سڄي دنيا کي سمجهڻ ضروري آهي.

سنڌي عوام کي گذريل پنجويهن سالن ۾ آل انڊيا سياست، آل پاڪستان سياست ۽ بين الاقوامي انقلابي سياست جي آڙ ۾ تمام گهڻو ستايو، ڦريو، لٽيو ۽ پيڙيو ويو آهي. تنهنڪري ڪير جو ڪاٺل جهڙ ڦوڪي پيئي، وانگر ڪي محب وطن چون ٿا ته "ٻيءَ دنيا کي ڇڏيو! خالص سنڌ جي ڳالهه ڪريو!" اها ڳالهه هن حد تائين بلڪل صحيح آهي ته سنڌي عوام جي سياست کي ملڪ جي ٻين حصن يا ٻين ملڪن يا دنيا جي سياست جو پيچ هرگز نه بنائڻ گهرجي. پر آن ڪان اڳتي ڳالهه صحيح نه ٿيندي. سنڌ جي سياست جا ملڪ جي ٻين حصن جي سياست سان ۽ ملڪ جي سياست جا دنيا جي ٻين ملڪن جي سياست سان بيشمار اڻ ٽٽندڙ ۽ اڻ لڪا

ڦيون. اڄ ئي هيٺا ذاڏن تي دائمي فتح پائي سگهن ٿا.
اڄ ئي لکن سالن جي اندروني ۽ ٻاهرين ۽ غلاميءَ
جي موذي مرض کان ڇوٽڪاري جو ڪو نڪ علاج
پيدا ٿي چڪو آهي.

## پنج سماجي نظام

اندازو لڳايو ويو آهي ته انسان ذات ڪي انسان
جي حيثيت ۾ ڌرتيءَ تي رهندي اٽڪل ڇهه لک سال
ٿيا آهن. انهيءَ عرصي ۾ انسان ذات ڇهن مکيه دورن
مان لنگهي آهي: (١) قديم راڄوٽي نظام، (٢) غلاميءَ
وارو نظام، (٣) زميندارِي ۽ جاگيرداري نظام، (٤)
سرمائيداري نظام.

سرمائيداري نظام پنهنجي اوائلي عمر ۾ هڪ
ترقي پسند نظام هو. هاڻي اهو هڪ هنيءَ ۽ سامراج
جي منزل تي پهچي، پوڙهو ۽ مدي خارج ٿي ويو
آهي ۽ پنهنجي خاتمي جي ويجهو اچي رسيو آهي. هن
صديءَ جي شروعات ۾ سرمائيداري نظام جي ڪک
مان هڪڙي نئين نظام جنم ورتو آهي. اهو آهي
سوشلسٽ نظام. انهيءَ ڪري هن دور کي غلام بنائيندڙ
نظام جي پڄاڙيءَ ۽ سوشلسٽ انقلابن جي شروعات
جو دور ڪري سڏيو وڃي ٿو.

## تاريخ جو نرالو نئون دور

هيءَ دور، هيٺين ڳالهين ڪري، اڳين سمورن
تاريخي دورن کان نرالو ۽ اُتم آهي:-

١- اڳي به سدائين سماجي انقلاب ايندا رهيا

هٿن جي چاڙهه ۽ تجربو پرائي چڪا آهن. انهن اُن چاڙهه جي مدد سان، عوام-دشمن خلاف جدوجهد ڪري، انقلاب آڻي، پنهنجا اقتدار، پنهنجيون سرڪاريون ۽ پنهنجيون فوجون قائم ڪيون آهن. هو هر ميدان ۾ دشمن کان گوءِ کڻي ويا آهن.

٤- اڳي فقط دنيا جي ڦورو‌ئن، ظالمن ۽ غلام بنائيندڙن جي وچ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو هوندو هو، ۽ هو، وقت سر، عوام خلاف هڪٻئي جي ناجائز مدد ڪندا هئا. هاڻي خود انقلابي عوام، انقلابي طبقن، انقلابي قومن ۽ انقلابي حڪومتن جي وچ ۾ اتحاد پيدا ٿي رهيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌي ويجهي رهيو آهي. هو سڌي خواه اڻسڌي نموني، مهل سر، هڪٻئي جي مدد ڪندا رهيا آهن ۽ ڪن پيا.

٥- اڳي فقط عوام-دشمن کي مظلوم ملڪن ۽ قومن ۾ پنهنجا ساٿي ۽ مددگار ملندا هئا، جي هنن جي پاران ان ملڪ ۽ قوم جي طاقت کي اندران کائي، سُري وانگر ڪمزور ڪندا هئا، ۽ سندن واسطي رستو صاف ڪندا هئا. هاڻي خود ظالمن جي ڪئمپ اندر، اتي جا انقلابي عوام ۽ طبقا، مظلوم ملڪن ۽ قومن جي حمايت ۾، پنهنجي ملڪ جي ظالمن ۽ ڦورو‌ئن جي گهر ۾ گهوٽالو وجهي، کين ڪمزور ڪن ٿا ۽ سڌيءَ خواه اڻ سڌيءَ طرح مظلوم ملڪن ۽ قومن جي واهر ڪن ٿا.

ڦر احتجاج ۽ بغاوت ڪي ڪچاپي ڇڏيندا هئا. هاڻي مڪاني ظالم طبقن جا آقا خود پنهنجي جند ڇڏائڻ ۾ پورا آهن. تنهنڪري سواءِ بنهه ڪنڌ تي ڪاتي اچڻ جي، هو سنڌيءَ طرح هر ملڪ جي مڪاني چاڙتن جي واهر ڪرڻ لاءِ آتا ناهن. ان ڪري انقلابي عوام لاءِ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جا موقعا اڳي ڪان تمام گهڻا، بهتر ۽ سازگار آهن. اِهو ئي سبب آهي، جو ٻيءَ دنيا ۽ پاڪستان جي ٻئي مظلوم عوام وانگر سنڌي عوام به سيڪنهن قسم جي ڦرلٽ ۽ ارهه زوراڻيءَ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ بابت سوچي ويچاري ۽ رٿابندي ڪري سگهي ٿو.

## سنڌي عوام جي جدوجهد جي الڳ حڪمت عمليءَ جي ضرورت ڇو آهي؟

هونئن ته، تمام ڊگهي نظر ڊاري، ڏسبو، ته پاڪستان جي سموري مظلوم ۽ پورهيت عوام جا دائمي ۽ بنيادي مفاد ساڳيا آهن.

آهي آهن هر قسم جي اندروني خواه ٻاهرينءَ، طبقاتي خواه قومي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ سڪئي ستابي ٽيڻ جا پرپور موقعا ۽ وسيلا حاصل ڪرڻ. پر ڪيترين ڳالهيون اهڙيون به آهن، جن ۾ پاڪستان جي مختلف ماڻهن ۾ فرق، اڻ برابريون، تضاد، ٽڪر ۽ مقابلا موجود آهن. هر علائقي جا عوام پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجو خاص تاريخي تجربو رکن ٿا.

# مقصد

## سنڌي انقلابي وطن دوست جدوجهد

## جو بگهي سڌي وارو مقصد.

آهو مقصد هي آهي: سنڌي عوام کي ٻاهريون خواه اندروني ڦرلٽ، غلاميءَ ۽ ظلم کان مڪمل ڇوٽڪارو ڏياري، ڪيس سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو، پنهنجي قسمت، دولت ۽ پورهئي جو مڪمل طرح مالڪ بڻائڻ ۽ سنڌ مان هڪ نئون شاندار سماج اڏائڻ.

## وڏيرا شاهيءَ جي لعنت ختم ڪرڻ لازمي آهي.

آهو مقصد ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ واٽ وٺڻ سان حاصل ٿيندو؟ انهيءَ سوال جي جواب حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي حال سان گڏ آئينديءَ تي نظر وجهڻي پوندي. دنيا ۾ مجموعي طرح هي دور برابر سرمائيداريءَ جي پڇاڙيءَ وارو ليکيو وڃي ٿو. پر دنيا جي وڏن علائقن ۾ اڃا تائين به سرداري ۽ زميداري نظام هلندو اچي. سنڌ به انهن علائقن مان هڪ آهي. دنيا جي جن مظلوم ۽ پيڙيل علائقن ۾ اڃا تائين سرداري، زميداري ۽ جاگيرداري نظام آهي، آهي آن نظام کي ختم ڪرڻ کان سواءِ اڳتي وڌي سگهن ۽ پنهنجي وطن جي ماڻهن کي صحيح معنيٰ ۾ سکيو ستابو ڪري سگهن، سا اڻٽر ڳالهه آهي. جتي ملڪ جي دولت ۽ گذر جي وسيلن

تني سرداري ۽ زمينداري نظام جو ڪارو نانگ ويٺل هجي، اتي جا ماڻهو سک جو ساهه ڪٿي سگهن، اهو ٿيندو پيرن کان پير گهرڻ. اِها اٽل سائنسي سچائي آهي، جا تاريخي طرح بار بار ثابت ٿي چڪي آهي. اِن سائنسي سچ کان اکيون پورڻ يا اِن کان لنوائڻ يا اِن تي پردي وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ٿيندو پنهنجي وطن جي عوام جي مفادن سان سنئون سڌو دوکو ڪرڻ يا پاڻ کي فريب ڏيڻ. سرداري ۽ زمينداري نظام ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي قومن جي پيرن ۾ پيل زنجير آهي، جو کين غريبي، بک، بيماريءَ، جهالت ۽ بيوسيءَ جي ڪڌ مان نڪرڻ نٿو ڏئي. اهو نظام مرڻينگ حالت ۾ آهي ۽ آوس ختم ٿيندو. تاريخ اُن جي خلاف موت جي سزا جو فرمان ڪڍي ڇڏيو آهي. هاڻ ٻين گرفتار قومن وانگر اسان جو به فرض آهي ته اُن تاريخي فرمان کي عمل ۾ آڻيون ۽ هن سماجي لعنت کي ناس ڪريون ۽ پنهنجي عوام جي جان هن عذاب مان ڇڏرايون. اُن ڪري سنڌ جي انقلابي وطن دوست جدوجهد جو ڏکئي عرصي وارو بنيادي ڪم اِهو هئڻ کپي ته سنڌ ۾ زمينداري سرشتي جو جلد کان جلد ۽ مڪمل خاتمو آندو وڃي.

تنهن کان پوءِ ٻيو سوال آهي ته زمينداري نظام جي جاءِ تي ڪهڙي نظام قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي؟

ملڪ ڦري گهري، وري به سامراجي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي، پستيءَ ۽ ذلت جو شڪار ٿي ويا آهن. آن جو هڪڙو مثال خود پاڪستان به رهيو آهي. ٻيا مثال انڊونيشيا، ملايا، ٿائلينڊ، ڏکڻ ڪوريا، ڪانگو وغيره آهن. نه رڳو ايترو، پر جن ملڪن پنهنجي جدوجهد جو رخ سرمائيداريءَ جي منزل ڏانهن رکيو آهي، آهي پيو ته نهيو رڳو زمينداري نظام جي مرض مان به پوريءَ طرح جند ڇڏائي نه سگهيا آهن. ان جو سبب اِهو آهي، جو دنيا جي سرمائيداري نظام جي وڏيرپ امريڪي ۽ يورپي سرمائيدار طبقن جي هٿ ۾ آهي، جيڪي نٿا چاهين ته غلام ملڪن ۾ پيو ته نهيو پر رڳو سندن جهڙو سرمائيداري نظام به پوريءَ طرح قائم ٿئي. ڪين دپ آهي ته ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني امريڪا جي ملڪن ۾ سرمائيداري نظام قائم ٿي ويو، ته پوءِ آهي ملڪ ڪين اڳي جهڙيءَ آسانيءَ سان پنهنجي ملڪ جي دولت جي ڦرلٽ ڪرڻ نه ڏيندا ۽ مرڳو پنهنجي گهڻيءَ آدمشماريءَ جي زور تي ساڻن ڪلهي هڻڻ جي ڪوشش ڪندا. اِن ڪري هو هڪ سوچيل سمجهيل رٿا هيٺ آنهن علائقن جي عوام کي سرداري ۽ زميداري نظام جي پوڙهي پراڻي مرض ۾ مبتلا رکڻ جون ڪوششون ڪندا رهن ٿا، ته جيئن آهي ملڪ سندن شڪارگاهه بنيا رهن. تاريخي تجربي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته جيڪي پوئتي پيل ۽ پيڙيل ملڪ سرمائيداريءَ

ٻه سرمائيداريءَ جي وات وڌن. ان ڪري لازم آهي ته اسين پنهنجي عوام جي جدوجهد جو رخ سوشلزم ڏانهن رکون.

## ٿوري عرصي وارو مقصد

پر ڇا اسين هن ڏاڪي تي خالص سوشلسٽ نظام قائم ڪري سگهون ٿا؟ نه. هن وقت اسان اڃا وڏيرا-شاهيءَ جي چنبي ۾ ورتل آهيون. سوشلسٽ نظام تڏهن قائم ٿي سگهي ٿو، جڏهن وڏيرا شاهي ۽ زميندارَي نظام جي ٻاڙ مڪمل طرح پٽي وڃي ۽ ڌرتيءَ تان پراڻن، مدي خارج نظامن جو گند صاف ڪيو وڃي. ان ڪري اسان سوشلزم لاءِ جدوجهد شروع ڪري سگهون ٿا، پر في الحال سنئون سڌو سوشلسٽ انقلاب آڻي نٿا سگهون. ان لاءِ اسان کي آتان شروعات ڪرڻي پوندي، جتي اسين اڄ آهيون. اسان کي اول سوشلسٽ انقلاب کان هيٺئين ڏاڪي جي سماجي انقلاب لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي. اها منزل سر ڪري، پوءِ اسين سوشلسٽ انقلاب آڻي سگهنداسين. اول اسان کي جمهوري زرعي انقلاب آڻڻو پوندو. ان لاءِ اسان کي وڏيرا شاهيءَ ۽ سرمائيداريءَ کان سياسي اقتدار کسي، سندن وڏيرڪي ۽ سرمائيداري ڊڪٽيٽرشپ ختم ڪري، عوام جي گهڻيءَ مان وڏيرا شاهيءَ جي غلاميءَ جو ڳٽ پٽي ڪڍڻو پوندو. اهو مقصد تڏهن حاصل ٿيندو، جڏهن اسين عوام هٿان وڏيرڪي ۽ سرمائيدار ڪوڙي جمهوريت، جيڪا

مخالفن جا مددگار هيٺيان هوندا يا ٿي سگهن ٿا:-
بنيادي قوتون: سنڌي مزدور ۽ سنڌي هاري.
مخالف:
(الف) سنوان سڌا مخالف - (١) پناهگير - پنجابي جاگيردار، سرمائيدار ۽ سنڌ چاڙتا. (٢) غدار عوام - دشمن ۽ وطن - دشمن وڏيرا شاهي ۽ سنڌ چاڙتا. (٣) امريڪي سامراج جا دلال رجعت پرست، جهڙوڪ: ملان مودوديءَ جو فاشسٽ ۽ عوام - دشمن ٽولو.
(ب) اڻسڌا مخالف (جي سمجهي، سوچي يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ سنڌي عوام جي اڻسڌي مخالفت ۽ اُن جي دشمنن جي اڻسڌي حمايت ڪن ٿا) - (١) پنجابي - پناهگير جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جا پورهيت طبقي اندر دلال پنجابي - پناهگير نقلي ترقي پسند. (٢) پنجابي - پناهگير جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جا سنڌي عوام جي صفن اندر لڪل دلال سنڌي نقلي ترقي پسند. (٣) سنڌي وڏيرا شاهيءَ جا پورهيت تحريڪ اندر دلال سنڌي نقلي ترقي پسند ۽ سوشلسٽ وڏيرا. (٤) سنڌي وڏيرا شاهيءَ جا قومي تحريڪ اندر دلال سنڌي نقلي قوم پرست. (٥) سرحد ۽ بلوچستان جي سردار شاهي ۽ خان شاهي.

## بنيادي قوتن (سنڌي عوام) جا ساٿي يا اتحادي

(١) محب وطن ننڍو وچون طبقو (٢) محب وطن

طرح ڳڙڪائي ورتو آهي. سنڌي عوام جي جدوجهد جو هن وقت مکيه نشانو اهي ناجائز قبضا، حد دخليون ۽ ڦريون ۽ ڌاڙا آهن. اسان جو مطالبو هئڻ کپي ته جهڙيءَ طرح پنجاب جا ماڻهو پنهنجي زمين، گذر جي وسيلن، نوڪرين، تعليمي سهوليت مان پاڻ ئي فائدو وٺن ٿا، تيئن اسان کي به پنهنجي اباڻي ورثي جو سڀ کان پهرين پاڻ فائدي وٺڻ جو حق حاصل ٿئي. جيئن ڪوڙن ڪليمن ۽ ٻين اٽڪلن سان جيڪي حق ۽ ملڪيتون سنڌي عوام کان کسيون ويون آهن، سي کين موٽي ملن.

## اسين پناهگير - پنجابي عوام جا بدخواهه ناهيون.

پناهگير - پنجابي پورهيت عوام جا اسين هرگز هرگز بدخواهه ۽ دشمن ناهيون. اسان جو اهو سياسي ايمان آهي ته سڄيءَ دنيا جي عوام جا بنيادي، جٽادار ۽ دائمي مفاد ساڳيا آهن. سنڌن وچ ۾ هينئر جيڪي دشمنيءَ وارا فساد ۽ ٽڪر آهن، سي حل ٿيڻ جوڳا آهن ۽ هڪ وڏي تاريخي دور جي گڏيل جدوجهد کان پوءِ اهي نيٺ دوستاڻي نموني حل ٿي سگهندا ۽ ٿيندا. جيڪڏهن سڀ ڌريون عارضي لالچون ۽ مفاد ڇڏي، دائمي مفادن لاءِ گڏجي ڪوشش ڪن، ۽ عوام دشمن جي نظرياتي، سياسي ۽ اقتصادي ڪوڙڪين مان نڪرڻ لاءِ گڏجي زور لڳائين، ته نه رڳو پاڪستان جي سموري

نه ڪپي ۽ سياسي ۽ نظرياتي هٿيار ڦٽا نه ڪرڻ ڪپن. ان سان گڏ اسان کي صبر ۽ اورچائيءَ سان اها ڪوشش ڪرڻ کپي ۽ اهڙيون پاليسيون تيار ڪرڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ کپن، جو پناهگير - پنجابي زميندارن ۽ سرمائيدارن لاءِ، پناهگير - پنجابي عوام کي وڏيڪ وقت برغلائي ۽ پنهنجو چاڙتو ڪري استعمال ڪرڻ ۾ سهوليت نه ٿئي، بلڪ ڏکيائي ٿئي. سنڌ جي عوام جي بنيادي مفادن جو پورو پورو خيال رکندي، اسان کي پنهنجي وس آهر ۽ واجبي حدن اندر، اها ڪوشش ڪرڻ کپي ته، پناهگير - پنجابي عوام جا گهٽ ۾ گهٽ ڪي سچار ۽ حق پرست فرد ۽ ٽولا اهڙا تيار ٿين، جي پنهنجن ۽ سنڌي عوام جي گڏيل دشمن يعني پناهگير - پنجابي جاگيردار، سرمائيدار پرڌارن ۽ سندن چاڙتن جي چنبي مان ذهني ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ آهستي آهستي سنڌي عوام سان بااصول اتحاد ڪرڻ جي وات تي اچي وڪ وڌائين يا گهٽ ۾ گهٽ اسان جي موجوده مخالفت ترڪ ڪن يا جهڪي ڪن.

اسان کي بلوچستان ۽ سرحد جي عوام سان به گهري کان گهرا ناتا قائم ڪرڻ کپن ۽ انهن سان اتحاد ۽ ويجهڙائيءَ جا نوان نوان رستا ۽ واٽون ڳولي لهڻ کپن.

پنجابي عوام جا اڳتي وڌيل حصا پنهنجي مادري ٻوليءَ ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ جيڪا جمهوري جدوجهد

ڪري رهيا آهن، ان جو به اسان کي ساٿ ڏيڻ گهرجي،
۽ آن ساٿ جي آڌار تي جيتري قدر ٿي سگهي، پنجاب
جي انصاف پرست ۽ سمجهو حلقن ۽ ٽولن کي پنهنجي
نقطي نظر کان واقف ڪرڻ گهرجي، ۽ پنجاب جي رجعت-
پرست ۽ چٽن عوام دشمن ٽولن کي پنجابي عوام اڳيان
اڪيلو ۽ نروار ڪرڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح سان پناهگير
عوام سان به ڪن انفرادي مورچن تي ڪو محدود
ناهه ٿي سگهي ته ڪجي، جيئن جيتري قدر ٿي سگهي
اوتري قدر چٽن ۽ رجعت پسند عنصرن کي خود پناهگير
عوام ۾ اڪيلو ۽ بي يارو مددگار ڪري سگهجي. ساڳيءَ
طرح پناهگير-پنجابي پورهيت طبقو پنهنجي حقن لاءِ ڪا
جدوجهد لڙي، ته ان جي بااصول حمايت ڪرڻ گهرجي
۽ کين احساس ڏيارجي ته اسين بااصول ۽ ٻگهي نظر
وارا آهيون. پر انهي سموري عمل ۾ اهو مڪمل احتياط
ڪيو وڃي ۽ هر وقت صاف ظاهر ڪندو رهڻ گهرجي ته
اسين سنڌي عوام جي حقن جي باري ۾ ڪنهن به
قسم جو ناجائز سمجهوتو، خاموشي، در گذري يا
چشم پوشي ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون.

## مخالف — سڀ زميندار نه پر فقط ظالم، وطن دشمن ۽ غدار وڏيرا.

وڏيراشاهي بنسبت هن منزل تي اسان جو زرعي
پروگرام هي هئڻ گهرجي، ته اسين زميندار طبقي جي

وقت سنڌي عوام سان ظلم ۽ غداريون به ڪن. سنڌي عوام جيڪڏهن اهڙن ظالم ۽ وطن-دشمن جون قبايل سنڌي عوام جون ملڪيتون ڪانئس ڪسي، عوام جي ناليِ ۾ ضبط ڪندو، ته اهو نه رڳو هڪ جائز قدم ٿيندو، پر سنڌي عوام جي بنيادي مفادن جي بچاءَ لاءِ هڪ ضروري ۽ لازمي قدم پڻ هوندو. ان ڪري هن جدوجهد جي منزل تي اسين اهو مطالبو ڪري سگهون ٿا ته عوام-دشمن، ظالم ۽ غدار وڏن زميندارن جون زمينون مڪمل طرح ضبط ڪيون وڃن. جيڪي وڏا زميندار سنڌي عوام خلاف اهو ڏوهه نٿا ڪن ۽ فقط سنڌ ۾ ٿيل قانون موجب بڻيل ٿي ڪابه خلق آزاري نٿا ڪن، انهن جي اسان ڪي هن منزل تي مخالفت نه ڪرڻ گهرجي. جيڪي زميندار پنهنجي عوام جي حق پرست جدوجهد جو ساٿ ڏين، انهن جي نه رڳو مخالفت نه ڪئي وڃي پر ساڻن عزت وارو سلوڪ پڻ ڪرڻو آهي. اسان جي ڪوشش اها هئڻ کپي ته زميندار ۽ وچين طبقي جا محب وطن، روشن خيال ۽ جمهوريت پسند فرد ۽ ٽولا يا ته عوام جا حمايتي هجن يا گهٽ ۾ گهٽ غير جانبدار هجن. شهري ڇوٽو وچون طبقو ۽ آبادگار طبقو عوام جا اتحادي آهن. پر جدوجهد جي واڳ انهن مان ڪنهن به طبقي جي هٿ ۾ نه ڏيڻ کپي. اها فقط پورهيت عوام جي هٿ ۾ هئڻ گهرجي.

## چالون-

عوام - دشمن جي مقابلي بابت اسان جي بنيادي
۽ ڏکي عرصي واري پاليسي اِها هجڻ گهرجي ته
سنڌي عوام جا دشمن ڪٽي اسان کان هزارين دفعا گهڻا
۽ طاقتور هجن، ته به اسان جا حق پرست عوام آنهن
سان ضرور مقابلو ڪن ۽ ڏکي عرصي جي جدوجهد
۾ آنهن کي ضرور شڪست ڏين. دشمن جي گهڻائيءَ
کان هرگز مرعوب نه ٿجي. گهٽيون ڏريون دشمن هجن
۽ انهن مان حقيقي طرح ٿاهه لاءِ ڪابه تيار نه هجي،
ته ڪنهن به ڏر جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري، آن جي
غلامي قبول ڪري، ائين نه چئجي ته اسان فلاڻيءَ ڏر
سان مقابلي ڪرڻ لاءِ فلاڻيءَ سان ٿاهه ڪيو آهي،
غلامي قبول ڪرڻ کي ٿاهه جو نالو هرگز نه ڏيڻ کپي.
پر هرهڪ ٺوس مسئلي تي اسان جي رهبري ڪندڙ
سياسي پاليسي هيءَ هئڻ کپي ته عوام جي مکيه دشمن
کي سنڌس ساٿين کان ڪاٽي، الڳ ڪري، اڪيلو
بنائي، سياسي طرح ختم ڪيو وڃي. عوام جون گهٽيون
ڏريون مخالف هجن، ته انهن کي هڪڙو هڪڙو ڪري
واري واري سان، سياسي طرح منهن ڏيئي، شڪست
ڏني وڃي. ڪوشش ڪجي ته مکيه عوام - دشمن جا
ساٿي يا ته عوام جي پاسي ٿي وڃن يا گهٽ ۾ گهٽ
ٻنهي مخالف ڏرين مان ڪنهن جو به پاسو نه وٺن. جي
ائين نه ٿي سگهي، ته اِها ڪوشش ٿئي ته مکيه عوام-

استعمال ڪيو وڃي، ته جيئن اتحاد صحيح معنيٰ ۾ سلامت رهي سگهي. ساڳئي وقت تنقيد جو ناجائز استعمال نه ڪيو وڃي. ڪوشش اها ڪئي وڃي ته پوئتي پيل ۽ گهٽ سرگرم ٽولن ۽ فردن سان اتحاد به قائم رهي ۽ مٿن تنقيد به ٿيندي رهي، ته جيئن هو عوامي اتحاد جي ٽاليءَ ۾ عوام تي پنهنجي ڊڪٽيٽرشپ قائم نه ڪري سگهن.

عملي جدوجهد جو دارومدار سموري عوام تي رکيو وڃي ۽ نه ڪن ٿورڙن ليڊرن يا سرگرم ڪارڪنن تي.

## عوامي جدوجهد کي مختلف مورچن ۾ ورهايو.

جدوجهد کي مختلف ننڍڙن مورچن ۾ ورهايو وڃي، ته جيئن جيڪي ماڻهو سچي گڏيل جدوجهد بابت اهڙا جوشيلا ۽ سرگرم ناهن، سي پنهنجي پسند واري مورچي تي سرگرميءَ ۽ سرجوشيءَ سان ڪم ڪري سگهن. جيڪي سچي جدوجهد جا مخالف آهن ۽ ڪنهن خاص عوامي سوچ جا حامي ۽ مددگار بنائي سگهجن ٿا سي پلي اُن مورچي تي ڪم ڪن. ڪوشش اها ٿئي ته اسين مجموعي طرح عوام - دشمن کان وڏيءَ پاريءَ اڪثريت ۾ هجون، ۽ پڻ ڌار ڌار مورچن مان هرهڪ مورچي تي به ان مورچي جي مخالفن کان وڏيءَ اڪثريت ۾ هجون.

سندن حمايت ۽ تعريف، ۽ جنهن ڳالهه ۾ عوام کي جيڪو پهچائين، تنهن ۾ سندن مخالفت ڪرڻ گهرجي. اها پاليسي وڏيرڪي قوم پرستيءَ جي واٽ تي هلندڙ قوم پرستن ۽ پنجابي-پناهگير ترقي پسندن سان به ڳولا ڪرڻ کپي، ۽ مٿن بااصول نڪته‌چيني ڪرڻ سان گڏوگڏ، ۽ پنهنجي قطعي الڳ تنظيمي ۽ نظرياتي وجود قائم رکڻ سان گڏوگڏ، مناسب وقتن ۽ جاين تي ساڻن محدود ۽ چڱيءَ طرح نروار ٿيل حدن اندر اتحاد به ڪرڻ کپي. ائين ڪرڻ ساز اسان کي مختلف عرصن لاءِ مختلف عارضي ۽ وقتي ساٿي ۽ مددگار ملي ويندا. انهيءَ عمل لاءِ تمام وڏيءَ ڏاهپ، دورانديشيءَ، نظرياتي ۽ سياسي پختگيءَ ۽ تنظيمي مضبوطيءَ جي ضرورت آهي. نه ته ڪٿيو ته ڪٿي جي ماڳ، پر ماڙهو اڻلو پنهنجي گهر جا نيڙ به وڃائي ويهندو.

## انقلابي وطن دوست تنظيم.

انهيءَ ڏکيءَ، ورن وڪڙن واري ڏکيءَ، ڪٺن جدوجهد کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ ۽ آن ۾ عوام جي مدد ڪرڻ لاءِ، عوام کي هڪ اهڙيءَ تنظيم جي ضرورت آهي، جا آن جدوجهد جي سمورن ورن وڪڙن ۽ ڏکيائين کان اڳواٽ ئي چڱيءَ طرح واقف هجي. اها سندي پورهيت عوام جي دائمي توڙي عارضي مفادن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ ڪين متحد ۽ منظم ڪري.

آها تنظيم ڏگهيءَ نظر واري، جفاڪش، دلير، چاڙهو،
اورچ ۽ وڏي حوصلي واري تنظيم هئڻ کپي، جا
ڪهڙين به ڪٺن کان ڪٺن حالتن ۾ مايوس نه ٿئي
۽ ڪيڏين به وڏين فتحن کان پوءِ به آڪڙ ۽ ڦونڊ
۾ پرجي، پنهنجو هوش ۽ حواس نه وڃائي. آها تنظيم
فقط اهڙا ماڻهو هلائي سگهن ٿا، جن پراڻي نظام جي
ڦهلايل ذهني گند، رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ خيالن کي پاڻ
مان تڙي ڪڍيو هجي. آنهن جي ذهنن تي صرف هڪڙو ئي
مقصد سوار هجي ۽ اهي ٻيءَ ڪنهن لالچ، فريب يا
آسائش جي طلب جا شڪار نه ٿين. آنهن ۾ آهي
خصلتون هئڻ کپن، جيڪي سنڌي عوام جي انقلابي
هادي ۽ مرشد، لطيف سائين، ڪاهوڙين، سامين، هنجن،
مارون، سسئين ۽ ڏياچن جون بيان ڪيون آهن.

آنهيءَ تنظيم جو فرض هوندو ته هوءَ پورهيت
طبقي جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌي عوام جي سڀني وطن-
دوست طبقن، ٽولن ۽ ماڻهن کي هڪڙي گڏيل عوامي
پروگرام جي جهنڊي هيٺ گڏ ڪري، ڪين اتحاد جي
واٽ تي اڳتي هلائي ۽ ڪٺن جدوجهد جي راهه تي
اڳتي وڌائي. ان پروگرام جا تفصيل ڪهڙا هئڻ کپن،
تنهن تي ويچار ڪرڻ سنڌ جي سڀني وطن-دوست ٽولن
۽ فردن جو فرض آهي.

[”تحريڪ“ - جنوري ١٩٧٣ع]

# نقلي ترقي پسند، ڪٽر نسل پرست سنڌ دشمنن خلاف جدوجهد ڪريو

❋

هن وقت گذريل سالن جي پيٽ ۾ ملڪي سياسي صورتحال ۾ وڏيون ڦيريون گهيريون ۽ اٿلون پٿلون اچي چڪيون آهن.

آسن اميدن جا ڪئين ڪاڪ محل ڊهي اچي پٽ پيا آهن. ڪيترن ئي چمڪندڙ ۽ تجليدار نعرن جي قلعي لهي ويئي آهي. ملڪ جي سياسي ۽ نظرياتي بتخانن جا بت اونڌي منهن ڪري پيا آهن. وڏيرن، چوڌرين، خانن، سردارن، سرمائيدارن ۽ سندن چاڙتن جي اکين ۾ سرهائيءَ جي روشنائي پيئي چمڪي. هو چڙ مرڪي ماڻهن کي چون پيا ته ”هاڻ ته بس ڪر! ڏٺو پنهنجي نعري بازي ۽ دمچر بازيءَ جو نتيجو؟ بس انقلاب ڇٺوس، سوشلزم ڇٺوس، مساوات محمدي ڇٺوس، عوامي راڄ ڇٺوس، جيڪي وڏيو سو سڏيوس، پر شيءِ اها اٿو جيڪا اکين ويٺا ڏسو! ڪٿي جا ٻه ٽئي. پلي ڪٿي آسمان سان تارا لاهي اچو! پر هن ملڪ ۾ راڄ اهو ئي ساڳيو وڏيرن، چوڌرين، خانن ۽ سردارن جو ئي رهڻو آهي! ان ڪان وڌيڪ ڳالهه ٿيڻي ئي ڪانهي، بس جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو. وڌيڪ جبل سان متو هڻڻ اجايو آهي. هاڻ جي چڱائيءَ ڪي مرو ته ماٺ ڪري وڏيون ڳالهيون ڇڏي، وڃي پنهنجي ٻچن جي گذران

لاءِ ڪو هٿ پير هڻو نہ تہ اهڙا ٻيڙا ٽيندا جو جڳ جهان مڙيي ڏسندو!"

پٺيي پاسي گذريل سالن جي اٿل پٿل ڪري ٿلهي لفاظي ۽ هوائي نعري بازيءَ جو ڏنڊ ۽ ڪوهيڙو گهٽي ويا ڳي گهڻجي رهيو آهي ۽ ملڪي سياست جا ڪيترا پاسا هاڻ صاف صاف نظر پيا اچن. حقيقتون ۽ مسئلا ڇڙجي چٽجي اروار ٿي بيٺا آهن. ماڻهن جي سياسي سمجهہ، سرت ۽ آزمودي ۾ ڳچ جيترو واڌارو ٿيو آهي، جو ماڻهو چونڪاري جي نين واٽن، اڳتي وڌڻ جي نون گسن، نون طريقن ۽ ڍنگن جي ڳولا پيا ڪن. هو وڌيڪ صاف ۽ چٽن مقصدن، خيالن ۽ نظرين جي سخت ضرورت ڪي سمجهڻ لڳا آهن. آهستي آهستي ماڻهو محسوس ڪرڻ لڳا آهن تہ عوام جي چونڪاري جي عظيم ۽ شاندار جدوجهد هڪڙي ڊگهي، ورن وڪڙن، لاهين چاڙهين واري اٽانگي ۽ پيچيدي جدوجهد آهي جنهن لاءِ وڏي تياريءَ، وڏي سمجهہ، وڏي ڪاريگريءَ، وڏي ٻڌيءَ، وڏي سرجوشيءَ، وڏي اورچائيءَ ۽ وڏي قربانيءَ جي ضرورت آهي. ساڳي طرح ڏينهون ڏينهن اڳي کان گهڻن ماڻهن جي دلين ۾ انهيءَ ڀروسي جا شمعدان روشن ٿي رهيا آهن تہ "اسين مظلوم ماڻهو حق تي آهيون. اسين ضرور زبردست جدوجهد هلائي، آهستي آهستي ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي ڪامياب ٿينداسون!"

البت اها ڳالهہ بہ پڌري ٿي آهي تہ اسان جي

ڪريل، اهڙو ڇيڙهو، اهڙو قاتل دشمن ڪونهي جهڙو تقلي ترقي پسند سنڌ دشمن سازشي ٽولو ۽ سنڌن جوڙيوال آهن، جي پاڻ کي نهايت ئي بي حيائي ۽ بي شرمائيءَ سان ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو وڏو لقب ڏيو ويٺا آهن.

جيڪڏهن هن ملڪ جي هر علائقي جي عوام جي اهم جدوجهدن جي سربستي تاريخ جو گهوڙهو مطالعو ڪيو ته، ان جي هر ڪاميابي هنن ٽولن جي سازشن جي ڪٽر مخالفت سان مقابلو ڪندي ٿي هوندي ۽ هر ناڪاميءَ ۾ مکيه ۽ فيصلو ڪندڙ هٿ هنن جو ئي هوندو.

هنن انقلاب دشمن ۽ عوام دشمن رهزن ٽولن ۽ سندن مڪاني ماڻهن سان پيرتي ڪئي .... وطن فروش ۽ قوم - دشمن غدار ڇاڙتن جي ڪارستانين جي سربستي ڪهاڻيءَ ۽ ان جي تاريخي پس منظر کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ کان سواءِ، ساڻن پرپور ۽ حياتي ۽ موت جي لڙائي لڙڻ کان سواءِ ۽ سندن نظرياتي، سياسي ۽ فطري پاڙ پٽڻ کان سواءِ هن سموري ملڪ يا ان جي ڪنهن به علائقي جي ماڻهن جي ڪا به جدوجهد نه هيستائين ڪامياب ٿي سگهي آهي، نه وري ٿي ئي سگهي ٿي.

هي لالچي، چالاڪ، عيار، موقعي پرست ۽ حرفتي ٽولو پارٽ جي ان ڪٽر نسل پرست پرمار ۽ سامراجي وڏي گروهه جو حصو آهي، جيڪو گروهه پاڻ کي افغان ۽ مغل سامراجن جو جانشين سمجهي ٿو ۽ يوپيءَ

جي جاگيردار طبقي ۽ ان جي درباردارين ۽ حوارين کي ئي اڻ ورهايل هندستان جي سمورين قومن جو قدرتي حاڪم، اڳواڻ ۽ سردار سمجهي ٿو. اهو گروهه تصور جي اک سان سدائين پاڻ کي ڪنهن محمد بن قاسم، ڪنهن محمود غزنوي، ڪنهن علاءُالدين، ڪنهن نادر شاهه، ڪنهن ابداليءَ، ڪنهن مدد خان جي روپ ۾، ڪنهن عربي يا خراساني گهوڙي تي سوار تيل زرهه پوش "غازي" جي ويس ۾ خيبر ۽ بولان لڪ ٽپي سنڌ، دکن، بنگال جي هندو مسلمان قومن کي "فتح" ڪندو، ملڪ پيليندو ۽ تاراج ڪندو، ماڻهو ماريندو مچائيندو ڏسي ٿو.

انگريزيءَ، پرماريءَ ۽ سامراجي ڦرلٽ تي پاجندڙ انهيءَ گروهه کي تاريخي طرح پنهنجو اصلي بچاءُ ۽ پيانڪ عوام دشمن چهرو لڪائڻ ۽ کو نه ڪو بهروپ ڪرڻ جي سدائين سخت ضرورت پئي رهي آهي. اڳين ڏهن صدين ۾ هو دين اسلام جي پرواني ۽ اسلامي سلطنت ۽ خلافت جي بچائيندڙ جو ڍونگ رچائي ملڪ ڦري کائيندو رهيو آهي.

هينئر هن پاڻ کي نين نوتن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. اهي پئي ٽولا پنهنجي بازن بدران پنهنجي گلا خور ۽ چاپلوسي وات ۽ راڄ ويڙهائي چٽ ڪندڙ فتني انگيز ۽ سازشي عوام دشمن دماغ جي ڪمائي کائين ٿا. پنهي جي چاڙي هيٺ زمين سان، مٿي آسمان سان

لڳي ٿي. ٻنهي ٽولن جي ڳالهه جو انت ساڳيو آهي.
ٻئي ٽولا عملي طرح ساڳيو ڌنڌو ڪن ٿا. ٻئي پنهنجي
طبقي ۽ نسل جي ڦورو ۽ بالادست حيثيت قائم رکڻ
گهرن ٿا ۽ وطن جي ماڻهن کي آسرن، پنهنجي پيرن
تي بيهڻ ۽ پنهنجي ٽپڙن ۽ پنهنجي وطن جا پاڻ مالڪ
ٿيڻ کان هر قيمت تي روڪڻ گهرن ٿا. ٻئي وڏا
ڏنڊا کڻيو مظلومن جي مٿان چوڪيدار ۽ جيلر بڻيا،
سندن ڇوٽڪاري جي گسن جا گهٽ جهليو ويٺا آهن.
ٻئي پنهنجا مطلب خوشامد، چاپلوسي، گلاخوري، سازش،
فتني ۽ چاڙي بازي، شوشي بازي، دانڌلي بازي، بي‌سبب
واويلا ۽ ٻين طريقن ۽ هٿيارن سان پورو ڪندا رهيا
آهن ۽ ڪرڻ گهرن ٿا.

ٻئي ٽولا ذهني خرڪاري، نظرياتي ٺيڪيداري ۽
سياسي دڪانداري ڪن ٿا. البت سندن نعرا، اشتهار،
ٽريڊ مارڪ ۽ ليبل مختلف آهن ۽ هو گراهڪ به مختلف
قسم جا ڦاسائين ٿا.

انهيءَ گروهه جو وڏيڪ دولتمند ٽولو سياسي روڪڙ
۽ ريڊي ڪئش جو ڪاروبار ڪري ٿو. هو اهي نظرياتي
وڙ ۽ جنسون پنهنجي دڪانن تي رکن ۽ وڪڻن ٿا
جن جي حاڪم طبقي ۾ هڪدم طلب هجي، ان ڪري
هو وقت جي حاڪمن، ايوبن، يحيائن جي درٻارين ۾
ڌنڌو ڪن ٿا ۽ ”اسلام“ سان گڏ ”پاڪستاني محب-
وطني“، ”ملڪي سالميت“، ”نظريه پاڪستان“،

”پاڪستان جي نظرياتي سرحدن جي حفاظت“، ”جمهوريت“ ۽ ”اسلامي اتحاد“ جا به هوڪا ڏين ٿا.

پيو ٽولو يعني نقلي ترقي پسند ٽولو ان پوزيشن ۾ ناهي جو سڌو سنئون حاڪمن جي دربار ۾ وڃي، اتي چميل پنهنجي درٻاري ڀائرن سان ڪلي ڪلائي چٽاپيٽي ڪري. ان ڪري هو چور دروازي کان سرڪاري دربار ۾ پهچي ٿو. هو ڪليو ڪلايو دهلوي، لکنوي ۽ حيدرآبادي نوابن ۽ نظامن، رئيسن ۽ جاگيردارن جي نمائندي جي حيثيت ۾ نه ٿو وڃي پر ويس بدلايو جرمنيءَ جي مارڪس، روس جي لينن ۽ اسٽالن جي انقلابي گادين جو سجاده نشين ۽ روس، اوڀر جرمني، ويٽنام وغيره جي سرفروش قومن جو ڏوراهان ڏيهه ڀيٽي آيل انقلابي نمائندو يا خود هن ملڪ جي باغي، انقلابي سرڪش عوام جو خطرناڪ ۽ طاقتور اڳواڻ بنجي نه رڳو حاڪم طبقن جي دربار ۾ رسائي همت ڪرڻ گهري ٿو پر وقتي حاڪم ٽولي تي انقلابي رعب وجهي ساڻن سوديبازي ڪري، ڪانئس سٺيو حصو پتي وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

هن ٽولي لاءِ سوشلسٽ سڏائڻ، سوشلزم ۽ سوشلسٽ ملڪن جي تعريف جا قصيدا ڳائڻ ڪو ڏکيو يا نرالو ڪم ڪونهي. هو تاريخي طرح مٿين گروهه جي ان وچولي ۽ ڇوٽي وچولي طبقي منجهان آهي جيڪو وچولو ۽ ڇوٽو وچولو طبقو هزارين سال درٻاري، خوشامدڙيو

علي الاعلان دشمن سان وڙهڻ مدڪن ٿي ڪونهي. هي گهر
جا ويري اندر ئي اندر عوام کي گوگها ڏيو، منجهايو،
برغلايو، رڻ منهن ڏيو، پنهنجو پاڻ ۾ ويڙهايو اهڙو
ڪٽ، هلاڪ ۽ بتال ڪري ويٺا آهن جو ماڻهن کي
پنڻ کان پڙهڻ ياد ئي ڪونهي. هو پنهنجي گهر جي
ويڙهه کان ئي واندا ڪونهن جو حاڪم طبقن ۽ سندن
ڏاڍ جي مشينري کي صحيح معنيٰ ۾ منهن ڏيئي سگهن.
هن ٽولي کي بانور آهي ته هنن اهڙيون سياسي زرهون
پائي ڇڏيون آهن جو ڪوبه ڪين عوام جي خلاف ڏوهه
ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهي. مثال طور هنن جو چوڻ
آهي ته جيڪو اسان جي عوام دشمن ڪڌن ڪرتوتن
تان پردو لاهيندو تنهن جو اسين جيئڻ حرام ڪري
ڇڏينداسين. هنن انقلابي وطن دوست عوام ۽ ڪارڪنن
کي ديچارڻ لاءِ پنهنجي چوڌاري ڪيتريون نظرياتي
سرڪڻ ڦاهيون ڏاهي ڇڏيون آهن جن ۾ ڦاسڻ جي ڊپ
کان ڪوبه سندن ويجهو وڃي ڪين ننگو ڪرڻ جي
همت نٿو ساري.

مثال طور هو چون ٿا ته (۱) سنڌي عوام جو
ڪوبه سچو اسان جو نالو وٺندو تنهن کي اسين ري پڇو
سرڪاري ايجنٽ ٺهرائينداسين. جو ته اسين سرڪار جي
مخالف پارٽيءَ آهيون. سرڪار جي مخالفت ڪندڙ
پارٽيءَ جا ماڻهو عوام جا دشمن ٿي ئي نٿا سگهن.
ان لو انهن خلاف ڳالهه ڪندڙ سرڪاري ايجنٽ ليکجڻ

ڪپڻ. (٢) اسان جا ڇاڙتا غدار ٽي ٽنا سگهن ٿو تہ غدار فقط اهي ٽي ليکجي سگهجن ٿا جي ڪنهن وزير يا پوليس وغيره جا ڇاڙتا ٿين. سرڪار جي 'مخالف پارٽي' سان 'ساٿ ڏيندڙ' غدار ٿي ٿي نٿا سگهن! (٣) اسان مان ڪي يا اسان جا ڪي ڇاڙتا روپوش ۽ انڊرگرائونڊ آهيون. اسان جو جيڪو نالو وٺندو سو اڻ پڇيو ڄڻبو تہ پوليس جو ايجنٽ آهي ۽ عوام جي ڪارڪنن کي جهلائي ٿو، ان ڪري اسان ۽ اسان جي ڇاڙتن کي سنڌي ماڻهن خلاف جيڪي وٺي سو ويئا ڪن، پئي ڪنهن کي ڪوبہ حق ڪونهي جو پڇي تہ هي ڇا پيا ڪن، ڪنهن لاءِ ۽ ڪنهن جي خلاف پيا ڪن. جيڪو سنڌ نالو وات تي آڻيندو سو پوليس جو دلال آهي! اهڙيون اٽڪلون ڪريو هو ۽ سنڌ ڇاڙتا عوام خلاف سنگين ۽ ڪڏهن بہ معاف نہ ڪرڻ جهڙا لڳاتار ڏوهہ ڪري رهيا آهن.

هن عوام دشمن ٽولي جي انهن زرهن کي ٽوڙي کين سنڌي ۽ پئي عوام اڳيان اگهاڙو ۽ ننگو ڪري کين عوام جي مفادن کي وڌيڪ وقت نقصان رسائڻ کان روڪڻ لاءِ وڏي دليري ۽ دانائيءَ واري نظرياتي جدوجهد هلائڻ جي سخت ضرورت آهي.

ايندڙ ڪچهريءَ ۾ اسين اهو ويچار ڪنداسين تہ نقلي ترقي پسند، سنڌ دشمن سازشي ٽولي، سنڌ جوڙيوالن ۽ ڇاڙتن جي انهن قانوني اعتراضن ۽ حجتن ۾ ڪيتري

زهريلي ۽ گندي ڪوڙي پروپئگنڊا جنگ ڇو وڙهندو رهي ٿو ۽ سنڌن تحريڪ جي سلسلي ۾ ايذي بدحواسي ۽ وحشت جا اصل ڪارڻ ڪهڙا آهن.

ڳالهه ۾ اڳتي وڌڻ کان اڳ، ٿوري دير بيهي، سوچ جي رستي تان ڪي ذهني ڏنگر هٽائي پري ڪري ڇڏجن ته چڱو.

ڪيترا بنهه پيلا، حد اشراف وطن جا گهڻگهرا ماڻهو تنقيد کي گلا جي قطار ۾ شمار ڪندا آهن ۽ چاهيندا آهن ته گلا وانگر تنقيد به ڪنهن تي به نه ٿئي. هو چوندا آهن ته ”ٻچڙن سان لڳي ٻچڙو ڪونه ٿبو. چڱن سان چڱو سيڪو هلي، تڏهن جڏهن ڪو ٻچڙن سان به چڱو هلي ڏيکاري!“ ڪي پيا وري نقلي ترقي پسند نسل پرست سنڌ دشمن سازشين جي سنڌي چاڙتن ڏانهن اشارو ڪري چوندا ”ادا وري به پاڻ ۾ وڙهڻ واري ڳالهه ٿي نه! فلاڻو ڪٿي ڪهڙو به آهي، ڪٿي ڪنهن جو به گماشتو يا دلال ڇو نه هجي، پر آهي ته بي نصيب پنهنجو نه! اها ته ادا پاڻ سنڌين کي خدائي پٽ آهي جو پين کي ڇڏي اول هڪٻئي جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهندا آهيون؛ تان جو اڳلو ويٺو موجون ماڻيندو آهي ۽ پاڻ هڪٻئي سان لڳي هٽيو هڪٻئي کي پورو ڪريو رکون!“

اچا ڪي پيا وچان ئي ڳالهه ڪندا، چي ”ڳالهه برابر لک جي ٽا ڪريو؛ انهن سنڌ دشمن ۽ سنڌن چاڙتن

ڪري سنڌي ماڻهن کي برابر رت رت ڇڏيو آهي. پر پنهنجو ڪم ناهي جو پنهنجو وقت اهڙن ردي ماڻهن تي زيان ڪريون. پاڻ کي ڪپي ته مڙس ٿي پنهنجو ڪم ڪريون. پلي هنن کي به جيڪا هڪلڻي هجي سا هڪلين. پوءِ آخر فيصلو ته سنڌي عوام ڪندو نه؟ اهو پس پيش فيصلو ڪري ڪير ڪير ڪندو، پاڻي پاڻي ڪندو. جيڪي سچو ڪم ڪندا سي ڪامياب ٿيندا ۽ جيڪي ڪوڙا هوندا سي هٽي هٽي نيٺ ڪنهن ڏينهن اگهاڙا ٿي پوندا ۽ پوءِ ڪير پڇندن به ڪو نه. ان وچ ۾ اجايو تڪڙو ٿي، پاڻيءَ ڪان اڳ ڪپڙا لاهي پاڻ کي خوار ڇو ڪجي!؟"

اها دستوري سنڌي سوچ آهي. سنڌ جا تمام گهڻا سوچيندڙ وطن دوست ماڻهو اهڙين ئي سوچن ۾ آهن. خود جيڪي وطن دوست ماڻهو پاڻ کي نئين قومي سوچ جا مالڪ سمجهن ٿا تن جا ذهن به سوچڻ جي انهيءَ دستوري سنڌي ڍنگ کان صفا آجا ڪو نه ٿيا آهن. اهڙيون سوچون ڇپ هڻيو سنڌي ماڻهن جي ذهن جي ڪنڊن پاسن ۾ لڪيون ويٺيون آهن ۽ وقت سر اوچتو ئي اوچتو ڪنهن مهل بڙڪو ڏيو ڪو نه ڪو روپ وٺيو ٻاهر نڪريو اچيو بيهو رهن.

اهي ۽ ان قسم جا ٻيا اهڙا خيال ۽ سوچ جا ڍنگ صحيح نه آهن. اهي غلط آهن ۽ سنڌي عوام لاءِ نقصانڪار آهن. ان ڪري انهن کي دليلن سان رد ڪرڻ ۽

انهن جي پاڙ پٽڻ تمام ضروري آهي ته سنڌي ماڻهو
ڪڏهن به مضبوط ۽ محڪم ارادي سان اڳتي وڌي
توڙ تائين پهچائڻ واري جٽادار جدوجهد هلائي سوبي
ڪٽي نه سگهندا.

جيڪڏهن ٻچڙن جي ٻچڙائيءَ جي ڳالهه نه ڪجي،
عوام خلاف جيڪي نقصانڪار ڪم ٻين انهن ڪين ۽
انهن جي ڪندڙن جي ڳالهه جيڪڏهن سنڌي ماڻهن
وٽ نه ڪجي، جيڪڏهن رڳو پاڻ چڱو ڪم ڪجي،
باقي ٻين کي برائيءَ کان نه روڪجي، جيڪڏهن
هرڪو رڳو پنهنجو ڪم ڪري، اهو نه ڏسي ته جيڪي
ان ڪم جا ويري آهن سي ڇا پيا ڪن ته پوءِ ان
حالت ۾ سنڌي ماڻهن جو ڪهڙو حال ٿيندو تنهن جو
اندازو رڳو هيٺين ڏورڙن مثالن مان ئي ڪڍي
لڳائي ڏسون:-

فرض ڪريون ته هڪڙي پاسي سنڌ جي سڄڻ
طرفان پورا هڪ هزار بورچي ان ڪم تي لڳل هجن
ته سنڌي ماڻهن لاءِ بهترين پيٽ ۽ پلاءِ رڌي تيار ڪندا
وڃن ۽ ٻئي پاسي سنڌ جي ويرين طرفان فقط هڪڙو
ماڻهو انهيءَ ڊيوٽيءَ تي لڳل هجي ته اهي هزار
بورچي جيڪي ديڳيون سنڌين لاءِ رڌي تيار ڪري لاهي
دم ڏيئي رکن، تن منجهان هڪڙيءَ هڪڙيءَ ۾ هو
زهر جا پڙا اوتيندو انهن کي ڏوئي گهمائيندو هلي؛
ٻئي ڌريون پنهنجو ڪم ڪن، هڪبئي کي روڪ نه

ڪن ۽ ڇڏي ڏين ته سيڪو پلي "پنهنجو" "پنهنجو" کم پورو ڪندو هلي! ماڳهيءَ طرح فرض ڪريون ته سنڌي وطن دوست پورا هڪ هزار بهترين رازا جايون اڏڻ جي کم سان لڳائين ٿا ته سنڌين لاءِ بهترين جايون جوڙين ۽ دشمن جو فقط هڪڙو رازو انهيءَ کم تي مقرر ٿيل هجي ته هي ماڻهو جيڪي اڏين سو ڍاهيندو، ڪيرائيندو، پٽ ڪندو هلي! فرض ڪريون ته هڪ هزار سنڌي مائون هزار ٻار ڄڻين، ساڍين، نپائين، وڏا ڪن ۽ نيٺ جڏهن هو ساماڻجي جوان ٿين ته دشمن فقط هڪڙو جلاد، فقط هڪڙي ڏينهن لاءِ ان کم سان لڳائين ته تلوار کڻي سڀني جون سسيون لاهي ڇڏ!

هاڻ جيڪڏهن اهي هزار هزار بورچي، رازا ۽ مائرون رڳو "پنهنجو" کم ڪندا رهن، پنهنجي ڪيل کم جي سنڀال نه ڪن، ان جو بچاءُ نه ڪن، ويرين کي اهو ڪيل کم خراب ۽ برباد ڪرڻ کان نه روڪين ته پوءِ انهن هزار بورچين، هزار رازن مزورن، هزار مائرن جي پورهين، ڪشالن، ڪاريگرين ۽ هنرن جو آخر نتيجو ڪهڙو وڃي نڪرندو؟ ڇا رڳو ڪجهه به نه؟ نه! اجايو ان کان خراب!! جيڪي سنڌي اهو زهريلو پيت کائيندا سي مرندا، جيڪي انهن جاين ۾ ويٺل هوندا تن جي مٿان جايون ڪيرايون ويون ته مٿا ڦاٽندن، ٻچا مرندن، جيڪي هزار مائرون پنهنجا اکين جا تارا ويرين جي جلاد جي رحم ڪرم تي

پنهنجو ماڻهو جو ڌارين سان ملي پنهنجن جو ويري ٿئي.
غدار پنهنجن سان ٺيندا آهن، ڌارين سان ٺهي نٿا سگهن.

عوام جي ڀلائي ان ۾ آهي ته فطرت جي قانون مطابق ٻڌي ٻه ڪجي، ۽ مقابلو ٻه. ڌارين توڙي پنهنجن سان رڳو ٻڌي نه ڪجي پر ضرورت پوڻ تي مقابلو به ڪجي.

اصول هي آهي ته عوام جي ڀلي لاءِ جيترن گهڻن ۾ گهڻن ماڻهن ۽ قوتن سان ٻڌي ٿي سگهي، اوترن سان ٻڌي ڪجي. چاهي اها محدود ڇو نه هجي ۽ ان ٻڌيءَ کي قائم رکڻ ۽ بچائڻ لاءِ طئي ٿيل اصولن مطابق جدوجهد ڪجي. انهن اصولن سان هڪڙو اصول هي آهي ته جيڪي بنهه آزمايل ڪٽر، لاعلاج ۽ ناسوري رجعت پرست عوام دشمن هجن تن سان حياتي ۽ موت جو مقابلو ڪجي، ڪين سياسي طرح ختم ڪرڻ لاءِ ڊگهي ۽ اٽانگي جدوجهد ڪجي. نقلي ترقي پسنده نسل پرست سنڌ دشمن هن وقت اهڙي قسم جا بار بار آزمايل، ڪٽر، لاعلاج ۽ ناسوري رجعت پرست ۽ عوام دشمن آهن، جن سان حياتي ۽ موت جي ڊگهي نظرياتي سياسي جنگ لڙڻ ۽ ڪين مات ڪرڻ بنا سنڌي عوام هڪ وک به اڳتي چري ڪونه سگهندا.

اها ڳالهه سمجهي سنڌ دشمن سڌو سنڌي عوام جي اڳيان اچڻ جي جرئت نٿا ڪن. ان ڪري هو پنهنجا سنڌي ڇاڙتا آڙ ڪري استعمال ڪن ٿا ۽ چون ٿا

آهي جو نہ رڳو هيرا، جوڌا، دلير ۽ ساراهہ جوڳا ماڻهو
فقط مٿين حاڪم طبقن جا ماڻهو شمار ڪيا پئي ويا
آهن بر اڪثر غدار بہ فقط مٿين طبقن جا ليکي ۾ آندا

---

طبقن جي وطن دوست سرويچي ۽ نيڪيءَ جي ڳالهہ ورلي بيان ڪئي ويندي آهي ۽ سا بہ تڏهن جڏهن ان ويڙهہ ۾ ڪو مٿئين طبقي جو ماڻهو شريڪ نہ هجي. نہ تہ سمورو داد ان مٿئين طبقي جي ماڻهوءَ کي ڏنو ويندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي سنڌ جي هزار سالن جي تاريخ ۾ اڪثر ڳايل وڄايل مستند ۽ مشهور قومي هيرا، فقط حاڪم ۽ بادشاهہ ئي ليکجن ٿا. هوشوءَ جهڙن غلامن جو ذڪر بہ انگريز دشمن آندو نہ تہ مڪاني طبقي پرست، حاڪم پرست، سامراج پرست تاريخ نويس مشڪل سان آڏين ها. اهو دستور ئي ڪونہ هو تہ ڪو غريب عوام جي بهادري ۽ سرويچيءَ جو ذڪر قلم جي زبان تي آڻجي. بهادري ۽ پين گڻن جي تعريف فقط مٿين طبقن لاءِ وقف ٿيل هئي. غريب عوام جو ڪم هو ماٺ مٺيءَ ۾ قربان ٿيڻ ۽ ڪسجڻ ۽ گمناميءَ جي حالت ۾ دنيا مان گم ٿي وڃڻ. ذري گهٽ سڄي تاريخ انهيءَ 'ڪکڙ ڪوريءَ جي، نالو وڏيري جو' واري دستور موجب، هڪ طرفائي، طبقاتي پاسخاطري ڪري ۽ تعصب جي جذبي هيٺ لکيل نظر ايندي.

ويا آهن. (١) يعني پورهيت طبقي جي عوام مان ڪنهن ماڻهو جو رڳو غدارجي حيثيت ۾ به نالو ڳڻائڻ جائز نه ليکيو پئي ويو آهي. غريب طبقي جي ماڻهن جي غدارن جي لسٽ مان خارج ڪرڻ ۾ خاص ڪري منجهائڻ پيدا ڏيل طبقاتي غدارن جو ذڪر ئي نه ڪرڻ جا ڪي خاص سبب به هئا. غريب عوام جي انهيءَ احساس کي ايرڻ ۾ وڏڻ ويجهڻ ڏجي ها ته پنهنجي جان ۾ پنهنجي ڪٽنب، پنهنجي قبيلي ۾ پنهنجي قوم کان سواءِ پنهنجي طبقي مان ٻاڻ جهڙي پئي پورهيت مظلوم

---

(١) مٿين، حاڪم طبقن کي غداري ڪرڻ جي هر وقت ضرورت هئي ۽ ٻئي طرف ڪين غدار مڏجڻ جو ڏپ ڪونه هو. ان جا ڪي خاص سبب هئا. غريب عوام گهٽائيءَ ۾ آهن. انهن لاءِ پنهنجي طبقي جا مفاد ساڳي ڳالهه آهن. هو خود قوم آهن. سنڌن طبقو ۽ قوم ذري گهٽ ساڳي ڳالهه آهن. ٻئي طرف مٿيان طبقا قوم جو فقط هڪڙو تمام ننڍڙو، پتڪڙو حصو آهن. قوم جي باقي وڏي گهٽائيءَ سان، يعني ذري گهٽ سڄي قوم سان سندس طبقاتي ٽڪر، تضاد، مقابلا ۽ وير وڌ آهن. ان ڪري سندس طبقاتي مفاد ۽ قومي مفاد اڪثر الڳ الڳ ۽ ابتڙ هوندا آهن. عام حالتن ۾ ۽ اڪثر ڪري هنن طبقن جو فائدو انهن

عوام سان به وفاداري ڪرڻي آهي ۽ غداري هرگز نه ڪرڻي آهي، جيڪڏهن هو ڇڱيءَ طرح سمجهي وچي ته پنهنجي غريب ڀائرن سان غداري دنيا جي وڏي ۾ وڏي ۽ ڪميڻي ۾ ڪميڻي غداري ٿيندي آهي ته پوءِ جيڪر عوام سان طبقاتي وفاداري به هڪڙو وڏي ۾ وڏو گڻ ۽ ساڻن طبقاتي غداري به هڪڙي وڏي ۾ وڏي رذالت ليکجڻ لڳي ها ۽ نيٺ قصو اتي وڃي پهچي ها جو ڪنهن منزل تي ماڻهو پنهنجي طبقاتي

---

ڳالهين ۾ ٿي هوندو آهي جن ۾ قوم جي سراسر تباهي هوندي آهي. وري سچي قوم جي ڇڱائي جي ڳالهه، ڪي هو پنهنجي لاءِ ايترو نفعي وارو نه ليکيندا آهن ۽ اڪثر نقصانڪار ليکندا آهن. قومي غداري طبقاتي طرح اڪثر سندن تاريخي ضرورت پئي رهي آهي. ان ڪري مٿيان طبقا مجموعي طرح پنهنجن طبقن سان وفادار ۽ پنهنجين قومن جا غدار رهندا آيا آهن. جيئن ته تاريخ هميشه سندن چاڙتن جي اڪيل هوندي آهي انهنڪري اها سدائين سندن طبقاتي در جي گوليءَ ۽ ٻانهي پئي رهي آهي ۽ سندن هر ڳالهه جي تعريف ۽ ساراهه ڪندي رهي آهي. ان ڪري هو بنا ڪنهن ڪي ۽ خوف جي عليٰ الاعلان ۽ پئي ٻانهون هٿي پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي فائدن لاءِ صدين کان وٺي لڳاتار قومي غداريون ڪندا پيا اچن.

ويو ۽ طبقاتي غدارن جا گيت ڳايا ويا. طبقاتي غدارن لاءِ اٿين نہ چيو ويو تہ هي عوام جو غدار ٿي وڃي عوام دشمن طبقن جو دلال بڻجي عوام جو دشمن ٿيو بيٺو. پر چيو ويو تہ فلاڻو مسڪين ماڻهو پنهنجي نمڪ حلالي، محنت، لياقت ۽ هوشياريءَ سبب ترقي ڪري وڃي زميندار، سيٺ، ميمبر، سياسي ليڊر، وزير، امير يا بادشاهہ ٿيو! (١).

---

وغيره ٿي پيا رهي ٿي نتا سگهن. جي نہ تہ پس پيش ڪين ڏڪي موڻائي مظلوم عوام جي بک ڏک ۽ ظلم جي بنديخاني ڏانهن موڪليو ويندو. ڪوبہ ماڻهو مظلوم بہ نہ رهي ۽ مظلومن جي پيڙهہ جي گهاٽي جو پرزو بہ نہ هجي اهو ناممڪن هو. فقط هاڻ هن جمهوريت، قومي آزاديءَ ۽ سوشلزم جي شاندار ۽ سوڀاري جدوجهد جي عظيم تاريخي دور ۾ اهي پئي ڳالهيون ممڪن ٿيون آهن. بلڪ هاڻ تہ مظلوم عوام نہ رڳو مظلوم نہ رهندا، نہ رڳو پڻ تي، پاڻ تي ظلم ڪرڻ تي مجبور نہ ڪيا ويندا پر سڄي دنيا جا مالڪ ٿي اهي ٿيندا.

(١) ”نمڪ حلالي، محنت، لياقت ۽ هوشياريءَ جي ڪري ترقي ڪندڙن“ يعني عوام کي ڇڏي عوام دشمن جي ٽولي ۾ شامل ٿيندڙن جا ڪٽڪن جا ڪٽڪ جيڪڏهن پنهنجو پيٽ پاڻ لاءِ ڦورو ۽ ظالم حاڪم

اُنهيءَ ڇپ ڇپات ۽ مات منوڙي جي ڪري عام
ماڻهن کي اهـا ڳالهه خيال ۾ ئي ڪانه هوندي آهي
ته طبقاتي غداري به ڪو وڏو عوام دشمن ڪم آهي.
عام ماڻهو ان کي هلي چلي ڪري ٿا ليکين. ڪي
ته مورڳو ان کي وڏي ڪاميابي ڪري ٿـا ليکين.
”ڇي ڏسو، فلاڻو ڪٿي کان ڪٿي وڃي رسيو. هلا،
مڙس جا بخت!“

ان ڳالهه جو نقلي ترقي پسند نسل پرست سنڌ-
دشمن ناجائز فائدو وٺن ٿا ۽ چون ٿا ته ”اسين ۽ اسان
جا سنڌي پوٺليگ غريباڻا ڪپڙا پايون ٿا، اسين پاڻ
مسڪين آهيون. اسين ڀلا ڪيئن عوام دشمن ٿينداسين؟
غدار ته فقط مٿين طبقن جا وڏا ماڻهو ٿيندا آهن!“

اسان مٿي ويچار ڪري آيا آهيون ته ڪيئن ان

---

طبقن جي خدمت چاڪري، دلالي ۽ حفاظت نه ڪن
سڀ ماڻهو پنهنجي طبقي جي ڀائرن سان سچي ع
وفادار رهن ۽ انهن سان ئي گڏجي طبقاتي ۽ قوم
ظلم سان مقابلو ڪن، ته وڏيرا شاهي، سردار شاه
سرمائيدار شاهي ۽ سامراج جو چرخو ڪڙو مهينو ب
هلي نه سگهي ۽ ازخود ڊهي اچي پٽ پوي. اهو چر
اڏيل ۽ بيٺل ئي عوام مان زبردستيءَ يا خوشيءَ سا
پرتي ٿيل پڙهيل يا اڻ پڙهيل، پيرن اگهاڙن توڙ
سفيد پوش طبقاتي غدارن جي ٽيڪ تي آهي.

قسم جا دليل، سراسر بي بنياد آهن. غدار ڪير به ٿي سگهي ٿو. چاهي اهو هيٺئين طبقي جو هجي يا مٿئين جو. عوام منجهان پيرڻي ڪيل عوام جا غدار البت پنهن جي پيٽ ۾ وڏيڪ قابل نفرت آهن ڇاڪاڻ ته اهي نه رڳو پنهنجي قوم سان پر پنهنجي طبقي سان به غداري ڪن ٿا. بهرحال ڪنهن ماڻهو جو غريب هجڻ هروڀرو ان ڳالهه جي خاطري نٿو ڏئي ته ڪو هو غريبن جي پاسي هوندو ۽ غريبن جي دشمن جو طرفدار ڪونه هوندو.

سنڌ دشمن ۽ سنڌي چاڙن جو پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن جي بچاءَ ۾ هڪڙو ٻيو دليل هي به آهي ته "اسين سوشلسٽ آهيون، اسين پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ٿا سڏايون. تنهنڪري ڪوبه اسان کي عوام جو ڏوهي چئي نٿو سگهي!" ان جي جواب ۾ سمجهڻ کپي ته ماڻهو پاڻ کي ڇا ڏو ظاهر ڪري ٻيا ليکي سا هڪڙي ڳالهه آهي ۽ ماڻهو درحقيقت آهي ڇا، سا بلڪل ٻي ڳالهه آهي. اڄوڪو دور جيڪو جمهوريت، قومي آزادي ۽ سوشلزم جو دور آهي، عوام جي سوڀن ۽ ڪاميابين جو دور آهي، تنهن ۾ سمجهو سرمائيدار ۽ جاگيردار به پاڻ کي عوامي ۽ ڪامريڊ ماڻهو سڏائڻ ۾ عار ته ڇڏيو خود فخر ٿا سمجهن. اهڙي حالت ۾ هنن جو پاڻ تي سوشلسٽ يا ڪميونسٽ يا ڪميونسٽ پارٽيءَ جو لقب رکڻ بلڪل عجب جهڙي

ڳالهه ڪانهي. جيڪو ڏنڏو هو ڳڌريل ٽيهن سالن کان ڪندا رهيا آهن سو ڏنڏو ان ڀيروپ ڪانسواءِ هو هرگز ڪري نه سگهن ها. هونئن به پاڪستان ۾ هڪڙي ٽولي پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي ڪانه ٿي سڏائي. برڪ به ڪري ڳڻيون ته اهڙيون ٥٠ ٽوليون ليڊيون، جي پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي يا اهڙوئي ڀيو ڪو رعيدار نالو ڏيئي ويٺيون باقي ٣٩ ٽولن کي سي- آءِ- ڊي جي ايجنٽن جا ٽولا سڏين ٿيون!

تنهن ڪانسواءِ هو چون ٿا ته "امان جيل ڪاٽيا آهن. اسين روپوش آهيون. اسان تي لک روپيا انعام آهي." ان باري ۾ سڀ کان ڀرين هڪڙي ڳالهه صاف ڪري ڇڏجي ته چڱو. سنڌ دشمن نقلي ترقي پسندن جي هڪڙي چاڙتي جي ولي خان واري ڪيس ۾ جوابدار هجڻ کي سنڌ دشمن اهڙو رنگ ڏنو آهي جڻ ته بلوچستان يا سڄي پاڪستان کي سنڌن چاڙتا ڪلهو ڏيو بيٺا آهن. چيو، "نڌهن ته يار مڙس ههڙن خوني ڪيسن ۾ روپوش آهن!"

حقيقت ڇا آهي؟ پاڻ ان ڪيس جي سچي يا ڪوڙي هجڻ تي بحث نٿا ڪريون. ير پاڻ الزامن جو ڏونيس وٺي سگهون ٿا. ان ڪيس بابت پاڻ کي به ڏوري ڳهٽي خبر آهي. پاڻ کي خبر آهي ته سنڌ دشمن جي ڪنهن به چاڙتي تي بلوچستان يا سمرري پاڪستان ۾ ڪنهن ڪڪڙ کي پتر اچلائي هڻڻ جو

به الزام ڪونهي! پنهنجي چاڻ موجب سازش ڪان قطع نظر نقلي ترقي پسندن جي حيدرآباد سازش ڪيس ۾ ملوث هڪڙي سنڌي ڇاڙتي تي مڪيه ذاتي الزام فقط ۽ فقط اهو آهي ته بلوچستان جي ماڻهن جي جمهوري جدوجهد جي تائيد ڪرڻ واري هڪڙي ٺهراءَ جي جن ماڻهن تائيد ڪئي هئي تن جي لسٽ ۾ هن جو نالو به آهي! اهو آهي اهو مڪيه ذاتي سورهيائي، سرفروشيءَ يا بغاوت جو الزام جو هن غريب تي ذاتي طرح لڳل آهي. ياد رهي ته جن ماڻهن تي فقط اهڙو ذاتي الزام آهي سي اڪثر سڀ ضامن تي آزاد ٿي ويا آهن. ان ”خوفناڪ بغاوت“ جي انعام ۾ ”سنڌي ماڻهن تي سنڌ دشمن ڇاڙتن جي ايذي ته دهشت ويهاري ويئي آهي جو ماڻهن ويچارن جي هنن سورهين جي ’سورهيائي‘ جو داد ڏيئي ڏيئي ۽ ڏن ڀري ڀري چڙهي ٿي نڪري ويئي آهي. معلوم ٿيو آهي ته باقاعدي هڪڙو شاهي ڊرامو ڪيو ويندو آهي. ڇي ”فلاڻو ماڻهو ملايان ٿو، رڳو هينئر پوليس کي اطلاع ڏئي ته اٿ لک روپيا روڪڙا ٿڏي ٿي انعام ملنئي؟ سنڌي ماڻهو آهين. تو جهڙي مڙس تي اعتبار آهي!“ سنڌي ويچارا اگهيئي نالي نهال. هوڏانهن دليءَ جا ٽڪ، مطلب ته ويچارا زيارت جي ڏکڻائن پرڻ ۾ ئي گهر مسيت ڪرايو ڇڏين!

ڦورو ۽ ظالم سماجي نظام ۾ مظلوم عوام جي

زندگيءَ جو پل پل ڪنهن نه ڪنهن عذاب ۽ ذلت ۾ گذري ٿو. انهن عذابن ۾ ڏنڊ، ڇڙيون، بي عزتيون، چوريون، ڌاڙا، خون، پوليس جا عذاب، جيلن ۾ اذيتون ۽ انڌاريون ڪوٺيون ۽ ٻيون ڪئين بيشمار مصيبتون اچي وڃن ٿيون. اهو چوڻ ڏکيو آهي جيڪي جيل کان ٻاهر زندگيءَ جي جبل ۾ آهن سي وڌيڪ ڏکيا يا جيڪي جيلن اندر ويل ۾ آهن سي، بهرحال جيڪي به ماڻهو عوام جي حقن لاءِ سچي دل سان لڙندي پائيءَ جيتري به تڪليف سهن ٿا، تن کي لک آفرينون ۽ شاباسيون! انهن جو قدر ڪرڻ گهرجي، کين عزت ڏيڻ گهرجي ۽ سندن مثال مان سبق وٺڻ گهرجي. سنڌ ۽ ٻئي سڄي ملڪ جي ڪيترن ماڻهن، هارين، مزدورن، شاگردن، دانشورن، اديبن، زميندارن ان راهه ۾ جيل ڪاٽيا آهن ۽ ڪاٽين پيا، انهن سڀني کي شابس هجي. ٻئي طرف دنيا ۾ ڪابه ڳالهه تڪليف ۽ ڏک ڀوڳڻ کان سواءِ نٿي ٿئي. جيڪي ظالم ماڻهو ڪنڊڪ وٺيو ٻين ملڪن کي ڦرڻ لٽڻ، تباهه ڪرڻ ۽ غلام بڻائڻ نڪرن ٿا سي به تڪليفون ڀوڳين ٿا.

لڙائيءَ ۾ ٻئي ڌريون مرن ٿيون، ڪي حملو ڪندڙ ڦورو به زخمي ٿين ٿا، قيد ٿين ٿا، بکون ۽ ڏک ڪاٽين ٿا. سو تڪليف ۾ پوڻ جي معنيٰ اها هرگز ڪانهي ته اهي ماڻهو هرويرو حق تي آهن. ساڳيءَ طرح جيڪي به سرڪار جا مخالف آهن يا

# قومي جدوجهد پس پيش طبقاتي جدوجهد ڇو ۽ ڪيئن ٿي ٿئي؟

قومي ٽڪر ۽ مقابلا پس پيش نيٺ وڃيو طبقاتي ٽڪر ۽ مقابلا ثابت ٿين ٿا. هڪڙيءَ قوم جو ٻيءَ قوم تي حملو حقيقت ۾ ڇا آهي؟ غور ڪري ڏسبو ته چڙهائي ڪندڙ قوم جي مختلف مخالف طبقن جا ڪجهه ماڻهو (سردار، وڏيرا، واپاري، دانشور ۽ هاري، مزور، ڪي ڪاسبي طبقي جا سپاهي وغيره) عارضي طرح پنهنجا طبقاتي ٽڪر ۽ مقابلا ٿڏا ۽ پاسيرا ڪري ٻيءَ قوم جي سمورن مختلف ۽ مخالف طبقن جي ماڻهن، گهرن، پنهن ۽ ملڪيتن تي حملو ڪن ٿا. حملي جا شڪار ٿيل مختلف ۽ مخالف طبقن جا ماڻهو به عارضي طور پنهنجا طبقاتي اختلاف، ٽڪر ۽ وير وڌ ٿڏا يا پاسيرا ڪري دشمن سان مقابلو ڪن ٿا. جي حملو ڪندڙ ڪامياب ٿين ٿا ته ڦرلٽ جي مال مان حملو ڪندڙ قوم جا سڀ فرد ۽ سندن پويان سڌو يا اڻ سڌو فائدو حاصل ڪن ٿا، چاهي اهي چڙهائيءَ ۾ شامل هجن يا گهر ويٺا هجن ۽ چاهي سندن نيت ڇا به هجي (در حقيقت جيڪڏهن ڦورو ۽ ظالم قوم جو ڪو ماڻهو نه به چاهي ۽ ڪوشش ڪري ته مون کي مظلوم قوم جي ڦرلٽ جو حصو پتي نه ملي ته به هو ائين ڪري نٿو سگهي، ڇو ته اها ڦرلٽ ايترا ته سوين

غلام ۽ مظلوم به هوندا آهن تہ ٻئي ڀاسي ماڳئي
وقت ڦريندڙ قوم جي ڦورؤن مان گڏ سندن گماشتي
۽ چوٿي پائيوار طور پنهنجي ڦريل قوم تي ظام ڪندڙ
ظالم بہ. ٻهرين حيثيت ۾ هو هڪڙي پاسي کان ڳالهين
۾ ڪنهن حد تائين پنهنجي قوم جي ٻين طبقن مان
ٻڏي ڪري ڌارين مان ڪنهن نہ ڪنهن قسم جو مقابلو
ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. تہ ٻي حيثيت ۾، ڪن
ڳالهين ۾ وري ڪنهن حد تائين ڌارين مان ٻڏي
ڪري پنهنجن جا مارا ٿي رهن ٿا.

اهڙيءَ طرح قومي مقابلي ۾ ٿلهي ليکي برابر
هڪڙي سڄي قوم ٻي سڄي قوم مان وڙهي ٿي ۽
ڦورو توڙي ڦريل هر قوم جا سڀورا طبقا ڪنهن نہ
ڪنهن حد تائين ڪنهن نہ ڪنهن نموني ان قومي
مقابلي ۾ حصو وٺن ٿا. پر بنيادي، فيصلو ڪندڙ توڙ
تائين مرڻ جيئڻ جو مقابلو وري بہ طبقاتي ٿئي ٿو.
جو تہ ڏکهي ۽ اينگهايل ويڙهہ کان پوءِ ڦريل قوم
جي ڪجھہ ڪاميابين کان پوءِ ڦورو قوم جي ڪجھہ
شڪست کان پوءِ، ڦورو قوم جا هيٺيان طبقا جن کي
ڦرلٽ جي مال مان ڪو نالي ماتر حصو ملي ٿو ۽
ويڙهہ ۾ وڌ ۾ وڌ نقصان سهڻو پوي ٿو سي ۽ ڦريل
قوم جا مٿيان مفت خور طبقا جن کان هونئن ڦرلٽ
نالي ماتر ٿئي ٿي ۽ ويڙهہ ڪري ڪين گهٽو نقصان
رسي ٿو سي اڪثر قومي ويڙهہ ۾ پنهنجي طبقاتي

نفعي گھٽ ھجڻ ڪري وڏيڪ ويڙھہ ۾ دلچسپي رکڻ
ڇڏيو ڏين ۽ بي دليا ۽ بيزار ٿيو پون. ھنن جا جيڪي
پنھنجي قوم جي پين طبقن سان اندروني طبقاتي ٽڪر
ھوندا آھن، سي پڻ قوم سان قومي ويڙھہ شروع ٿيڻ
جي شروعاتي دور ۾ ھو ڪوشش ڪري ماٺا، ٿڌا ۽
پاسيرا ڪندا آھن. اڳتي ھلي اھي طبقاتي ٽڪر، تضاد
۽ وير وڏيڪ وقت ماٺا رھي نہ سگھندا آھن. تان جو
ڪنھن منزل تي ڦورو قوم جا پورھيت طبقا پنھنجي
ڦورو قوم سان ۽ ڦريل قوم جا مفت خور طبقا پنھنجي
قوم سان دلي ۽ پرپور ساٿ ڏيڻ ڇڏيو ڏين. پوءِ انھن
ٻن مخالف قومن جي وچ ۾ ھلندڙ قومي ويڙھہ ظاھري
طرح ۽ ٿلھي ليکي قومي ويڙھہ رھندي پر حقيقت ۾
اھا وڃي طبقاتي ويڙھہ بنجندي. يعني ھڪڙي سڄي جي
سڄي قوم جا سمورا طبقا ھڪڙي طرف ھجن ۽ ٻي
سڄي جي سڄي قوم جا سمورا طبقا ٻئي طرف ھجن ۽
پاڻ ۾ وڙھن، ائين نہ رھندو. ھاڻ اصل مقابلو وڃي
ھر قوم جي فقط ڪن طبقن جو ٻي قوم جي فقط ڪن
طبقن جي وچ ۾ رھندو. يعني ھڪڙي پاسي ھوندا ڦريل
قوم جا پورھيت طبقا ۽ سندن مددگار ۽ ٻئي پاسي
ھوندا ڦورو قوم جا مفت خور طبقا ۽ سندن مددگار.
اھڙيءَ ريت اھا قومي ويڙھہ پس پيش وڃي طبقاتي
ويڙھہ بيھندي. ان جو روپ قومي ھوندو پر اصل جوھر
طبقاتي ھوندس. ــــ

# سڀني ملڪ جو عوامي جمهوري اتحاد، ڇو قائم ٿيڻ گهرجي ۽ ڪيئن قائم ڪجي؟

ڪي اهڙا عام ۽ بنيادي فطري قانون به آهن جي سموري انساني سماج، سموري زندگي سموري ڪائنات تي حاوي آهن. هن دنيا کي صحيح نموني پروڙڻ ۽ ان ۾ صحيح هلت ڪرڻ لاءِ انهن قانونن کي سمجهڻ ضروري آهي. فطرت جي انهن قانونن جون ڪي ٿلهيون ڳالهيون هي آهن:

دنيا ۾ ڪابه شيءِ يڪي ۽ سڄي ساري ڪانهي. هر ڪا شيءِ ڪن ابتڙ ڳالهين جي ميلاپ مان ٺهيل آهي. ڪابه شيءِ قطعي يا آخري، سدائين هڪ هنڌ بيٺل ۽ سدائين ساڳي حالت ۾ ڪانهي. هر شيءِ سدائين ڪهن نه ڪنهن قسم جي چرپر ۾ آهي. سدائين منجهس ڪانه ڪا ڦيرڦار يا تبديلي، ظاهر ظهور يا اڻ لکي ڦيرگهير پئي ٿئي. ڪابه شيءِ پنهنجي ڪان صفا الڳ يا پنهنجي سر مڪمل ڪانهي. مختلف شيون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، ۽ هڪٻئي اندر پيهل آهن. ڪابه شيءِ مڪمل طرح آرام ۾ ڪانهي. هر شيءِ اندر ابتڙ شيون پاڻ ۾ ويڙهه پيون ڪن. هر وقت هر هنڌ چرپر مچڻ، ڦيرگهير ٿيندي رهڻ، ابتڙ شين جي پاڻ ۾ ملڻ، ٽڪرجڻ، انهن مان نين شين جي پيدا ٿيڻ، وري انهن شين جي وڌڻ،

ويجهڻ ۽ پاڻ مان اجا به پين نين شين کي جنم ڏيڻ، پوڙهي ٿيڻ ۽ کنهن ڏينهن ختم ٿي وڃڻ جا اهي بيشمار ۽ اڻ کٽ سلسلا ازل کان جاري آهن ۽ ابد تائين جاري رهندا.

دنيا تي نظر ڦيرائي ڏسبو ته هر ڳالهه، هر لقاءُ، هر حقيقت ۽ هر شيءِ تي انهن قانونن جو راڄ نظر ايندو. ماڻهن جي دنيا ۾ ڪوبه ماڻهو، ڪوبه ڪٽنب، قبيلو يا قوم، ڪوبه طبقو، ڪوبه سماج، ڪابه تهذيب انهن قانونن جي اثر کان ڇٽل ڪانهي.

اسان عوام دوست سياسي ڪارڪنن کي پنهنجي سياسي ڪم ۾ انهن قانونن مان ڪجهه سکڻو آهي ۽ ڪي سياسي سبق پرائڻا آهن:

اسان کي سمجهڻ گهرجي ته اسان جو سماج ۽ ملڪي ماحول به ٻي دنيا وانگر لازمي طرح سدائين ڦيرڦار ۾ آهي، ۽ هر وقت بدلجي ۽ وڌي ويجهي پيو. ان ۾ هڪڙي پاسي هر وقت ڪيتريون نيون شيون ۽ حقيقتون جنم پيون وٺن ۽ ٻئي پاسي ڪيتريون پيون شيون پراڻيون ۽ پوڙهيون ٿي ختم پيون ٿين. اسان کي پنهنجي سياسي سمجهه ۽ عقل ۾ ان ڦيرڦارن، ڦيرين گهيرين ۽ واڌارن کي هر وقت ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ۽ ضرورت پوڻ تي پنهنجي ڍنگ، حڪمت عملي، ۽ عمل جي وات، پنهنجن اندازن، پاليسين، پروگرامن ڪم جي طريقن ۽ انڪلن ۾ به، گهربل ڇستائيءَ ۽ تيزيءَ سان گهربل

سدا، واڌارا ۽ ڦيرڦير گهرڻ آڏيندو رهڻ گهرجي. نه
ته اسان جو سماج ۽ اسان جو ماحول اسان جي اکين
اڳيان بدلجي ۽ ڦري گهري اڳتي نڪري ويندو ۽
اسين ڪارڪن پويان پنهنجي مٿن تي مڙهيل خارج اندازن
۽ اسڪيمن ۽ پاروٽن پروگرامن ۽ پاليسين جون پريون
لڏيو، هاءِ هاءِ ڪندا، رڙندا، پاڪاريندا يا گاريون ڏيندا
۽ وڦلندا رهجي وينداسون.

٢ - اسان جو سماج هڪڙي پاسي يڪو هڪڙو ۽
سڄو سارو به آهي ته ان ۾ هڪجهڙائي سان نه لهندڙ ۽
ابتڙ جزا يعني ڦورو ۽ ڦريل، حاڪم ۽ محڪوم، ظالم
۽ مظلوم مخالف طبقا به آهن. جن ۾ ميلاپ به آهي ته
ساڳئي وقت سندن وچ ۾ سدائين وڙهه به پئي هلي.

٣- اسان جي وطن دوست جمهوريت پسند ۽ ترقي
پسند ماڻهن جي وچ ۾ هڪڙي پاسي پاڻ ۾ ڪيترين
هڪجهڙايون ۽ ساڳيا مفاد آهن انهيءَ جي ڪري اسين
پاڻ ۾ هڪڙي يڪي شيءِ به آهيون ته پئي طرف
اسان ۾ گهڻا فرق ۽ مفادن جا ٽڪر به آهن. ساڳيءَ
طرح جيڪي ماڻهو اسان جا مخالف آهن انهن ۾ به
هڪجهڙائين ۽ همخيالن سان گڏ ڪيترا فرق، اختلاف ۽
ٽڪر به آهن. اسان کي پنهنجي پاليسي ٺاهڻ وقت
پنهنجي صفن اندر توڙي پنهنجي مخالفن اندر هڪجهڙائين
سان گڏ اختلافن، ٽڪرن ۽ تضادن کي به پوري طرح
ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

موجوده ڏورو ۾ ظالم سماجي نظام جا سمورا مخالف پاڻ ۾ سورهن آنا متفق نہ آهيون ۽ هيستائين ڪنهن هڪڙي سياسي پارٽي جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي نہ سگهيا آهيون.

سڄي ملڪ جي عوام جي ضرورت اها آهي تہ اُنهن ٽنهي اهم مورچن تي ڀرپور جدوجهد ٿئي. عوام-دشمن ٽنهي مورچن تي گهيري ۾ اچن ۽ کين اهو موقعو نہ ملي جو هو ڪنهن هڪڙي مورچي تي پنهنجون رجعت پرست قوتون ڪٺيون ڪري ان کي هڪ ڌڪ سان ناس ڪري سگهن.

درحقيقت خود اهي ٽولا جي اُنهن مان فقط ڪنهن خاص هڪڙي ٻن مورچن جي اهميت سمجهن ٿا ۽ ٽئي ٻئي نٿا سمجهن تن جي نقطہ نظر کان بہ اها ڳالهہ فائدي واري آهي تہ ٽنهي مورچن تي ويڙهہ ٿئي.

مثلاً: ڪراچي ۽ پنجاب جا ڪي کاٻي ڌر وارا مزور هاري طبقاتي مسئلي کي اهميت ڏين ٿا. البت هو قومي مسئلي کي اهڙو اهم نٿا سمجهن. پر کين اها ڳالهہ آساني سان سمجهہ ۾ اچڻ کپي تہ جيڪڏهن سنڌن دشمن پنجابي مهاجر حاڪم طبقن ۽ سنڌن دلال سنڌي، بلوچ ۽ پشتون وڏيرن، سردارن ۽ خانن سان سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد ۾ قومي برابريءَ لاءِ ويڙهہ هلندڙ هوندي ۽ هو ويڙهہ ۾ رڌل هوندا تہ هو ڪراچي ۽ پنجاب ۾ مزورن ۽ هارين سان ايتري آڪڙ سان هلي نہ سگهندا. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن سموري ملڪ ۾ مزور

موجوده حالتن ۾ اسان ننڍن صوبن جي ماڻهن جي سياسي قوت حاڪم طبقن ۽ سندن دلالن جي گڏيل قوت جي ڀيٽ ۾ ايتري مختصر آهي جو اسان لاءِ اهي ٿيئي جدوجهدون اشد ضروري آهن ۽ انهن ننڍين مورچن تي لڙندڙ قوتن جو پاڻ ۾ اتحاد به اسان لاءِ ايترو ئي ضروري آهي.

ان ڪري عوام دوست قوتن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اتحاد ڪيئن ٿئي ۽ سندن وچ ۾ موجوده تضاد ڪيئن حل يا ماٺا ٿين سو سوال اسان ماڻهن لاءِ حياتي ۽ موت جو سوال آهي.

بدقسمتيءَ سان في الحال انهيءَ ڳالهه جو تمام گهٽ امڪان آهي ته ڪو سڄي ملڪ جا ماڻهو ۽ عوام دوست سياسي ڪارڪن انهي ننڍين اهم مسئلن بابت پاڻ ۾ متفق ٿي هيئنر کان ئي ڪا زبردست گڏيل جدوجهد شروع ڪندا. ان منزل تي پهچڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي ۽ ان ۾ ڪافي وقت گهرجي. ان ڪري اسان کي وقت ۾ وقت تائيد حاصل ڪرڻ ۽ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ هڪ يڪي وڏي ملڪ گير اتحاد لاءِ ڪوشش ڪرڻ سان گڏوگڏ وڏي هنرمندي، ڏاهپ ۽ ڪاريگري سان مختلف مورچن تي مختلف ڌرين سان الڳ الڳ ننڍيون ننڍيون ڀڏيون قائم ڪرڻيون پونديون. مثال طور سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جا ڪي وطن دوست ماڻهو طبقاتي جدوجهد جي ضرورت متعلق

متفق نہ آهن تہ اسان کي طبقاتي جدوجهد جي سوال کي في الحال پاسيرو رکي ساڳئي فقط قومي سوال بابت پڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پاسيري رکڻ مان اسان جي مراد اها نہ هئڻ گهرجي تہ اسان مورڳو طبقاتي جدوجهد جنهن کي اسين پنهنجي عوام جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ لاءِ بلڪل لازمي ۽ ضروري سمجهون ٿا، ان تان ئي دستبردار ٿي وڃون. نہ، اسان کي ائين هرگز نہ ڪرڻ کپي. اسان کي صاف گوئي ۽ سچائي سان اهڙن دوستن کي چوڻ گهرجي تہ ”اسان جو ۽ توهان جو طبقاتي جدوجهد بابت موقف الڳ ۽ ابتڙ آهي. پر ان ڪري پاڻ پاڻ ۾ وڙهنداسون ڪونہ ۽ قومي سوال جنهن تي پاڻ متفق آهيون تنهن تي پڌي ڪرڻ کان ڪونہ روڪباسون. طبقاتي سوال بابت توهان بہ پلي پنهنجي موقف تي قائم رهو. اسين توهان کي ميار نہ ڏينداسين. اسين بہ هن معاملي ۾ پنهنجي موقف تي قائم رهنداسون ۽ طبقاتي جدوجهد جي اڳي وانگر حمايت ڪندا رهنداسين، اوهان کي بہ ان تي رنج نہ ٿيڻ کپي.“ ساڳي طرح سنڌ جي ڪراچي شهر ۽ پنجاب جي ڪاهي ڌر وارن مان جيڪڏهن ڪي جمهوري ۽ طبقاتي مسئلن سان گڏ قومي مسئلي کي بہ چڱيءَ طرح سمجهن ٿا ۽ سچيءَ دل سان ان جدوجهد ۾ شريڪ ٿين ٿا تہ اسان کي سيني مورچن تي ساڻن

ويجهي، گهري ۽ وسيع ٻڌي قائم ڪرڻ گهرجي. پر جي ڪي اهڙا آهن جي قومي مسئلي تي اسان ساڻ مور متفق نه آهن ته پوءِ به اسان کي ساڻن ٻڌي ڪرڻ گهرجي. پر اها فقط طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد ۾ ٻڌي هوندي. قومي مسئلي بابت اسان کي پنهنجي موقف تي مضبوطيءَ سان قائم رهڻ گهرجي. سندن موقف جنهن کي اسين صحيح نه سمجهندا هونداسين ان تي اسان کي دوستاڻي تنقيد ڪندو رهڻ گهرجي. ۽ اها ڪوشش ڪندو رهڻ کپي ته هنن جو موقف انهي مسئلي تي آهستي آهستي ۽ درجي به درجي درست ٿئي. ساڳي طرح جيڪڏهن هنن اسان تي دوستاڻي تنقيد ڪئي ۽ اسان جي ڪن غلطين جي اپٽار ڪئي ته اسان کي انهيءَ تي ارهي ٿيڻ بجاءِ سندن ڌورائنو ڌبڻ کپي. انهي سلسلي ۾ اسان کي "ساڳي وقت ٻڌي ۽ مناسب ۽ واجبي تنقيد" جي اصول تي عمل ڪرڻ کپي.

عوام دشمن حاڪم طبقا جيڪي ظاهري طرح يڪي جا يڪا عوام جي سر جا ويري آهن انهن جي مفادن ۾ به ڪئين فرق، اختلاف ۽ ٽڪر آهن ۽ سندن اسان سان دشمني جي سطح ساڳئي ڪانهي. انهيءَ ۾ ڪئين هيٺ متاهيون آهن. مثال طور حاڪم طبقا طبقاتي جدوجهد جي باري ۾ عوام جا ڪٽر مخالف آهن پر انهن مان ڪيترا فرد ۽ ٽولا جمهوري جدوجهد ۾ شريڪ

وارين هڪڙين ڳالهين جي مخالفت ڪن ۽ ٻين ڳالهين ۾ عوام جي حمايت ڪن. ان حالت ۾ مٿن يڪي مخالفت ڪرڻ بدران مٿن ٻين ابتڙ موقفن ۾ جيڪو فرق آهي سو ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ۽ مخالفت جي بدلي ۾ مخالفت ۽ حمايت جي بدلي ۾ ساڻن ٻڌي ڪرڻ کپي. ڪي ماڻهو ٻين سان گڏجي عوام جي سخت مخالفت ڪندا هجن پر جيڪڏهن هو عوام جي مخالفت ڪندي ڪن ڳالهين ۾ منجهيل، مڏا، ٻڏتر ۾ هجن ته ٻوءِ اهڙن ٻڏتر ۾ پيل ماڻهن ۽ عوام جي چٽن مخالفن جي وچ ۾ به جيڪو فرق آهي ان کي ڏيان ۾ رکڻ کپي. ڪوشش ڪرڻ کپي ته هو يا ته عوام جي مخالفت کان صفا باز اچن يا گهٽ ۾ گهٽ ان ۾ ٿڌا ۽ مڏا رهن.

انهن سڀني ڳالهين ڪانسواءِ اسان کي هڪڙي ڳالهه به سدائين ڏيان ۾ رکڻ کپي ته جيڪي ماڻهو ڪلهه عوام جا مخالف هئا ۽ اڄ به آهن سي ممڪن آهي ته سڀاڻي ساڳيا اچا به وڌيڪ چٽا مخالف رهن. پر اهو به ممڪن آهي ته هو عوام جي مخالفت ۾ سڀاڻي ايڏا سرگرم نه رهن يا مورڳو عوام جي مخالفت ترڪ ڪري ان جا حامي بنجي وڃن. ساڳيءَ طرح ڪلهوڪا ۽ اڄوڪا عوام دوست به ممڪن آهي ته سڀاڻي عوام جا دشمن بنجي وڃن. بلڪ ممڪن آهي ته خود اسين به غلط لاڙن جو شڪار ٿي سڀاڻي ڪنهن

عوام دشمن سوچ، موقف ۽ هلت جي اوڙاهہ ۾ ڪري پئون. ان ڪري اسان کي پنهنجي پنهنجي اتحادبن جي توڙي مخالفن جي موقفن ۽ هلت چلت تي هر وقت نگاهہ ڪرڻ گهرجي ۽ ان ۾ جيڪي بہ ڦيريون گهيريون اچن انهن کي ڏيان ۾ رکي پنهنجي سوچ، پاليسي ۽ عمل ۾ گهربل تيزيءَ سان گهربل ڦيريون گهيريون ۽ سڌارا ۽ وڌارا ڪرڻ کپن. پي حالت ۾ اسين وائڙا ۽ بتال ٿي ويندا سون.

## آل پاڪستان سياست کان بيزاريءَ جا سبب:

آل پاڪستان پارٽين جي باري ۾ اسان کي جيڪو هيستائين تجربو ٿيو آهي ان جي احوال مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ مسلم ليگ هجي يا نهپ يا بي ڪا آل پاڪستان پارٽي، آل پاڪستان پارٽين مان اسان کي فائدو گهٽ ۽ نقصان تمام گهڻو پهتو آهي. ان ڪري ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اسان کي ڪنهن بہ قسم جي آل پاڪستان سياست مان ڪوبہ فائدو رسڻو ڪوني ناهي. اسان کي ان جي ويجهو ئي نہ وڃڻ گهرجي اسان کي فقط سنڌ جي سياست ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجا تنظيمي لاڳاپا ۽ پڌيون بہ فقط سنڌ تائين محدود رکڻ گهرجن.

ان باري ۾ هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن:

١- جن ڏينهن ۾ اسان جا سياسي ماڻهو پهريان پهرين

انهن آل پاڪستان پارٽين ۾ شامل ٿيا ته ڏينهن اسان سنڌي ماڻهن جي سياسي ڄاڻ، سمجهه ۽ تجربي جي سطح اها نه هئي جيڪا اڄ آهي. اڳ اها تمام شروعاتي ڏاڪي تي هئي.

۲- اڪثر حالتن ۾ اسان جا ماڻهو جڏهن انهن پارٽين ۾ شامل ٿيا هئا تڏهن ونن پنهنجو تنظيمي تڏو خيرڪو هو. اسان سياسي طرح ڇڙ ته ٿن ڪپڙن ۾ گهران ٿي نڪتاسين ۽ پنهنجو سڄو لڏو انهن آل پاڪستان پارٽين تي لاهي پاڻ کي انهن جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏنوسين. پس پيش پنهنجي بچت رکڻ لاءِ ۽ ٿني پٺي عزت مان پوئتي موٽڻ لاءِ ڪو ڪس ۽ ڪا وات اڳوات رکي، هٿ ڪري ڪانه ٿي ڇڏيسون.

۳- ان وقت سنڌي سياست مڪمل طرح زميندار طبقي جي هٿ ۾ هئي. عام سنڌي ماڻهن ۽ ڪارڪنن کي سياسي فيصلن ۾ ڪوبه واسطو رکڻ ڪونه ڏنو ويندو هو. ان ڪري ان سياست جو سڄو دارو مدار ڪنهن هڪ اڌ زميندار سياستدان جي عقل تي هو ۽ نه عوام جي گڏيل عقل ۽ ڏاهپ تي.

## انقلاب جا رجعت پرست ٺيڪيدار

۴- ان وقت تائين سڄي دنيا جي عوام جيڪو قومي جدوجهد توڙي طبقاتي جدوجهد جو تجربو گڏ ڪيو هو ۽ ان جي آڌار تي جيڪو عالمي نظريو ٺهيو هو سو سنڌون سڌو اسان جي ماڻهن تائين پهتل ڪين

جوڙيوالن ۽ سندن حوارين جي هٿن جون باز بنجي ويون.

## نئين سوچ جي اوسر :

٦- پاڪستان ۾ هاڻ طبقاتي طاقت جي توازن ۽ سياسي سوچ ۾ ڪافي تبديلي آئي آهي. اڳي ٿورو ۽ ظالم حاڪم طبقا ۽ قومي گروه علي الاعلان عوام-دشمن ڳالهيون ڪري، دڙڪا داب ۽ دهشتون ڇمائي، ڪلم ڪلا غنڊه گردي ذريعي ملڪ تي راڄ ڪري سگهندا هئا. هاڻ جڏهن ان اڳهاڙي پاليسي جي ڪري ملڪ جو وڏو اڌ حصو ڪسجي ويو آهي ۽ باقي بچيل اڌ ۾ به حالتون نازڪ ٿي ويون آهن تڏهن حاڪم طبقن چڱيءَ طرح محسوس ڪيو آهي ته سواءِ عوام مان ڪي اڏرائتا طبقا، ٽولا ۽ ڌريون چني پنهنجي پاسي ڪرڻ ۽ عوام سان هيٺاهين ونڻ جي، اڳ جيان رڳو ڏنڊي جي زور تي حڪومت هلائي نه سگهنداسون. ٻئي طرف اڳ جيڪو ڪن ماڻهن جو اهو خيال هو ته هڪ صوبي جا ماڻهو مڙس ماڻهو ٿي ڏنڊو ڪڍندا ته هڪدم پنهنجا حق تڙي ڪڙي وٺي ويندا ۽ ڪين ٻئي ڪنهن سان اتحاد ڪرڻ جو لاچار ٿي ڪونه پوندو، سا ڳالهه موجوده حالتن ۾، عوام جي سجاڳيءَ جي موجوده سطح جي مد نظر، صحيح ثابت نه ٿي آهي. نندين صوبن جا جيڪي ماڻهو روزمره جي عملي سياست ۾ سرگرم آهن تن مان گهڻو ڪري سڀني ليڊرن ۽ ڪارڪنن چڱيءَ طرح محسوس ڪيو آهي ته موجوده

صورتحال ۾ طاقت جو توازن اهڙو آهي جو ڪنهن به صوبي جا ماڻهو موجوده حالتن ۾ اڪيلي سر پنهنجا مقصد حاصل ڪري نٿا سگهن. تنهن ڪري سواءِ فقط ننڍين صوبن جا ماڻهو رڳو پاڻ ۾ ٻڌي ڪن ته به جيتري ٻڌي عوام جي سڄاڳيءَ جي هاڻوڪي حالت ۾ ۽ هينئر ممڪن آهي ۽ جيتري ايندڙ ويجهڙائيءَ واري وقت ۾ ممڪن آهي تنهن جي زور تي سڄي ملڪ جي عوام دشمن کي قطعي ۽ فيصلي ڪن شڪست ڏيئي سگهن سا ڳالهه جيڪڏهن بنهه ناممڪن نه ته تمام گهڻو مشڪل ضرور نظر اچي ٿي. خود اهڙا ماڻهو جيڪي سمجهن ٿا ته حاڪم طبقن جا پرڪار اهي ئي رهندا تنهنڪري صوبن جو پاڻ ۾ گڏ گذارو ڏاڍو ڏکيو آهي سي به محسوس ڪرڻ لڳا آهن ته معاملي جو پس پيش حل ڪهڙو به ڪڍي ڏئي پر سواءِ سڀني صوبن جي گڏيل جدوجهد جي اهو ليکو ڪونه چٽندو.

ٻئي طرف پنجاب ۽ ڪراچي شهر جي پورهيت ۽ جمهوريت پسند قوتن ۳۰ سال زور آزمائي ڪري ڏٺو آهي ته سواءِ ننڍين صوبن جي عوام جي حمايت جي هو پنهنجا طبقاتي ۽ جمهوري حق هرگز هرگز حاصل ڪري نه ٿا سگهن. ان ڪري ملڪ ۾ هڪڙا به مخالف ۽ ساڳئي وقت هڪ ٻئي سان ميل ڪائيندڙ سياسي لاڙا پيدا ٿيا آهن. پهريون هي آهي ته نه رڳو وڏي ۽

بالادست صوبي پنجاب جي عوام ۾ پڻ ڪنهن نہ ڪنهن
حد تائين ڪراچيءَ جي نون ماڻهن ۾ پڻ نہ رڳو
طبقاتي سجاڳي وڌي رهي آهي پر ڪين اها خبر پوڻ
شروع ٿي آهي تہ قومي مسئلي تي حاڪم طبقي جي
وات وٺڻ سان ڪين فائدو گهٽ ۽ نقصان
گهڻو پهچي رهيو آهي. هنن ڏنو آهي تہ اسان ٣٠
سال اها وات ورتي آهي پر مکيہ فائدو رڳو ٿورو ۽
ظالم حاڪم طبقن ۽ سندن چاڙتن ورتو آهي. ان جي
ابتڙ پيو لاڙو ننڍن صوبن ۾ اهو اسري رهيو آهي تہ
پنجاب ۽ سنڌ جي ڪراچي شهر جي عوام جي سياسي
۽ طبقاتي سجاڳي جيتري وڌيڪ هوندي، ننڍن صوبن
جي عوام جي حق پرست جدوجهد کي اوتري وڌيڪ
هٿي اچي سگهي ٿي. آهستي آهستي اها ڳالهہ سيني
صوبن جي سمجهو ۽ عوام دوست ماڻهن کي صاف نظر
اچڻ لڳي آهي تہ پنجاب ۽ ڪراچيءَ جي مزدورن،
هارين ۽ ٻئي عوام جي طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد
ننڍن صوبن جي عوام جي قومي جدوجهد لاءِ ۽ قومي
جدوجهد انهن علائقن جي عوام جي جمهوري ۽ طبقاتي
جدوجهد لاءِ نقصانڪار ناهي. انهن جدوجهدن جي وچ ۾
نڪر هڪ ٻئي بدران پاڻ ساٿ هڻڻ گهرجي جو تہ اهي
جدوجهدون هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. ۽
في الحال ائين ٿو نظر اچي تہ انهن مان ڪابہ هڪڙي
ٻيءَ کان الڳ ڪامياب مشڪل ٿي سگهي. سيني

کئي ياد آهي تہ ايوبي آمريت خلاف جدوجهد شروع سنڌ، بلوچستان، سرحد مان ٿي، اڳتي بنگال وڌائي، ۽ ان جو ڪامياب انت سڀني صوبن ۾ گڏ هلايل آخري زبردست جدوجهد ذريعي ٿيو. پنڊي صاحب جي حڪومت جي مخالفت بہ پهريائين ننڍن صوبن مان ٿي. اهي صوبا هشيار ڦٽا ڪري ڇڏين ها تہ پوءِ واري وڏي تحريڪ اهڙي آسانيءَ سان هلي ٿي ڪا نہ سگهي ها. پر ان پوئين تحريڪ کان سواءِ وڏي ننڍن صوبن جون جدوجهدون مشڪل ڪامياب ٿين ها. ساڳيءَ طرح سڄي ملڪ جا ڪيترا ايماندار ۽ سمجهو ماڻهو براڙي قسم جي سورنهن آنا ٺڳي، فريب ۽ بدمعاشيءَ واري آل پاڪستان سياست کي سموري عوام لاءِ نقصانڪار سمجهڻ لڳا آهن. هاڻ اهو لاڙو آهستي آهستي ۽ زور وٺي رهيو آهي تہ عوام جي سڀني ڌرين کي هڪٻئي سان وهنوار ڪرڻ کپي ۽ حاڪم طبقن جي چوڻ تي لڳي هڪٻئي سان رڳو ڳهويون نہ هڻڻ گهرجن نہ تہ ملڪ جي عوام جي سياست جو چرخو هلي نہ سگهندو.

## پنهنجو تنظيمي تڏ، پنهنجو نظريو

٧ـ اڳ سنڌ ۽ ننڍن صوبن جي قومي ۽ طبقاتي سياست جي نيڪيداري ڪراچي جي هڪ خاص ٽولي جي هٿ ۾ هوندي هئي، جيڪو ملڪ جي مظلوم عوام سان ساٿ ڏيڻ بدران جماعت اسلاميءَ سان سنگت رکيو

جي چنڊ چاڙ ڪرڻ ذريعي حاصل ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح اسان وٽ پنهنجا عوام دوست ۽ وطن دوست تنظيمي تذا ۽ آزمايل ڪارڪن به موجود آهن. هاڻ اسان کي ڌارين جي تنظيمي درن تي ڌڪا جهلڻ ۽ پنهنجي سموري سياسي لڏ انهن تي لاهڻ، پاڻ بادو بي مدار ڌي ويهي رهڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي.

## اتحاد جو صحيح نظريو

٩ـ مختلف اختلافي ڌرين جي پاڻ ۾ اتحاد ڪرڻ ۽ ان کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ جو نظريو به هاڻي بلڪل صاف ۽ واضح ڏي اسان جي اڳيان آيو آهي. ان جو تت هي آهي:

(١) اتحاد انهن سان نہ ٿيندو آهي جيڪي اسان سان سورهن آنا متفق هجن پر انهن سان ٿيندو آهي جيڪي اسان سان ڪجهہ اختلاف رکندا هجن.

(٢) اتحاد جي معنيٰ اتحادين جي رڳو تائيد ڪرڻ ڪانهي پر ساڻن اختلاف ڪرڻ ۽ مٿن تنقيد ڪرڻ بہ آهي.

(٣) اتحاد رڳو هڪڙي ڌر سان ڪري فقط ان تي پاڙڻ ويهڻ جي ضرورت ڪانهي، ٿي سگهي ٿو انهن سمورن ڌار ڌار ماڻهن سان ڌار ڌار اتحاد ٿيڻ گهرجن جيڪي اسان سان بہ چار آنا، يا ڪن حالتن ۾ رڳو آنو ٽڪو يا مورڳو پئسو پائي به اتحاد ڪري سگهندا هجن ۽ باقي سمورين ڳالهين ۾ اسان سان اختلاف

رکي ڏلي اسان جي مخالفت به ڪندا هجن.

(٣) پنهنجي سموري سياست جي لڏ ڪنهن خاص اتحاد تي لاهي ان ۾ ضم ڻي ويهي نه رهڻ گهرجي. اتحاد کان الڳ پنهنجو تنظيمي وجود نه رکو باقاعدي قائم رکجي پر ان کي زور وٺائي مضبوط به ڪندو رهجي، نه ته ماڻهو ڳڻائيءَ واري ۽ زوراور اتحادي ڌر جو محتاج ٿي پوندو ۽ اتحاد ناڪام ثابت ٿيندو.

(٥) اتحاد اندر توڙي ٻاهر مقرر حدن اندر پنهنجي خود مختاري ۽ عمل جي آزادي اهڙي نموني برقرار رکجي جو اتحاد کي به اڃايو ڇيهو نه رسي ۽ پنهنجي عوام جي خدمت جي صلاحيت به برقرار رهي ۽ وڌندي، ويجهندي رهي.

(٦) اتحادي ڌرين اندر ضرور ڪيترائي ڪٽر رجعت پرست هوندا. انهن مان اها اميد هرگز نه رکڻ گهرجي ته ڪي هو اتحاد ڪرڻ شرط اشراف ٿي ويندا ۽ پنهنجون حرڪتون بند ڪري ڇڏيندا. اهي اتحاد جو ناجائز فائدو وٺي پنهنجون حرڪتن ٻاڻ اڃا به وڌائيندا ۽ تيز ڪندا. ان ڪري اتحاد جو لحاظ ڪري، اهڙين بدمعاشيءَ وارين ڪٽر رجعت پرست حرڪتن کي سدائين برداشت ڪندو رهڻ جو ڪو به ضرور ڪونهي. ائين ڪرڻ سان پاڻ هنن جو من رڌي ويندو. ان ڪري جڏهن به مقابلي لاءِ واجبي سبب هجي ۽ ان ۾ سرسي ڪرڻ لاءِ حالتون سازگار هجن

ٽڏهن گهربل ڀرپور تياري ڪري مناسب ۽ موزون وقت ۽ حالتن ۾ رجعت پرستن کي ضرور ٻه ضرور لغام ڏيڻ گهرجي. البت ڪنهن به جهيڙي کي اجائي ڊيگهه ڏيڻ کان پرهيز ڪرڻ کپي. فيصلو ٿي سگهي ته بنا دير ڪري ڇڏڻ گهرجي.

(٧) اتحاد جي حرص ۾ پنهنجي عوام کان ڪڏهن به هرگز ڪٽجي نه وڃڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو اتحاد جي گڏيل طاقت جي نشي ۾ ماڻهو اهڙو چُور ٿي وڃي جو ڪيس پنهنجي پرائي جو سماءُ ئي نه پوي.

(٨) پنهنجي ڪارڪنن کي اتحادين کان خراب لاڙا پرائڻ نه ڏجن. سندن هر وقت رهبري ڪندو رهجي ته جيئن هو خوشامد، فتني ۽ سازش جو شڪار ٿي ڪاڏي پيتي، معتبري ۽ لئي بازي، آڪڙ ۽ تڪبر، لالچ ۽ هوس جي علتن ۾ مبتلا ٿي خراب ۽ گدا نه ٿي پون.

(٩) ممڪن آهي ته اتحاد هنديءَ اتحاد ۾ شامل ڪي رجعت پرست اتحاد جي چوغي کي عوام دشمن مقصدن لاءِ ڪتب آڻيندي، پاڻ ۾ سازش ڪري، عوام ۾ ڪوڙيون گمراهون ڪري، سندس اصل موقف کي ٻوڙي مروڙي، ڪيس عوام کان ڪاٽي ۽ ختم ڪري ڇڏڻ جون ڪوششون ڪن. ان لاءِ هر وقت خبردار ۽ پوري سجاڳ رهڻ گهرجي ۽ هر قسم جي سازش ۽ فتني کي

منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي. ڪڏهن به غافل ۽ ويسلو نه رهڻ گهرجي.

(١٠) اهڙي طرح اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهڻ کپي ته سياسي اتحادن جي ڪري سياسي اختلاف ۽ تضاد، سياسي چٽاڀيٽيون ۽ مقابلا صفا ختم نٿا ٿين پر رڳو هڪڙو نئون روپ اختيار ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته ڪن خاص گڏيل مقصدن خاطر اختلاف، تضاد، چٽاڀيٽيون ۽ مقابلا هڪڙي مقرر حد اندر محدود ڪيا وڃن ٿا ۽ کين هڪ مقرر روپ ڏنو وڃي ٿو. پر کين صفا ختم نٿو ڪيو وڃي.

(١١) انهن ڳالهين کي هر وقت ۽ پوري طرح ڌيان ۾ رکندي، پنهنجي اتحادين سان سچائي، خلوص ۽ برابريءَ جي هلت ڪرڻ گهرجي ۽ اتحاد جو ناجائز فائدو وٺڻ نه گهرجي. اتحادين خلاف سازش ۽ فتني کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. پنهنجي ذات ۽ ٽولي جي مفادن بدران عوام جي وسيع ۽ ڊگهي عرصي وارن توڙي ٻين مفادن جو خيال رکڻ گهرجي. هر وقت اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته اتحاد عوام جي فائدي لاءِ وڌيڪ وسيع ۽ وڌيڪ گهرو ٿئي ۽ زور وٺي.

## اتحاد بابت غلط لاڙن سان مقابلو ڪريو

جيڪي ماڻهو اتحاد جي ضرورت کي اصولي طرح قبول ڪن ٿا تن سڀني جو اتحاد ڏانهن رويو ساڳيو ڪونهي. ڪي اهڙا به هوندا جي اتحاد کي فقط

ننڍن صوبن جي عوام جي زبردستي اڳواڻ ٿيڻ واري
ضد تان لهي ٿا وڃون ۽ سچيءَ دل سان سندن پٺ
وٺڻ لاءِ تيار آهيون. هو جيڪا به صحيح ۽ انقلابي
واٽ اسان کي ڏسيندا. اسين سچيءَ دل سان ان
تي هلنداسون."

پر ڏسجي ٿو ته اهڙي قسم جي ماڻهن ۾ اهڙي
سڌاري جي اڃا نوبت ڪانه آئي آهي. هينئر ان قسم
جا ماڻهو اڳلو عوام جي مٿان پنهنجي غلط بالادستي
۽ جمعداري وڌيڪ ڄمائڻ جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف
ڏسبا. هو چاهين ٿا ته ننڍن صوبن جا عوام، خاص ڪري
سنڌي عوام سدائين سندن ڏيجُ، رعيت ٿي رهن. هو سنڌ
جي عوام ۽ سندن ڪارڪنن کي پنهنجي سياسي هوم-
-راءِ جون سريتون ڪري هلائڻ گهرن ٿا ۽ پائين ٿا
ته هو جيڪا به ڳالهه پولهه ڪرڻ گهرن سا فقط ساڻن
ڪن ۽ ٻي ڪنهن سان به نه ڳالهائين. جي ٻئي ڪنهن
سان ڳالهائڻو هجين ته سندن موڪل سان ۽ سندن معرفت
ڳالهائين، نه ته نه. سنڌي ماڻهو ملڪ جي ٻين ماڻهن
يعني بلوچن، پٺاڻن ۽ پنجابين وغيره سان ڪنهن سا
به پنهنجي منهن نه ڳالهائين.

سنڌي ماڻهن جون وطن دوست تنظيمون سندن چاڙتن
جون به چاڙتيون بنجي رهن ۽ سندن اشارن تي هلن.
عوامي تحريڪ عوام جي فائدي لاءِ ملڪ جي گهڻين
وطن دوست، عوام دوست ۽ جمهوريت دوست ڌرين سان

لاڳاپا رکندي آئي آهي؛ اها سڄي ملڪ جي ماڻهن جي وسيع عوامي جمهوري اتحاد لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهي آهي. عوامي تحريڪ جي انهيءَ عوام دوست پاليسيءَ کي روڪڻ ۽ ناڪام بنائڻ لاءِ ان قسم جي ماڻهن پنهنجي مختلف پهروپن ۾ لکل کن چاڙتن هٿان سندن رسالن ۾، عوام دوست پاليسيءَ جي اڻ مڏي طرح مخالفت شروع ڪئي آهي ۽ ڌمڪيون ڏيڻ لڳا آهن ته جي اسان جي موکل بڻا ملڪ جي پين ڌرين سان ڪا ڳالهه ٻولهه ڪندا ته اسين توهان جي خلاف ڪوڙيون پروپيگنڊائون ڪري توهان کي ختم ڪنداسون. ظاهر آهي ته ننڍين صوبن جا عوام ۽ خاص ڪري سنڌي عوام ۽ عوامي تحريڪ جهڙي انقلابي وطن دوست پارٽي هن قسم جا بي واجبي ۽ ناجائز مطالبا قبول نٿا ڪري سگهن.

## سنڌي عوام کي اڪيلو رکڻ جي سازش ناڪام بڻايو!

عوام چون ٿا ته اها بلڪل بي واجبي ڳالهه آهي ته، جڏهن سڄي ملڪ جا وڏيرا، جاگيردار، سرمائيدار جيڪي سڄو ڏينهن هڪٻئي جون ڏاڙهيون پيا پٽيندا هئا سي اڪ چنبي ۾ پاڻ ۾ هڪ ٿيي وڃن ٿا، تڏهن ان تي ڪنهن کي به ڪو به اعتراض نٿو ٿئي؛ جڏهن بلوچستان ۾ هيڏي فوجي لڪر ۽ خونريزيءَ کان پوءِ بلوچن ۽ پٺاڻن جو اڳواڻ ولي خان فوج جي ڪمانڊر

انچيف سان ڪچهريون ڪري ٿو ته ان ۾ ڪنهن کي
ڪابه اربع خطا نظر نٿي اچي ۽ جڏهن ڪراچيءَ جا
ساڃين توڙي ڪابين ڏرين جا سياسي ٽولا پنجاب جي
سياسي ٽولن سان هردم ڪچهريون ۽ پڌيون ڪن ٿا ۽
هڪٻئي کي ڳرائيون پائين ٿا ته ان ۾ ڪنهن کي
به ڪا اعتراض جوڳي ڳالهه نظر نه ٿي اچي. باقي
جيڪڏهن سنڌ جا عوام سرحد، پنجاب ۽ بلوچستان جي
اڳواڻن سان ملڻ جي ڳالهه ڪن ته پرمارن ۽ سنڌن
لڪل مڪاني چاڙتن کي ڏيڊ پٽ مچائڻ جو ڪهڙو
حق آهي؟ صاف ظاهر آهي ته سنڌ جا دشمن ۽ سنڌن
ظاهري توڙي لڪل چاڙتا هڪ طرف سنڌين کي
زبردستيءَ اڪيلو، بي واهو ۽ نڌڙڪو ڪري رکڻ گهرن
ٿا ۽ ٻئي طرف سنڌن خلاف پنهنجي طاقت پنجوڙي
ڇهوٽي رکڻ گهرن ٿا، ان ڪري هو هڪڙي پاسي
سنڌين کي ٻئي ڪنهن سان ڳالهائڻ نٿا ڏين ته مٿان
ڪير سنڌن ساٿي نه بنجي پوي ۽ سنڌن طاقت وڌي
نه وڃي ته ٻئي پاسي هو پاڻ نه رڳو ملڪ اندر پر
ان کان ٻاهر به سڄيءَ دنيا ۾ ننڍن صوبن جي ماڻهن
خلاف ناپاڪ اتحادن جو هڪڙو وسيع ڄار وڇايو ويٺا
آهن. ان صورتحال جو برقرار رهڻ ۽ سنڌين جو سڄي
ملڪ کان ۽ سڄي دنيا کان ڪٽيل رهڻ ۽ پرمارن
جو محتاج ٿي رهڻ اهي ڳالهيون سنڌي عوام لاءِ
بلڪل نقصانڪار آهن. ان مان فائدو رڳو عوام جي

دشمنن کي رسي ٿو.

## ڀلي ڀڃيا رنڍيون ڪن

تنهنڪري سنڌي عوام ۽ عوامي تحريڪ ان صورتحال کي قبول يا برداشت ڪري نٿا سگهن. پرمار ۽ سنڌن چاڙتا ڀلي ڪٿي ڪيڏيون به رنڊون ۽ ٻاڪارون ڪن، ڪيڏيون به اکيون ڦرڻاربن ۽ دهمان پٽن پر سنڌي ماڻهو ۽ سنڌن انقلابي وطن دوست پارٽيون، عوامي تحريڪ ملڪ جي سمورين وطن دوست، عوام دوست ڌرين سان ڪيترن به اختلافن جي هوندي به، ساڻن سڀ-طرفا لاڳاپا قائم ڪرڻ ۽ وڌائڻ جون ڪوششون جاري رکندي، ڇو ته اها ڳالهه سنڌي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ لازمي آهي. سنڌي ماڻهن کي ضرورت آهي ته ڪين معلوم هجي ته ولي خان، خير بخش مري، بزنجو، عطا الله خان وغيره ۽ سنڌن پوئلڳ سي ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ بابت ڇا ٿا سوچين ۽ هو اسان سان ڪيتري حد تائين تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهن. اسان کي خبر پوڻ کپي ته شير محمد مري، افضل بنگش، ميجر اسحاق، سي-آر اسلم، عزيز السلام بخاري، ۽ ٻين ان قسم جي کاٻي ڌر جي ماڻهن جي ملڪي سياست بابت سوچ ڇا آهي ۽ هنن مان اسان کي ڪيتري ۽ ڪهڙي قسم جي سلوڪ ۽ ساٿ جي توقع رکڻ کپي. مطلب ته اسان کي هر وقت بدلجندڙ ملڪي سياسي صورتحال تي چوويهه ڪلاڪ نظر رکڻي آهي، ۽ پنهنجا سڀ ڳس

۽ رستا هر وقت کليل رکنا آهن. قومي ۽ طبقاتي سياست هڪڙي روز مره جو پورهيو ۽ ڌنڌو آهي. اهو روز ۽ هر گهڙي پيو ڪبو ۽ پنهنجي عوام جي مرضيءَ ۽ فائدي موجب ئي ڪبو. پرائي مرضيءَ تي هلبو ته نقصان ٿيندو.

## اتحاد لاءِ اورچائيءَ سان جدوجهد جاري رکو!

ٻئي طرف انهن غلط ڳالهين ڪرڻ جي باوجود اهڙي قسم جا ماڻهو جنهن حد تائين پنهنجي حرڪتن کان باز آڻي سگهجن ۽ ڪين عوام لاءِ جنهن حد تائين ڪارائتو بنائي سگهجي، ان حد تائين ساڻن محدود اتحاد ٿي سگهي ٿو ۽ ڪرڻ کپي. جو ته عوام کي هن وقت هر قسم جي پڪن، اڌ پڪن ۽ ڪچن، سچن توڙي اڌ ڪچن مددگارن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهڙا ماڻهو پنهنجي پاليسي ۾ بنيادي سڌارا آڻين ته پوءِ ساڻن وڌيڪ ويڪرو ۽ گهرو اتحاد به ڪري سگهجي ٿو ۽ ٿيڻ کپي.

اتحاد بابت اهي ۽ ٻيا ڪئين مسئلا نه رڳو اتحاد کان اڳ موجود آهن پر جيڪڏهن ڪو اتحاد ٿيو ته ان کان پوءِ به اهي ساڳيا مسئلا رهندا بلڪ اڃا زور وٺندا ۽ نوان مسئلا به پيدا ٿيندا رهندا. تنهنڪري انهن حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي ذهني، تنظيمي ۽ سياسي طرح اڳواٽ ئي تيار رهڻ گهرجي. آخر ۾ اسان کي ان لاءِ به اڳواٽ تيار رهڻ گهرجي ته اسان جي

بهترين ۽ پورين پورين ڪوشش جي باوجود به ڪوبه ڪارائتو اتحاد في الحال قائم نه ٿي سگهي يا جيڪڏهن ٿئي به ڪٿي ته به تـرت ڀڄـي پـوي. انهن پنهي حالتن ۾ اسان کي هرگز مايوس ٿيڻ نه گهرجي ۽ حالتن کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ گهرجي.

جيڪڏهن انهن ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي سچائي، خلوص، اورچائي، دوراندیشيءَ ۽ ڏاهپ سان لڳاتار اڻانگي جدوجهد ڪبي رهبي ته نيٺ ڏاڪي به ڏاڪي يا آهستي آهستي سڄي ملڪ جو وسيع عوامي جمهوري اتحاد قائم ڪري سگهبو ۽ ان کي سلامت رکي، وڏائي ويجهائي ڪاميابيءَ سان هلائي سگهبو.

[تحريڪ، جنوري ١٩٧٨ع]